فيبروري ۱۹۳۸ع

سنڌو

ايڊيٽر:- ٻولچند وسومل راجپال

چندو چار روپيه
قيمت:- ڇهه آنا

ايشن انشورنس ڪمپني لميٽيڊ

برپا ٿيل ١٩١٠ع — هيڊ آفيس بمبئي

خاص خوبيون :-

دائما بيڪاري ۽ ٻڍاپي ۾ سهائتا

گهر ٺاهڻ لاءِ سهائتا

گولڊن (سونهري) پاليسي

ٻٽي ٽيڻي ٻٽي پاليسي

اتفاقي موت تي ٻٽي رقم

ايجنٽ جون ڪميشنون دائما چالو

لکپڙه ڪريو:-

پرسرام وشن سنگهه ٿهلراماڻي بي-اي.

برانچ سيڪريٽري سنڌ ۽ بلوچستان

چيف ايجنٽ:-

راجپال ۽ ڪمپني شڪارپور سنڌ

آرگنائيزر:-

لکميچند نارائڻداس ڪراچي.

دي لڪشمي

[برپا ٿيل ١٩٢٤ع ۾]

جا سنڌي حياتين جي ويمي ڪمپنين جي سرمور آهي.

نئون ڪم ٣٠-اپريل ١٩٣٧ع تائين ملهه ١،٥١،٠٠،٠٠٠ روپيه

[هڪ ڪروڙ ۽ ايڪونجاه لک]

بونس :- دائمي حياتيءَ جي پاليسيءَ تي هڪ هزار تي ويهه روپيه سال ۾

مدي واريءَ پاليسيءَ تي هڪ هزار تي ١٦ روپيه سال ۾

ڪليمن جي تڪڙي نيڪال ڪرڻ ۾ مشهور، جنهنجون برانچون ساري هندوستان، برما ۽ سائوٿ آفريڪا ۾ آهن.

ڪراچي ۾ بندر روڊ تي ڪمپنيءَ لاءِ عمدي ڇهه ماڙ جاءِ تيار ٿي رهي آهي جنهن تي اٽڪل پنج لک روپيه خرچ لڳي ويندو.

وڌيڪ حقيقتن لاءِ لکپڙه ڪريو:- برانچ سيڪريٽري

لڪشمي انشورنس ڪمپني لميٽيڊ بندر روڊ ڪراچي.

نقلي مال کان پاڻ بچايو!

هميشه خريد ڪريو

جي - بي منگهارام ڪمپنيءَ جا اوچا سوديشي ڪٽمنڙا

جي هندوستان ۾ سڀ کان سٺا، عمده ۽ لذيذ ثابت ٿيا آهن

ڇاڪاڻ ته

١- "J.B" مارڪي وارا ڪٽمنڙا اوچيءَ سوديشيءَ کنڊ مان، تندرستيءَ جي اصولن موجب (Modern) **ماڊرن** نموني ۾ اسٽيم جي ذريعي تيار ڪيا وڃن ٿا.

٢- منجهن (Glucose) **گلوڪوس** (طاقت ڏيڻ واري شيءِ) 40% (چاليه سيڪڙو) ڪم آندو وڃي ٿو، جنهنڪري هي ڪٽمنڙا خوراڪي پرڪٽا طاقت بخشيندڙ ۽ هاضمو سڌاريندڙ ثابت ٿيا آهن.

٣- (Essences) **اسينس** تمام اُچيءَ (Quality) **ڪوالٽيءَ** جا، دل کي وڻندڙ ۽ تازن ميون جي خوشبوءِ ڏيندڙ ڪم آندا وڃن ٿا.

٤- (Harmless Vegetable Colours) يعني **سٺا رنگ** ڪم آندا وڃن ٿا، جي تندرستيءَ کي ڪو به نقصان نٿا پهچائين.

٥- هن ڪمپنيءَ کي مال جي سٺائيءَ صفائيءَ ڪري سون سرٽيفڪيٽ ۽ سونا ٻيلا انعام مليل آهن.

نوٽ:- هرهڪ ڪٽمنڙي تي "J.B" نالو ڏسي پوءِ خريد ڪريو جئن دوڪاندار توهان کي نقلي مال نه ڏين.

جي - بي منگهارام اينڊ ڪو

هاءِ ڪلاس ڪنفيڪشنري ۽ بسڪوٽ مئنيو فئڪچررس

سکر (سنڌ)

نقلي مال کان پاڻ بچايو!

هميشه خريد ڪريو

جي - بي منگھارام ڪمپنيءَ جا اوچا سوديشي ڪٽمنڙا

جي هندوستان ۾ سڀ کان سٺا، عمده ۽ لذيذ ثابت ٿيا آهن

ڇا ڪاڻ ته

١- "J.B" مارڪي وارا ڪٽمنڙا اوچيءَ سوديشيءَ کنڊ مان، تندرستيءَ جي اصولن موجب (Modern) **ماڊرن** نموني ۾ اسٽيم جي ذريعي تيار ڪيا وڃن ٿا.

٢- منجهن (Glucose) **گلوڪوس** (طاقت ڏيڻ واري شيءِ) 40% (چاليه سيڪڙو) ڪم آندو وڃي ٿو، جنهنڪري هي ڪٽمنڙا خوراڪي پورا طاقت بخشيندڙ ۽ هاضمو سڌاريندڙ ثابت ٿيا آهن.

٣- (Essences) **اسينس** تمام اُچيءَ (Quality) **ڪواليٽيءَ** جا، دل کي وڻندڙ ۽ تازن ميون جي خوشبوءِ ڏيندڙ ڪم آندا وڃن ٿا.

٤- (Harmless Vegetable Colours) يعني **سٺا رنگ** ڪم آندا وڃن ٿا، جي تندرستيءَ کي ڪوبه نقصان نٿا پهچائين.

٥- هن ڪمپنيءَ کي مال جي سٺائيءَ صفائيءَ ڪري سوين سرٽفڪيٽ ۽ سونا ٻلا انعام مليل آهن.

نوٽ:- هرهڪ ڪٽمنڙي تي "J.B" نالو ڏسي پوءِ خريد ڪريو جئن دوڪاندار توهان کي نقلي مال نه ڏين.

جي - بي منگھارام اينڊ ڪو

هاءِ ڪلاس ڪنفيڪشنري ۽ بسڪوٽ مئنيو فئڪچررس

سکر (سنڌ)

فهرست

نمبر	ليک	ليکڪ	صفحو
١	ڪافي	فقير غلام علي	١
٢	صلح جي صدا	پرنسيپال ٽيڪومل شهاڻي، ايم-اي.	٢
٣	چونڊ چٽڪا	... ...	١٦
٤	بدريناٿ ياترا	ولبداس چونيلعل پروهت	٢١
٥	بيت	شاهو فقير	٣٠
٦	گلا	هيرانند سوڀراج ميرچنداڻي بي-اي	٣١
٧	چندرا (آکاڻي)	تاراچند روچيرام (قتيل)	٣٣
٨	ڊاڪٽر اقبال جو شعر ۽ شاعري	پروفيسر مولچند ٺڪر، ايم-اي.	٤٠
٩	ربيات	ديوان نرملداس فتحچند	٤٤
١٠	پنڊت جواهرلعل (شعر)	منگهارام شيوڪرام [مستان]	٤٥
١١	صوفي ساڌنا ۽ سنت	آتمارام ساڌورام ڪتاريا	٤٦
١٢	چتاوڻيون	سوڀراج نرملداس [فاني]	٥٤
١٣	حضرت عيسيٰ ۽ دنيا (شعر)	موٽڻداس ٽيڪومل	٥٥
١٤	مان ولايت ۾ ڇا ڏٺو	شريمت شيامرلعل، ايم-اي.	٥٧
١٥	رشيا ۾ مذهب خلاف جهاد	ماڌوداس شوالومل	٦١
١٦	ڪافي	دريا خان فقير	٦٧
١٧	اتحاد تورانيت	مولائي شيدائي	٦٨
١٨	سک ۽ شانتي	ارجنداس تارواڻي، [فنا].	٧٣
١٩	وڏي دل (شعر)	شريمت ڪشنچند ڪتري، [بيوس]	٧٦
٢٠	نيوز، نوٽس ۽ ڪمينٽس	... ...	٧٧

اوهان ورتو آهي؟ مهاتما گانڌي ۽ جو تازو لکيل "برهمچريه" ڪتاب.

قيمت فقط چار آنا. معرفت "سنڌو آفيس" ميان جو ڳوٺ

هيءَ اخبار مسٽر بولچند وسومل راجپال بي-ايس سي "راجپال پريس" ميان جي ڳوٺ ۾ ڇپي پڌري ڪئي.

فهرست

نمبر	ليک	ليکڪ	صفحو
١	ڪافي	فقير غلام علي	١
٢	صلح جي صدا	پرنسيپال ليکو مل ٺهاڻي، ايم - اي.	٢
٣	چونڊ چٽڪا	... ...	١٦
٤	بدريناٿ يا ترا	ولڀداس چونيلعل پروهت	٢١
٥	بيت	شاهو فقير	٣٠
٦	گلا	هيرانند سوپراج ميرچنداڻي بي - اي	٣١
٧	چندرا (آکاڻي)	تاراچند روچيرام (قتيل)	٣٣
٨	ڊاڪٽر اقبال جو شعر ۽ شاعري	پروفيسر مولچند ٺڪر، ايم - اي.	٤٠
٩	رباعيات	ديوان ٽرملداس فتحچند	٤٤
١٠	پنڊت جواهرلعل (شعر)	منگهارام شيوڪرام [مستان]	٤٥
١١	صوفي ساڌنا ۽ سنت	آتمارام ساڌورام ڪٽاريا	٤٦
١٢	چتاوڻيون	سوپراج ٽرملداس [فاني]	٥٤
١٣	حضرت عيسيٰ ۽ دنيا (شعر)	موٽڻداس ليکومل	٥٥
١٤	مان ولايت ۾ ڇا ڏٺو	شويت شيامرلعل، ايم - اي.	٥٧
١٥	روس ۾ مذهب خلاف جهاد	ماڌوداس شوالومل	٦١
١٦	ڪافي	دريا خان فقير	٦٧
١٧	الحاد نورانيت	مولائي شيدائي	٦٨
١٨	سک ۽ شانتي	ارجنداس تارواڻي [فنا]	٧٣
١٩	وڏي دل (شعر)	شويت ڪشنچند ڪتري [بيوس]	٧٦
٢٠	نيوز، نوٽس ۽ ڪمينٽس	... ...	٧٧

اوهان ورتو آهي؟ مهاتما گانڌي ۽ جو تازو لکيل "برهمچريه" ڪتاب.
قيمت فقط چار آنا. **معرفت "سنڌو آفيس"** ميان جو ڳوٺ

هيءَ اخبار مسٽر ٻولچند وسو مل راجپال بي - ايس سي "راجپال پريس" ميان جي ڳوٺ ۾ ڇپائي پڌري ڪئي.

سال ۷] فيبروري ۱۹۳۸ع [انڪ ۷۴

ڪافي

[روپ جوڳ]

مارن کي اوسانگن کي سڪيو ساهه ساري - وهان ڪئن
وساري.
(۱) سانئين لڳي سومرا ميان لا - وڙهيچن کي واري
محبت انجي ماري.
(۲) آهن ڪم ڪريم تي ميان لا - وڏا مون ٽان واري
کهڙي ڏوهه ڏهڪاري.
(۳) ڏونيئڙا ٽان ڏيهه ۾ ميان لا - ڏور منجهه ڏيکاري
عشق جي آري.
(۴) شاهو شاهه وواج اسانکي وي ميان - ڀرتون ڀرپياري
نظر نيهن نهاري.
(۵) غلام علي ووهن ري ميان لا - گوندر منجهه گذاري
همت گهڙي نه گهاري.

فقير غلام علي

صلح جي صدا
يا
بچاءَ وارو اُپاءُ

ليکڪ:- پرنسيپال تيجومل ڪرمچند شهاڻي، ايم-اي.

[دنيا ۾ چوڌاري اشانتي ڦهليل آهي. اسپين جي گهرو لڙائي اڃا چالو آهي. جاپان، چين کي ڳرڪائڻ سانگي ان مٿان بمگولن، زهري گئس ۽ بندوقن سان تباهي آڻي رهيو آهي. اٽلي ضعيف ابيسينيا کي هڙپ ڪري ويو آهي. جرمني پڻ ڪرڪٽي رهيو آهي. انهي حرص جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو تنهنجو اندازو ڪرڻ هن وقت ڏکيو آهي. ودوان ليکڪ ثابت ڪيو آهي ته دنيا مٿان جا مهاڀاري لڙائيءَ جي مصيبت اچي ڪڙڪي آهي تنهنجي ٽارڻ لاءِ فقط آميريڪاني ڪارگر هٿيار آهي. ايڊيٽر]

وودرو ولسن جا آدرش

سنه ۱۹۱۴ - ۱۹۱۸ع واري مهاڀاري ويڙهه هلندڙ هئي ته اڪثري ڪنن تي اهو پڙلاءُ پيو پوندو هو ته اها ويڙهه آهي ويڙهه کي نابود ڪرڻ لاءِ يعني ته دنيا مان ويڙهه جي نالي نيشان ٽڙي ڪڍڻ لاءِ. ائين ٿي چيو ويو ته اهو جنگ و جدل جو قصو صلح پسند مخلوقات کي آخرين طور پورو ڪرڻ ضرور آهي جنهن ۾ بي جا ٺز دعوي رکندڙ ۽ فتور اٿاريندڙ قومن، جرمني ۽ آسٽريا، کي شڪست ڏيڻ بعد دنيا ۾ اهڙو آمن آمان ۽ قومي انصاف جو سرشتو جاري ڪيو ويندو جو وري ويڙهه جي واڪي ڪٿي به ٻڌڻ ۾ نه ايندي.

آميريڪا (يونائيٽيڊ اسٽيٽس) جي مهارشي راجنيتگيه پريزيڊنٽ **وودرو ولسن** جڏهن تمام تڏي سيني سان غور ڪرڻ بعد انهيءَ پياڪ يڌ ۾ شامل ٿي اسينگ جرمنيءَ کي گوڏن ڀر آڻي ودو تڏهين هن يوروپ جي پياري قومن کي دائمي صلح ۽ شانتي جي واٽ ۾ لڳائڻ لاءِ پنهنجي طرفان ڪين گهٽايو. سندس چوڏهان نقطا (Fourteen Points) ديس ديسانتر ڦهلايا ويا جنهنجو تات پرج اهو هو ته ”جيتيل دشمن تي ڪا به نه وهائي وڃي، پاڙي جهاڙي وٺڻ يا مال ملڪ کسڻ يا ڪا به بيهودي گهر ڪرڻ مان دائمي راضپي جو امڪان نه رهندو. پر انصاف جي راهه وٺڻ لاءِ سڀني قومن جي عيوضين جي جماعت (League of Nations) اهڙيءَ ڪڙيءَ تي بيهاري وڃي جو ڪا به ضعيف ستايل قوم ڪنهن به باڪي، بيپرواهه، غالب پوندڙ، ناحق ڪندڙ سلطنت کي انهيءَ بين الاقوامي ڪچهريءَ اڳيان رجوع ڪري انصاف

روء ۽ حق حاصل ڪري سگهي. انهيءَ درگاه اڳيان شينهن ٻڪري ٻئي هڪ سمان باز ۽ ڪبوتر جو ڀيد ئي نه رهندو: هٿيار پنوهار ۽ جنگي اسباب خير ڪو ڪم ۾ ايندو. جي ڪا به زبردست قوم عام مت جي برخلاف ڪنهن ضعيف قوم تي هٿ هلائڻ جي ڪندي ته سڀ گڏجي ڪيس ٿالهيون لاهي ساڻس سڀ مالي ۽ ٻيڪتي ڏي وٺ بند ڪري ڇڏيندا ۽ ڪيس سڌي ڪرڻ جا سڀ اُپاءَ ڪم ۾ آڻيندا."

ووڊرو ولسن جا آدرش وڏائي هوا. سندس رهبريءَ هيٺ صلح جي صدا سڻي لوڪن جون دليون ٻُنيون.

قول نامي (Covenant) جي ١٠، ١٦، ١٩ قلم تي آذار

اهو هو سنه ١٩١٨ع وارو آمريڪا جو دنيا لاءِ منو سنيهو. آمريڪا جي جنگي ڪشش ڪري ئي جرمنيءَ جي هار ٿي هئي ۽ آمريڪا وٽان ئي وري شڪست کاڌل ڌرجي دلين تي ٿار وجهڻ لاءِ جاوِدان صلح سانت جو پيغام آيو. انهيءَ پيغام جي آذار تي ئي جرمني آڻ مڃي ۽ پئرس واري صلحي مجموعي (Paris Peace Conference) وقت جا چمڪبازي، حرفت بازي، چالاڪي ۽ تندمزاجي فاتح ڌرجي اڳوانن لائڊ جارج ڪليمنشو ۽ اٽليءَ جي سر پنج بئرن سونينو (Baron Sonnino) ڪري ٻلتي، تنهن ته ويچاري سنت پرش **ووڊرو ولسن** جي آدرشن کي لهت لوڙهي ڇڏيو.

جرمنيءَ سان لسورو ويل وهايو ويو. چڪتاڻ کي جهل ئي ڪانه هئي. جرمنيءَ تي مال، ملڪ، چڻين ڏنڊن، نقصان ڀري ڏيڻ، ڀالت ڀالت جي تقاضائن، ڪروڙن بلڪ اربن پائونڊن جي شمار ۾ ڀاري بوجو ڌريو ويو. سندس بحري ۽ خشڪي فوج ہرطرف ڪٽي وئي ۽جنگي اسباب ۽ سيني بيٺڪن (Colonies) تي قبضو ڪيو ويو. مٿس ويڙه جي سڄي جوابداريءَ جو الزام ڌريو ويو. ڪيس هر ڳالهه لاءِ ڏوهي بنائي خراب خوار ڪرڻ ۾ فاتحن گهٽتائي ئي ڪين.

ووڊرو ولسن جي باقي اها هڪڙي سگهي آشا رهي ته انتر راشٽريه سڀا (League of Nations) دواران **ورسائيل** عهدنامي (Treaty of Versailles) جي سختين جو پس پيش تدارڪ ڪيو ويندو ڇو جو انهي جماعت جي مشهور قول نامي (Covenant) جي ١٩ قلم ۾ هو ته "قومن لاءِ اهنج ايذاء جي دانهن ڪوڪ اُٿائيندي ويندي ۽ انصاف جي نظر سان مالي توڙي ملڪي توڙي سياسي ٻيڪتي ظلمن تي پورو ڌيان ڏنو ويندو."

جرمنيءَ کي به انهيءَ پاڪ دستاويز جي ١٩ قلم ۾ اُميد هئي ته ليگ اهو ساڻس مددگار ٿيندو. قول نامي (Covenant) جي قلم ١٠ ۽ ١٦ ۾ نهايت بلنديءَ سان پڪاريو ويو ته "ويڙه، جهيڙي خواه ڀيانڪ حادثو جو ڪڏهين به ۽ ڪٿي به ڪٿي امڪان ٿئي ته هيءَ انتر راشٽريه سڀا پنهنجي ڪائونسل معرفت پوري ڪوشنا ڪري ٽڪراءَ ٿي ٽهرايل ڏوهي قوم کي پوري لغام هيٺ رکي، جي باز نه اچي ته ساڻس هرطرح جي

مالي، وڻج واپاري ڏي وٺ بندڪري ۽ پرجي حد کان ٻاهر لنگهي وڃي ته ٻيا سڀ گڏجي ويڙهه ۾ کيس شڪست ڏيئي ٻه سڌو ڪنس." مطلب ته اهو سڳورو قول نامون (Covenant) هو جنهن تي هرڪا پوئتي پيل ضعيف قوم ٻه آذار رکي سگهي ٿي ته منهنجي حفاظت لاءِ منهنجو راکو ڪو هڪ ٻه ملڪ يا هڪ ٻه سلطان نه آهن پر ساري دنيا جي سچيار، سڌ ريل، زور ڀريل قومن جو سارو مالي مانداڻو ۽ جنگي اسباب. دنيا جون اکيون هينئر جنيوا (Geneva) سئٽزرلنڊ جي من موهيندڙ ۽ دائمي صلح پسند شهر، ۾ وڃي کتيون. انتر راشٽريه سڀا جو مرڪز جنيوا ۾ مقرر ڪيو ويو: عام بچاءَ، ڪنئي سلامتيءَ ۽ امن امان (Collective Security) جو پاري ڪم انهي "قول نامي" کي ٿي ڪرڻو هو.

شاهوڪار قومون پاڻيءَ پوريون

سنڌيءَ (صلح) ۽ ايڪتا جو مارگ آميريڪا جي پريزيڊنٽ ڏيکاريو هو تنهن کري سڀني جون آسون اُميدون آميريڪا جي اڳوائيءَ تي ٻڌل هيون. پر يونائيٽيڊ سٽيٽس جي قاعدن جوڙيندڙ مجلس (Senate) **وودرو ولسن** سان شامل راءِ نه ٻڌي. ڪنئي سلامتيءَ لاءِ مٿان ڪا قرباني ڪرڻي هئي تنهن بنسبت آميريڪا ڀڄ ڪيڏي ٻڌي. آهي خالي رهڻ جون ڳالهيون ملڪ ۾ غالب پئجي ويون. انکل سؤ ورهيه اڳي سندن هڪڙي مشهور پريزيڊنٽ **منرو** (Munroe) نالي يورپ جي قومن ۽ بادشاهتن کي هڪل ڪئي

هئي ته "خبردار جي ڪا آميريڪا جي ڪنهن به قوم جي ملڪي مالي سياسي هلچل ۾ دست اندازي ڪئي اٿو: جي ڪئي ته ائين جاڻو پيو ڪنيو ته يونائيٽيڊ سٽيٽس اهڙي خصومت کي چڱيءَ پر منهن ڏيندو." انهي متي (Munroe Doctrine) انوسار آميريڪا يورپ کي ائين جتايو ته نه اوهين اسان جا، نه اسين توهان جا. انتر راشٽريه بناوت جو مکيه ٿنڀو ٽٽي پيو. چند مور لڪري ويو باقي رهي ڪانگن جي قطار. مٿان وري ٻه ٻي وڏي ملامت اچي ڪڙڪي جنهن جي سمجهڻ لاءِ پيرانئي ڳالهه ڪرڻ جو ضرور آهي.

ڪسا بن کان جرمني ۽ فرانس چانڊيا مکسي تي رهندا آيا هوا. پندرهين صدي کان وٺي يورپ جي اڪثري هرڪنهن وڳوڙ ۾ هي ٻئي بادشاهتون ٽپي پونديون آيون. جرمني (آسٽريا) هڪ طرف ته فرانس ٻي طرف. رفته رفته فرانس طاقت حاصل ڪندو ويو يعني مٿاهون پوندو آيو. تانجو سنه ۱۸۷۰-۷۱ع واري فرانس ۽ پرشيا جي ويڙهه (France . Persian War) ۾ پرشيا جي "رت ۽ لوهه" جي ڪوڏئي زبردست وزير **بسمارڪ** (Bismark) جرمنيءَ کي ليار پريار لشڪر جي مدد سان راشٽريه بل ڏيئي فرانس هڪ ٻئي پٺيان سخت شڪستون کارائي اهڙو ڏهڪائي ڇڏيو جو فرينچ قوم جا ڇهه ٿي ڇڇي پيا ۽ يڪبارگي منجهائن ايمان ٿي نڪري ويو ته هو ڪڏهين به، ٻي وڏي قوم جي مدد بنا، جرمن قوم سان دوبدو

ٿي سگهندا! گذريل مهاڀاري ۾ روشيا، انگلنڊ، اٽلي ۽ پوءِ آمريڪا فرانس جا مددگار هوا. پر پوءِ جرمني هار کاڌي، پر فرانس کي ضرور قبول ڪرڻو پوندو ته جرمنيءَ اڳيان سندس دال نه ڳري. سارو بيلجم ۽ اڌ فرانس جرمني واري چڪي هيٺ هئا جتان پوءِ آمريڪا اچي هڪالي ڪڍيس. ١٩١٩ واري عهدنامي ۾ فرانس کي **آلسيس ۽ لورين** (Alsace and Lorraine) وارا سڀيا ستا با پرڳڻا **بسمارڪ** ١٨٧١ع ۾ کانئس ڦريا هوا سي وري نصيب ٿيا. ٿيڻي آهي ته جرمني صبر ڪري وهندي؟ ڪڏهين نه ڪڏهين وري باز جيان اچي فرانس مٿان لامارو ڏيندي، تنهنلاءِ فرانس ١٩١٩ع جي صلح وقت دلسوزيءَ سان گهر ڪئي ته بين الاقوامي ڪمشنگي ڪيترو به سندس بچاءَ لاءِ سندرو ٻڌي ٻيهي ته به اُهو بس نه آهي. انگلنڊ ۽ آمريڪا گڏجي فرانس سان اقرار ڪن ته هو مٿس حملي ٿيڻ وقت هو ٻئي ڪيس مدد ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندا. فرانس کي ودڪ دلداري ڏيڻ لاءِ اهڙي قسم جي **انگلو-آمريڪن پئڪٽ** (Anglo-American Pact) جو ضرور هو. نه رڳو فرانس کي جرمنيءَ جو ڊپ هو پر وچ يورپ واريون ننڍيون خود مختيار حڪومتون، جي لوڪ شاهي، خود ارادي، قوميت مٿي پڻا ندر هينئر آسٽريا ۽ جرمن سلطنتن کان ڇڄي ڌار ڪري ورسائيل عهدنامي پرپا ڪيون هيون يعني **پولنڊ، جوگوسلويا، زيڪو سلويڪيا** وغيره تن کي به جرمني طرفان ضرور رسڻ جو امڪان هو جنهن ڪري اُنهن کي به آئت ڏيڻ جو ضرور هو. اهڙي عهدنامي (Pact) جي آسري تي فرانس، **رهائين** (Rhine) نديءَ جي ڪپي ڪپ واري ملڪ (Rhineland) تان هٿ ڪنيو جو هن ڪيس پنهنجي بچاءَ خاطر واري وهڻ جو ضرور ٿي ڏسڻ ۾ آيو. **وو ڊرو ولسن** انهيءَ انگلو-آمريڪن عهدنامي جو حامي هو پر وري به يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سينيٽ اهڙي جوابداري کڻڻ کان انڪار ڪيو. فرانس، هراس وچان، دٽيون يا ٽيون نڪري ويو. قرض واپس ملڻ ۾ به ڍير پئجي ويئي هيس. جرمنيءَ کي بي هٿيار ۽ بي لشڪر ڏسي صرف پنهنجي آئينده جي بچاءَ ۽ ڀاڻ کي ورسائڻ جي خيال سان **روهر** (Ruhr) ملڪ ۾ وڃي دخل ڪيائين ۽ آسانيءَ سان انکي پنهنجو ڪري ڇڏيائين. تحقيق جرمن عالم ۾ تنهن وقت وڙهڻ جي شڪتي ڪا نه هئي، پر سندس دلين ۾ سخت گهاءُ ڪيو ويو. چوڻ ۾ تو اچي ته **نيشنل سوشلسٽ** ڌر، جنهن هينئر **نازي** (Na-zi) نالي سان دنيا ۾ گهڻي شهرت حاصل ڪئي آهي، تنهنجي جم لاءِ اهو روهر (Ruhr) وارو واقعوئي جوابدار آهي. فرانس پنهنجي سر، پنهنجي بچاءَ لاءِ ۽ ڀاڻ کي ورسائڻ جو اُپاءُ ته ڳوليو پر بين الاقوامي اتحاد شروعات ۾ ئي برباد!

آمريڪا جي هٿ ڪڍي وڃڻ ڪري انگلنڊ کي به وجهه ملي ويو، ڇي "منهنجي پاليءَ پت شراڪت آمريڪا جي پنيرائي تي منحصر هئي پر جي آمريڪا جوابداري

ڏئي ڪٽي ته آءٌ به معافي طلب آهيان."
ڪنزرويٽو (Conservative) وزارت
دنيا جي بـــدتيءَ واري قصي کان
باھر نڪرندي رهي ۽ خود قول نامي
(Covenant) جي جوابداري بدائيندڙ
قلمن ۾ قيرقار ڪرائيندي رهي جنهن
ڪري عام بچاءَ جو آخرين اُپاءُ يعني
فسادي ميمبر سان جنگ جوڙڻ واري
جوابـــداري ڪمزور پئجي ويئي.
ويچارين ننڍين ضعيف قومن جن
لاءِ پنهنجي بانهين لوڙڻ مشڪل هوسي
وسميءَ ۾ پئجي ويون ته جي هي ٽي
جوڌا، لوڪ شاهي مٺ پريا سورما،
آميريڪا، انگلنڊ ۽ فـــرانس هيئن
ڪٺي سلامتيءَ واري قابو ڪوت کي
اندرائين انـــدران سٽگهون هٽي
ڏاهيندا ته پوءِ سندن هيٺين حالت
جو ڪير راڪو ٿيندو؟ جينيوا (Geneva)
جو زور گهٽ پوندو ويو. پورن پنجن
ورهين اندر اندرائين ڏسڻ ۾ آيو ته ووڊروولسن
جي آدرشن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ دنيا
اڃا تيار نه آهي. صلح جي صدا بدڻ
لاءِ شاهوڪار قومن ۾ اڃا گنگ پوڙائي
هئي.

جرمنيءَ جو سولو پلؤ ڏيڻ ۽ ويڙهه جي خطري جو دور ٿيڻ

1919ع کانپوءِ جرمنيءَ جو ڪهڙو حال
هو؟ قرض ادائيءَ ۾ ڦيسجي ويئي
هئي. ٻيءَ ٽا مالي تجربڪار عالمـــن
اڳيئي پڪار ڪئي هئي ته ايترو قرض
جو بوجو جرمني ڪين سهي سگهندي.

تنهن هوندي به شروعات ۾ جرمنـــي
ايمان جي سلامتيءَ وارو رستو ورتو
لاءِ تيار رهي. ملڪ ۾ نقد ناڻــو خير
کو هو- قرض جو ليکو ڪروڙن ۽ ارٻن
پائونڊن ۾ ڪيو ويو. انهن علم هئيت
وارن انگن (Astronomical figures)
سان پچڻ لاءِ ڪي صديـــون جرمني
پيئي وهي ته پورائي نه ڪري سگهي.
في الحال فاتحن جي تقاضا ڪي منهن
ڏيڻ جو هڪڙوئي رستو هو ته نقد
پيسي بدران پنهنجي ڪارخانن جو
جوڙيل مال ۽ معدني پيداش قرضين
ڏي موڪلي. پـــر انهـــن شيـــن جو
قبول پوڻ محال هو. هن وقت سيڪا
قوم پنهنجن ڪارخانن کي زور وٺائڻ
لاءِ هر طرح جا حيلا وسيلا هلائيندي
رهي. جرمنيءَ جو جوڙيل مال سندن
جوڙيل مال سان چٽا پيٽي ڪري سندن
ديسي ڪارخانن کي نقصان رسائيندو
اهڙو ڊپ رکي جرمنيءَ جي جوڙيل
مال وٺڻ کان انڪار ڪيو ويو. سڀ
کان وڏيڪ لهڻيدار ملڪ آميريڪا
جو هو جنهن اڳيان سڀ يورپ جا
ملڪ قرضي هوا. جو قرض، فقط مال
موڪلڻ سان لاهڻ جهڙو هو ۽ آميريڪا
۾ ئي انهي سوديشي راشٽريڪ آرٿڪ
وشيءَ (Economic Nationalism) لي
بلڪل گهٽو ڌيان ڏنو ويو. پنهنجن
ڪارخانن جي رکيا ڪرڻ واري هلچل
اُتي نهايت زور هئي. انهيءَ باري
۾ آميريڪا موٽڻ جي ئي نه هئي. ڳالهه

وسهڻ جي ئي نه آهي پر سچ نه قصوا ئين اچي بيٺو جو نيٺ آمريڪا پنهنجي ساري اوڌر هڪ سو چاليهه ارب ڊالرن (140,000,000,000) جو فقط چاليهه سيڪڙو وصول ڪري باقي ٻئي قرض تان هٿ کڻي ڇڏيو پر پئسي جي بدران ڌاريو مال پنهنجي ملڪ ۾ آڻي پنهنجن ڪارخانن کي تلف تاراج ٿيڻ نه ڏنائين. جرمنيءَ جي مالي حالت نهايت دکدائڪ هئي. ماڻهو اورچائيءَ ۽ هوشياريءَ سان پنهنجن پارن، ڪاٺين ڪارخانن کي جنبي ويا، پرسوديشي آرٽڪ هلچل هند هند ڦهليل هئي، وهندي وچ يورپ جي نين خود مختيار حڪومتن ۾ جي جرمنيءَ جا پاڙيسري هوا ۽ جي هوند سندس چڱا گراهڪ ٿين ها. جرمن مال جي اڪال ٿيڻ ۾ گهٽـي پير پئجي ويئي. ڪارخانن وارا مايوس ٿي ويا. ڪمين ڪاسبين کي پورو روزئي نه نهي. عام ماڻهن جي حالت ضعيف. پلون باري، ڪمائي ٿوري ۽ بيڪاري جام. پريشاني تار پئجي ويئي. ٻاهرين قرضين جي چڪتاڻ جي بس ٿي نه ويتر فرانس نه ڇهو ڪهلائيندو "بريز بريز" لائي ويٺو هو ۽ نيٺ خودغرضيءَ کي نه روڪي روهر (Ruhr) جي مايه دار ماٿري والاري پاڻ کي ورسائڻ ۾ مشغول رهيو. جرمني، نيم بسمل عقاب جيان، زمين دوز پيئي هئي. ڪير ورني منجهس اڏامڻ جي شڪتي وجهي؟ جرمن عالم پنهنجي جوهر وارو هو. سيمرغ (Phœnix) پکيءَ جيان پنهنجي خاڪ مان بہ نوبنو ٿي اڏامڻ وارو هو. ١٨٠٦ع ۾ نيپولين جينا (Jena) واري لڙائيءَ ۾ پروشيا جو جگر جيرو ڪپي ڇڏيو هو پر پورن ستن سالن اندر انهيءَ زبون ٿيل قوم پنهنجي پڪي ارادي سان ايترو ٻل حاصل ڪيو جو ليپزگ (Leipzig) جي مشهور جنگ ۾ نيپوليــن کي اهڙي شڪست ڏنائين جو هو وري ڪڏهن به جنگ ڪري نه سگهيو. هن وقت جرمني سچ پچ سيني اگوڻن دشمنن کي سولي پلئو ڏيڻ واري هئي. آمريڪا جي ڊاز پلئن (Dawes Plan) موجب قرض اسبت ساڻس چڱو پيو پريو ويو ۽ پئسي جي پورتي ڪري سندس مالي حالت ۾ سڌارو ڪيو ويو. جرمني هن وقت صلح جي ڪانکي هئي. سندس گنڀير، دبربو، سياڻو مدبر ڊاڪٽر سٽريسمن (Stressman) فرانس سان صلح جون واٽون وٺڻ لڳو ۽ پاڻمرادو اولهه جي بچاءَ واري عهدنامي جي (Western Security Pact)، جو لوڪرنو (Locarno) جي نالي سان مشهور آهي، آڇ ڪئي ۽ پڌريءَ پٽ ظاهر ڪيائين ته ورسائيل عهدنامي واري ملڪي بناوت ويڙهه ڪري ڊاهڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي يعني نه فرانس کي جرمنيءَ وٽان پئو رکڻ جو سبب نه ملندو. انهيءَ واعدي پٽاندر رهائين لئنڊ (Rhine land) ۾ نه فـرانس نه جرمنيءَ جو ڪو جنگي يا فوجي دخل رهندو (de ، militarised) يعني فرانس کي پنهنجي اوڀر طرفان هميشہ بچاءَ جو چڱو آٿت ملي ويو. لوڪرنو (Locarno) سندس سڀ ڊپائتا خيال في الحال دفع ڪيا.

١٩٢٤ع کان ١٩٢٩ع تائين البت ٺاٺو وارو
لڳندو رهيو. جرمني انتر راشٽريہ سڀا ۾
داخل ڪئي ويئي پر نہ ڪنهن گهٽي
آدر ڀاءَ سان، ملڪي درجي انوسار سڀا
جي ڪاروباري ڪائونسل جي ميمبريءَ
جي اڌڪاري هئي ۽ انگلنڊ جي **ڪنزرويٽو**
(Conservative) وزارت شپيـــن کي آها
ميمبري ونئي ڏني. البت رد قد شڪ شبہ
ٿورو گهڻو هلندو آيو. وڏي ۾ وڏو مسئلو
هن وقت اهو هو تہ ڪهڙا اپاءَ ڪم آڻجن
جو دنيا جي هرهڪ قوم جنگي اسباب ۽
سپاهہ جي جام ڪاٽ ڪوٽ ڪري،
ايتري قدر جو ويڙهہ جي نغاري وڃائڻ
جي سمرٿي سڀڪنهن قوم ۾ گهٽي گهٽ ٿي
وڃي. هٿيار کسي وٺڻ، بيوس ڪرڻ يا
ويڙهہ جو وجهہ نہ ڏيڻ (Disarmament).
انهيءَ مقصد کي پهچڻ لاءِ وري بہ بين الاقوامي
سرشتي موجب جنيوا عهدنامي جو مسودو
(German Protocol) وري نئين سر تيار ڪيو
ويو جنهن کي انگلنڊ جي مزور وزارت
(Labour Govt) زور ورتو. پر سندن برطرفيءَ
کانپوءِ ڪنسرويٽو وزير سر **آسٽن چيمبرلين**
پراڻي متن موجب ٻچاءَ جهڙي ڪم کي
بيهارڻ وارو هو رڳو آهي خاني ۾ پل ٿي.
چيمبرلين بس ۾ پيو وڃي جينيوا عهدنامي
جي مسودي کي بيڪار ڪري ڇڏيو.
انگلنڊ جي پراڻ پسند مالدار ڌرڪي ڊپ
هو تہ متان ڪنهن عام بچاءَ واري لنبي
ڪم ۾ گهوري پوڻ ڪري، ڪنهن زبردست
قوم سان هٿ اٽڪائي، پنهنجي ساري
دنيا ۾ پکڙيل سلطنت کي جوکي ۾ وجهون.

ڪين سمجهائون تہ پس پيش انهي بيحد
پکڙيل سلطنت جو راکو عام بچاءَ (Collective
Security) وارو قصوئي ٿي سگهندو ۽ نہ فقط
سندن ملڪي بحري پل. **لوڪرنو** (Locarno)
رستو ڏيکاريو هو تہ جرمني، جنهن وٽان
خاص خطـــري رکڻ جو ڊپ هئو، تنهن
پاڻمرادو ويڙهہ سان ملڪ گير ٿيڻ جو انڪار
ڪيو هو. پوءِ ويڙهہ جو باعث ڪهڙو رهيو؟
ڇو ڪين يڪبارگي ويڙهہ جا پر ڪپي ڇڏجن
جو اهو هائو وري لوڪن متان لامارو نہ
ڏيئي سگهي. اهو سڪرت فقط جنگي
اسباب ۽ سپاهہ جي جام ڪٽ ڪوٽ (Disarmament)
جي وسيلي ئي ٿيڻو هو. نہ فـــرانس، نہ
ڪنسرويٽو انگلنڊ ڳالهہ کي زور ورتو.
متـــان آيو جينيوا وارو بحري مجموعو
(Naval Conference) جنهن نسبت آشا هئي
تہ آمريڪا، انگلنڊ ۽ جپان، جي دنيا جون
ٽي وڏيون بحري حڪومتون (Powers)
آهن، سي ١٩٢١ع واري واشنگٽـــن جي
عهدنامي کي هينئر يعني ١٩٢٧ع ۾ وري
نئين سر لپاسي، بحري اسباب، سپـــاهہ
وغيرہ ۾ نهايت تخفيف ڪري، ويڙهہ جي
راڪاس کان سندس وڏو رقب کسي
وٺنـــدا. تاهہ ڪونہ ٿيو. لوڪن ۾ وري
هراس پيدا ٿيو. سڀڪو صلح پسند مدبر ۽
عالم منجهيل هو تہ نيٺ سنڌيءَ (صلح) ۽
پرالوي پاءَ جو وارو بنا روڪ ڪڏهين لڳڻ ۾
ايندو؟ وري بہ صـلح جو سهڻو سنيهو
آمريڪا وٽان ئي آيو. اتهاس جو هوشيار
پروفيسر **شاٽويل** (Shotwell) فرانس جي
بيدار مغز ۽ صاف دل وزير برائنڊ (Briand)

سان ڳالهه ڇوري ته ڇو ڪين فرانس ۽ آمريڪا هڪ ٻئي سان واعدو ڪن ته ڪڏهين به اسان ٻن جي وچ جي ڪو تڪرار اٿيو ته فيصلو هٿيارن ٻنوهارن وسيلي قيام نه ڪنداسين يعني ته اسين ٻئي ملڪ هڪ ٻئي سان سمجهي هلڻ لاءِ ويڙه جهڙي ٻاپ کي پنهنجي مدبري ۽ حڪمت عمليءَ سان اصل لڙي ٿا ڪيون. آمريڪا پنهنجي عقل سان هئي. پريزيڊنٽ **ڪولج** (Coolidge) انهيءَ ڳالهه تي ويچار هلايو. قصو ڪارائتو ٿئي تنهن لاءِ هڪ ٻن ملڪن جو وعدو بس نه آهي. پئرس ۾ ڳالهيون هليون. جن جو نتيجو اهو ٿيو جو **ڪيلاگ** عهدنامون (Kellog - Pact) يا پئرس پئڪٽ پرسڌ ٿيو جنهن موجب دنيا جي سڀني قومن - آمريڪا، فرانس، انگلنڊ، جرمني، **اٽلي ۽ جپان** وغيره خدا کي حاضر ناضر ڄاڻي وچن ڏنو ته آئينده ڪنهن به معاملي جي فيصلي لاءِ ويڙه ۾ ڪڏهين به نه ٽپي پونداسين. انجام ڏنائون ته اسانجي راجنيتي کي راج ڀنگ مان يڌ شبد جو نالوئي نڪري ويو. نيٺ صلح جو صدا اوٺايو ويو! ويڙه جهڙي ٻڇڙي بلا **ڪيلاگ پئڪٽ** تحقيق دنيا مان لڙي ڪيدي؟ ووڊرو ولسن جي آتما سورڳ منجهان به ٽپ ڏيئي پئرس پئڪٽ تي دعائون وسائيندي رهي هوندي ته هاڻ سندس ڏنهن واري بين الاقوامي قول نامي (Covenant) کي هن ڪيلاگ پئڪٽ وري نئين زندگي ڏني. آمريڪا جس ڪٽيو. پوءِ

ڪني سلامتي وري جوکي ۾

پوءِ جي کهاڻي نراس ڪندڙ آهي. ١٩٢٩ع ۾ جرمنيءَ جي صلح پسند وزير ڊاڪٽر سٽريسمن (Stressman) وفات ڪئي. ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن جوش وڌندڙ هو ته جرمنيءَ تي ١٩١٤ع واري مهاڀاري ويڙه شروع ڪرڻ جو خاص الزام جو **ورسائيل** عهدنامي جي ٢٣١ قلم موجب مڙهيو ويو آهي، سو ٽڪو ملڪ تان دور ڪيو وڃي. ڪيئن جو ڪيترن سرڪاري دفترخانن ظاهر ڪري ڏنو هو ته ريوون مڙئي پوٽ ڪاريون، ڪا به قوم خاص ڇٽل ڪين چئي سگهجي. ٻي ڳالهه ته هٿيار ڪسڻ ۾ جرمنيءَ سان حد ڪري چڪا هوا، پر ٻين ملڪن خاص فرانس ۾ ڪنهن به جنگي ڪٽ ڪوٽ جو اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. فرانس ۾ ته انهيءَ ڳالهه نسبت ڳاڻ جئين ٿڌ ٿئين وڌ. جرمني ڇو انهيءَ فرق، انهي نابرابري، انهي شرمساري ۽ نيازمنديءَ هيٺ رهي؟ ڇو نه پنهنجن پيرن تي بيهي، ٻانهن ۾ سگهه وجهي پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري؟ **نازي** (Na-zi) ڌر جي اڳوان **هرهٽلر** (HerHitler) هن وقت هنڌ هنڌ جوش جاڳائيندو رهيو هو. سندس مشهور ڪتاب ”منهنجو اڌيم“ (Mian Kamp) ڪروڙين جلدن ۾ وڪامي ويو هو. راشٽريه بل جاڳڻ نئين سر جرمن قوم ۾ آپڻ ٿيو. مٿان وري ساري دنيا ۾ مال ۽ پيسي جي ڏي وٽ کي سخت شڪست اچي وڃڻ ڪري جرمنيءَ ۾ وري به پيٽ گذران واري ڏکئي مسئلي ماڻهن کي حيران ڪيو. سڀ ڏوهه لاهي وڌائون

ورسائل جي قائل عهدنامي ڪندڙن ۾ خاص خصومت رکيائون هڪ طرف فرانس سان ۽ ٻئي طرف رشيا جي ڪميونسٽ (Communist) ڪاروبار سان. نازي ڌر زور وٺندي ويئي ۽ سنہ١٩٣٣ع ڌاري هٽلر، جرمنيءَ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ ٻيءَ ڌڙڪ پنهنجي همت رکي، دنيا کان جرمنيءَ ٻاران پورو حساب ڪتاب چڪائڻ لاءِ ٽڪري ٿي وار ٿيو. هو ملڪ اندر جنگي اسباب وڌائيندو رهيو ۽ جنگي ٻل جي ڪولاهي جرمنيءَ مان دور ڪندو رهيو پر ٻاهرين سان هڪدم اُتائو پيش ڪين آيو. سمجهي ڪم ڪيائين. عالم آشڪار ڪيائين ته ”عهد اقرار ۾ جي اوهين سچا رهيا ته آءٌ به سچو رهندس. لوڪن ۽ ڪيلاگ پئڪٽ مونکي به قبول آهن. ويڙهه جي ڏولڪي وڄائڻ جو خواهان نه آهيان، پر هڪجهڙائي دلي ٻاڏائي چڪي وٺندس.“ جينيوا جي خاص وڏي مسئلي - جنگي اسباب ۾ ڪٽ ڪوت - تي زور رکيائين. گهر ڪيائين ته هاڻ انهيءَ سوال تي سچائي سان قابو رهو. انگلنڊ جي مزور وزارت ١٩٢٩ع کان ١٩٣١ع تائين **هينڊرسن** صاحب جي صدارت هيٺ انهيءَ لشڪري گهٽتاءَ کي چڱو منهن ٻي ڏنو پر پوءِ سيپٽمبر ١٩٣١ع کان وٺي جا نئشنل وزارت جاري ڪئي ويئي تنهن پراڻي مت وارن مالدارن جي صلاح موجب هن ڳالهه جي بلڪل اُندي آجيان ڪئي. فرانس ۽ انگلنڊ کان به ٻه ٽليون ڪشو ويو. نفرت وچان هٽلر بين الاقوامي سرشتي کان چئي قاڙي فارغ الباز ٿي ويو. چي ”اپني گهوٽ ۾ نشا ٿيوي.“ انگلنڊ جي نئشنل گورنمينٽ جي ڪوتاهه انديشي نهايت عجب جهڙي ڇٽي. جينيوا ڪانفرنس ۾ سوال اُٿيو هو ته هوائي جهازن رستي بم گولا اُڇلائڻ عام خلق، ۽ وڙهندڙ عالم، کي ضرر رسائيندڙ آهي. تنهنڪري اهو هٿيار ڪنهن به ملڪ جي حڪومت کي نه سونپيو وڃي، پر فقط بين الاقوامي سرشتي جي نظر هيٺ رکيو وڃي. انگلنڊ جي وزارت انهي صلح پسند گهر کي سخت رد ڏيئي سوال جي شڪست ڪرائي. اهو لارڊ لنڊنڊري ٻاڻ پنهنجي زبان سان هائوس آف لارڊس ۾ سنہ ١٩٣٢ع ۾ قبول ڪيو. ڪيتري قدر اهي بم گولا دنيا کي، خود انگلنڊ کي به ڏکئي ۾ وجهي ڇڏيندا سو تنهن وقت نئشنل وزارت کي خيال ۾ نه آيو.

خير، هٽلر جرمنيءَ کي ليگ کان جدا ڪري، زور ظلم سان ڪي تند فهم سان پورن ٻن سالن اندر ملڪ کي شاهه بنائي ڇڏيو. چؤطرف وري لٿين سر جرمن عقاب جو خطرو جاڳيو. هوڏي رشيا هوڏي فرانس، ويچارا ڇا ڪن؟ آمريڪا ته ڪين ڪيلاگ پئڪٽ ڏيئي ٻاڻ موڪيو هو. جي دستخط تي ڀروسو رکجي ته هوند سمجهجي ته ويڙهه ويئي وڃڻ کي: ته به چوطرف لشڪر جي واڌ جي ڌم مچي ويئي ۽ سڀ کان وڌيڪ هوائي آرماڙ زور ورتو جنهن ۾ اورچ ۽ هوشيار جرمن قوم سڀني کان گوءِ کڻي ويئي. ١٩٣٦ ۾ رشيا ۽ فرانس، پنهنجي ڪهني جا ني دشمن جرمنيءَ جي وري سگهاري ٿيڻ

سبب بين الاقوامي ڪاغذي عام بچاءَ کي، جنهن ۾ آميريڪا بنهه نهي ٿي ڪانه، جنهن ۾ انگلنڊ جي نيشنل گورنمينٽ جو چٽ ٿي ڪونه، بيڪار سمجهي، پنهنجي باهمي بچاءَ لاءِ عهدنامون ڪيو جنهنکي **فرئنڪو رشين پيڪٽ** سڏبو آهي. انهي عهدنامي جي مراد هئي ته جي ڪابه قوم منجهانئن ڪنهن تي به ازخود بنا ڪارڻ حملو ڪري ته رشيا ۽ فرانس هڪ ٻئي جا پورن سهڪاري ٿيندا. هٽلر هڪدم اعتراض اٿاريو ته هي عهدنامون جرمنيءَ جي برخلاف ٿو انگشت نمائي ڪري ۽ ناحق وروڌ جي واٽ ٿو بتائي جنهن ڪري جرمني وڌيڪ لحاظ نه رکي سگهندي. جرمني حڪماڪ ٽيهه هزار لشڪر موڪلي ۽ انبار جنگي اسباب ساڻن ڪري، **رهائين لئنڊ** وارن جرمن علائقن کي، پنهنجي پوريءَ فوجي سنڀال هيٺ رکي لوڪارنو واري عهدنامي جي، رهائين لئنڊ جي بي فوجي رهڻ واري وڏي شرط کي ٺوڪر ڏيئي ڇڏيائين! فرانس گهڻوئي ليهيو پڇيو، ڪنهن ٻڌس ئي ڪونه. ڏاڍو سو گابو. ايڪتا ۽ صلح سانت جي دائمي ٺاهه جي وري پڄاڻي ڪئي ويئي!

جپان جي زبردستي- ١٩٣١ع

ڪانءَ کي لڙ ۾ مزو. پڇم جي ويچارن ۽ ڪرتوتن جو پورو پوئلڳ جپان ملڪ هو. ستتئي مغربي اُستادن کي نوڙن ڪري ڏنائين ته بعضي شاگرد معلم کان به به رتيون ڪتر ڪٽي ويندو آهي. چين ولايت کي ڪوبه چوڪو نه رسي تنهن لاءِ نه رڳو بين الاقوامي قول نامون ٻڌل هو پر تنهن ڪانسواءِ سنه ١٩٢١ع وارو نون حڪومتن جو عهدنامون (Nine-Power Pact) ٻڌل هو جنهن ۾ آميريڪا، فرانس، انگلنڊ، هالنڊ ۽ خود جپان به شريڪ هوا. ڊپ هو ته جپان رفته رفته اُتر چين ڳڙڪائيندو ويندو تنهن ڪري برابر نون وڏن قومن خاص انجام اقرار ڪيا ته جپان چين ۾ دست اندازي نه ڪندو. سنه ١٩٣١ع ۾ ڪنهن به روڪ رڪاوٽ بنا جپان سڄي منچوريا پنهنجي حڪم هيٺ رکي ويٺو. بين الاقوامي سرشتي موجب جام سوال اُٿيا. آميريڪا به ڳالهه کي کنيو ۽ پنهنجي جوابداري کي منهن ڏيڻ لاءِ سنيري پر! انگلنڊ جي نيشنل گورنمينٽ وري به پاڻ ڪيڏائي ويئي. ٻاهرين (Foreign) سيڪريٽري **سرجان سائمن** چوي ته هن معاملي ۾ پنهنجو ڇا؟ هي ڏورانهون ڌنڌو آهي. اسين وچ ۾ نه پوندا سين. انگلنڊ ۾ نيشنل حڪومت زور هئي، مزور ڌر گهڻوئي عام بچاءَ جي باري ۾ ملڪ کي همٿايو پر وريو کي به ڪين. آميريڪا کي بچان لڳي ۽ يورپ جي معاملن کان دور رهندي ويئي. جپان جي سنه ١٩٣١ع واري ڏاڍائي بين الاقوامي سرشتي کي وڏي شڪست ڏيئي ڇڏي. مڙس پاڻ جلدئي ميمبريءَ تان هٿ ڪڍي ڪٽي ڇٽي ڌار ٿيو: پر سندس گهمسان مچائڻ جو اهو آخرين وقت نه هو، رڳو آرنڀ هو. شايد چين جو هلندڙ ڪوس دنيا جون اکيون کولي.

اٽليءَ جو اُڌامڻ

جپان جو ناحق ڪيو سو ڪيس قبضي ويو. اٽلي ڇوٽي ته آءٌ ڇو پوئتي پوان؟ اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اٽلي، جرمنيءَ ۽ آسٽريا سان عهد نامي موجب ٻڌل هئي پر ۱۹۱۴ع واري ويڙهه ۾ برابر سال ڪن اکيون ڦيرائي، قصو جاچي آڪٽوبر ۱۹۱۵ع ۾ لنڊن جي ڳجهي عهد نامي موجب **ائڊرياٽڪ** سمنڊ جي اُتر اوڀر واري ملڪ **ڊالميشيا** ۽ **ٽريسٽ** جي ملڪ جي لب تي وڃي انگلنڊ ۽ فرانس جي طرفدار ٿي. ڪيس ويڙهه ۾ وڌا نٽن ٿهدلي يا ڪارائتي مدد ڪا نه ملي، تنهن هوندي به ورسائيل جي عهد نامي وقت اٽليءَ جو چالاڪ وزير بئرن سونينو لنڊن جي ڳجهي عهد نامي جي اُگرن شرطن جي بجاوريءَ لاءِ ہاڻ پتوڙي بيٺو. اٽليءَ جي ملڪ ٽڪيا ٿي، تن جو ڳچ ڀاڱو هو جوڳو سليو يا جي نئين حڪومت ۾، جا حڪومت لوڪ مت انوسار جدا خود مختيار رياست طور ٺهريا ٺيٺي هئي. اٽلي ناراض ٿي پنهنجن ماڻهن ۾ جوش جاڳايو، جنهن جو لاڀ سٽنٽئي **مسوليني** (Mussolini) کي نصيب ٿيو؛ جنهن، ڪنهن وقت ڪمي ڪاسبي ۽ بيروزگار ساڻ ڪيا، ته ڪنهن وقت ڪارخانن جا مالڪ ۽ ٿانڊ پورش. قدرت ته اها جو لشڪري مهندارن جي به سندس ڏاڍ مڙسيءَ ڏي چشم پوشي هلندي آئي، بلڪ هٿيار به ڪيس سونپيا ٿون. هنن، جي مدد سان خود **روم** تي حملو ڪري، فتح حاصل ڪري، **فئسسٽ** ٿر جو سر پنچ ٿي، مسوليني حڪومت جون سڀ واڳون اختيار ڪري ويٺو. پارليامينٽي سرشتي مان اٽليءَ جي ماڻهن جو ويساه نڪري ويو هو. ملڪ ۾ اندروني امن امان به خير ڪو هو. مسوليني ملڪ جي سرمختياري (Dictatorship) قابو ڪري رکي، انهيءَ چتونا ۾ رهيو ته ڪيئن اٽليءَ کي وري ٻن هزار ورهين واري قديم **رومن** سلطنت جي اوج تي رسايان. چوطرف ملڪ گيريءَ جون واٽون ٽڪيندو رهيو؛ تان جو جپان ۽ جرمنيءَ جا تازا هٿ هلائڻ وارا مثال دل ۾ پختا رکي، فرانس ششدر ڏسي، انگلنڊ جي زور پري مالدار ڪنسرويٽو حڪومت کي پنهنجي **فئسسٽ** حڪومت سان دوستيءَ جو لاڙو رکندڙ سمجهي، حبش ملڪ (Abyssinia) تي ڪاهي پيو. ڇا جو بين الاقوامي سرشتو ڇا جو قول نامو! يورپ آمريڪا جي رڳو چڱيءَ پر سمجهي رهيو هو؛ ڪيس سزا ياب ڪير ڪيئن ڪندو اُنهي جي خاطري هيس. اٽليءَ تي ڪل جهڙي هلڪي سزا ٿري ويئي جنهن مان ڪي به ڪين ورٺو هو. اُلٽو ويچاري جينيوا ٿٿولين هيٺ آئي. اٽلي سارو حبش ديس ڳڙڪائي ويئي. ڏاڍو سو گابو. بين الاقوامي سرشتي جو پورو خاتمو ٿي چڪو. عام بچاءَ ۽ صلح جي وائي بند، پنهنجي پنهنجي بچاءَ جون تياريون وري سڀ ڪنهن ملڪ ۾ زور شور سان ٿيڻ لڳيون.

روم برلن - ڌري (Rome - Berlin Axis)

سچ چيو اٿن ته پنهنجي ڪئي جو نڪو ويچ نڪو طبيب. اوائل ۾ حي مرض کي

نه ڪڙيو ته اوس ڏولائي ۾ پئبو. "ڪني آڱر ويڍي پلي": انهيءَ مٿي ئي فرانس، انگلنڊ ۽ آمريڪا ڪنهن تي عمل نه ڪيو. ٻنهين اڪثر پنهنجي منهن سر رهي پنهنجي پنهنجي ڳنڍ پڪي رکڻ جي ڪئي. عام ڀلاءِ واري سرشتي کي بيڪار سمجهي مٿس ڇرچي بازي ڪندا رهيا. فرانس ۽ انگلنڊ جي ٻاهرين ملڪن وارن وزيرن (Foriegn Ministers) **سر سئميوئل هور** ۽ **مسٽر لاول** جي ملت سان هور-لاول پئڪٽ (Hoare - Laval Pact) تيار ڪيو ويو جنهن موجب حبش ديس ڪلي طرح بين الاقوامي رضامنديءَ سان اٽليءَ اڳيان پيٽا طور رکڻ جو منصوبو ٺاهيو ويو، پر فرانس ۽ انگلنڊ ۾ لوڪ مت اچا نپٽ نابود ئي ڪونه ويو آهي. عام خلق پڪاريو ته هيءَ حبش سان نسوري بي انصافي آهي. پئڪٽ برابر رد ڪيو ويو پر ٻنهين ملڪن جي وزارت حبش کي بچائڻ جو ڪو به ڪارائتو اُپاءُ عمل ۾ نه آندو. ڇو؟ فرانس جي ان وقت هٽلر واري جرمنيءَ ننڊ ڦٽائي ڇڏي هئي، جنهن ڪري فرانس ضرور سمجهو ته پنهنجي پڪي بچاءَ لاءِ اٽلي پنهنجي طرف رکان. انهيءَ سوارٿ سبب اٽليءَ کي جڻ فرانس طرفان چوٽ موڪل مليل هئي ته پل وڃي حبش ديس ۾ جاوا ڪر. حبش ته برابر اٽليءَ کي عطا ڪيو ويو ۽ پر فرانس ۽ انگلنڊ جنهن آرام جا طالبو هوا سو نصيب ڪونه ٿين. جئين سڀئي سڳي کي چوري لڳين "نازي" جرمني ۽ "فئسسٽ" اٽلي جا سرمختيار

آيا هڪ ٻئي کي ويجهو پوندا. ٻنهي جا متا زور زبردستي وارا هوا. سٽنئي "روم-برلن مدار" (Rome - Berlin Axis) يورپ ۾ نڪري نروار ٿيو ۽ سيڪنهن قوم مٿان آيو رهيو. جنگي اسباب ۾ سيني ڪان مٿي هئڻ سبب سڀ ڪنهن مسئلي جي فيصلي ٿيڻ لاءِ جڻ تونشو تيار بيٺو هو. سندن کهٽيءَ يا ڪُرٽيءَ کي سامهون پوڻ جي ڪنهن کي به مجال نه رهي. انگلنڊ توڙي سڪٽو بين الاقوامي ڦورڦو، انهيءَ روم-برلن محور جو بيحد لحاظ رکندا آيا. مطلب ته ڏاڍي جي لت کي ٻه متا. اهو قصو هٽلر ۽ مسولنيءَ جي ٻت ٿيڻ سان يورپ کي ٻرسر ڪرٽو پيو. **سپين** جي گهرو ويڙه ۾ هو مخفي طرح گهري پيا انهيءَ مراد سان ته اُتي جي سرمختيار پسند ڌر کي فتحياب ڪرائي پاڻ سان ٻت ڪريون. انهيءَ ريت خود پوئنچ سمنڊ به پنهنجو ڪري ڇڏيون. انگلنڊ ۽ فرانس جي سلطنتن جو واسطو انهي پوئنچ سمنڊ سان گهڻن ايامن لاڪر هلندڙ آهي. انهيءَ مسئلي هن وقت انگلنڊ ۽ فرانس کي گهڻي فڪرات ۾ وڌو آهي، تنهن هوندي به ڪنسرويٽو وزارت مسولينيءَ وٽ **سنڌيءَ جي سنيهن** (صلح جي شرطن) پيش رکڻ ۾ گهٽا پوئي ڪين آهي ۽ پر اٽلي اڏول، اچل ۽ جرمني بڪ آهن. سرمختيار حڪومتن جو ڪنڌ مٿي ۽ لوڪشاهي حڪومتن جو هيٺ آهي. يورپ جو پر سال کان وٺي اهو حال، ته مٿان جپان چين کي بي ڏڙڪ ڪوس ڪرڻ ۾ لڳي ويو آهي. نه ڪنهن جي جهل نه پل.

۱۹۳۱ع واري حملي ۾ جپان ڇڙواڳ ڇڏيو ويو هو. روز بروز ويو جنگي فن ۽ اسباب ۾ ترقي ڪندو. جلد ئي اهڙي حد کي وڃي پهتو جو سنڊس هڪ امير البحر هام هڻڻ لڳو ته جپان جو بحري ٻل هميشه اهڙيءَ ڪڙيءَ تي بيٺل آهي جو خود انگلنڊ ۽ آمريڪا جون گڏيل بحري فوجون سامهون پونس ته به هار کائي وڃن ۽ بشرطيڪ منچوريا، منگوليا ۽ سڄو اتر چين جپان پنهنجي حوالي ڪري ڇڏي. عجب آهي ته انگلنڊ جي ڪنزرويٽو حڪومت جا مالدار ڪڻن جاٽي ٻجهي پنهنجي آئينده جي هستي خطري ۾ ڏسي به چشم پوشي ڪيو ويٺا آهن. انو مان فقط اهو ٿو ڪڍجي ته انتر راشٽريه سڀا جي سگهه ڪين ڪانه ڪپي، عام ٻچاءَ جي قول نامي کي پل ٿو ڪر اچي ۽ اهو ليگ به وڃي برباد ٿئي.

رادر ميئر پريس (Rothermere Press)

انهيءَ باري ۾ ڪڏهن به ڪا للي ڇپي ڪانه ڪئي آهي. هميشه اهائي گهر ڪئي اٿس ته جنهن صورت ۾ عام ٻچاءَ وارو قصو فقط ملمو يا ٽڪساٽ آهي تنهن صورت ۾ انگلنڊ کي هٿيار پنوهار جي بيحد افزائي ڪري پنهنجي سلطنت جي بچاءَ جي پنهنجي سر جوابداري کڻڻي آهي. اها سنڊن منورلي ڪڏهوڪي آهي، اڄ ڪالهه جي نه آهي. سنه ۱۹۲۵ع ۾ سنڊن وزير سر آسٽن چيمبرلين ليگ جي کلي سڀا ۾ سنڊن عام رستي ونڻ تي ٺوڪبازي ڪري چيو "اوهان جو ليگ" يعني ته انگلنڊ جو جڻ سائنس واسطو ڪونه آهي. اهو واڪ اڪثري ٿي لڳندو آيو آهي، باوجود يڪ انگلنڊ جي عام خلق جو گهڻو ڀاڱو، خصوص مزور ڌر، عام ٻچاءَ ۽ بين الاقوامي سرشتي واري عقيدي جو پوئلڳ آهي ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هاڻوڪو ٻاهريون وزير (Foreign Minster) **مسٽر ايڊن** (Mr. Eden) به ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ منتظر آهي. پر وزارت جو عام ٻچاءَ ۾ ايمان خير ڪو آهي، جنهن ڪري هن "روم-برلن مدار" کي منهن ڏيڻ لاءِ وٽن فقط هڪڙو اپاءُ قبول آهي ۽ سو آهي پنهنجي جنگي اسباب جي بيحد افزائي. پندرهن سؤ ملين پائونڊ خرچ ڪرڻ جي پارليامينٽ کان منظوري ورتي ويئي آهي. ساڳي طرح چوطرف دنيا ۾ انهيءَ فوجي اسباب وڌائڻ لاءِ گهوڙن جي شرطن ٻڌائڻ وارو قصو اچي بيٺو آهي. هر ڪو چوي ٿو ته ٻئي کان گرءِ کڻي وڃان. سڀڪا قوم پنهنجي بچاءَ جو آڌار انهيءَ پنهنجي جنگي اسباب تي رکي ويٺي آهي. وري اڳين جهنگ ٻلي واري روش! شينهن، چيتا، واگهو يا ته هڪ ٻئي تي آيا رهيا يا ته ريڍون ٻڪريون سنڊن شڪار! ويڙهه جي وايو منڊل ۾ صلح سانت جو صدا ڪير سڻي!

عام بچاءَ جا بنيادي اصول

هن ڏکئي مسئلي کي حل ڪرڻ انسان جوئي ڪم آهي. جنهن کي ڌڻي تعاليٰ سمجهه بخشي آهي ۽ انسانيت به ڏني آهي سوئي هن ويهين صديءَ جي پاري سوال جو جواب ڏئي سگهندو. اڻويهين صديءَ دنيا ۾ قوميت ۽ لوڪ شاهي

سو بلنديءَ جو واءُ چڱيءَ پر ڦهلايو. ملڪ ملڪ ۾ راشٽريه پد کي پهچڻ لاءِ هر طرح جا حيلا وسيلا هلايا ويا ۽ اڪثري سڀ ڪنهن هنڌ اها هلچل وڃي پنهنجي مراد کي پهتي. پر انتر راشٽريه ڀاءُ ۽ سهڪار جو پد اڃا دور ٿو ڏسجي، جنهن لاءِ هن ليکه موجب اُهي ئي زور ڀريون حڪومتون آميريڪا، انگلنڊ ۽ فرانس جوابدار آهن، ۽ جنجي آڌار تي وڊرو ولسن جو سنه ١٩١٩ وارو بين الاقوامي سرشتو جاري ڪيو ويو. جيڏا اُت ٿيڏا لوڏا. وڏي پد وارن وٽان ئي وڏن ڪمن جي راس ٿيڻ جي اُميد رکڻ گهرجي. (Noblesse Obliqe) هڪ نهايت دلپذير فرينچ اصطلاح آهي جنهن جو مطلب خاص اهو آهي ته وڏن تي ئي وڏا فرض ڌريل آهن. ڀاري ٻار رڳو سگهارن جا ڪلها کڻي سگهن. غريب جي پوءِ واري پدارت واروئي ڪري سگهندو ۽ جي اهو سڪرت سهڪاريءَ جي رستي ڪيو ويو ته پوءِ ڪنهن کي نه ڪنهنجو منٿائو، نه ڪنهنجو ڪاٺيا پيو ۽ نه ڪنهن جو پوئلڳ ڪري هنجي سؤمان ۾ پنگ وجهڻ جو ضرور ٿيندو. انگريزي عام قاعدي (Common Law) موجب ملڪ جي سڀني باشندگان تي اصل قاعدي مڙهيل فرض آهي ته ڪٿي به ڪنهن چور، ڌاڙيل يا خونيءَ کي پڪڙڻ جي پڪار اُٿي ته سڀڪو اُتي جو اُنسي سڏيءَ سڏ ڏئي. ڪو به ڪنارا ڪري ڪٿو سگهي. جي پاسو ڪري هليو ويو ته قاعدي جي اڙيءَ ۾ اچي سگهي ٿو. عام ڀلاءَ ۾ شريڪ ٿيڻ

هر هڪ جو فرض آهي، نه رڳو اخلاقي پر باقاعدي. وچين زماني ۾ هنڌ هنڌ طوائف الملوڪي ترار جو ٻٽڪو وڄي ڏنو. گهرو جنگين ڪري سڀڪو ملڪ اند اندوڪار ۾ پٽجي ويو هو. پر پوءِ جڏهن بادشاهن همت جهلي انهي بي بندوبستي ۽ اميراڻي اندپوکي جهپڻ جي ڪٽي لڌهين دل وجان سان ساري عام خلق بادشاهن جي مددگار ٿي بيٺي ۽ انهيءَ يڪمشتگيءَ ريت وڳوڙ کي ناس ڪري، ملڪي قوميت جو مرتبو حاصل ڪري، مالي ۽ سياستي افزائي جي شان کي وڃي رسيا. البت انهيءَ درجي تي رسڻ لاءِ عام ماڻهو ٽوڙي بادشاهن کي جام جا ڪوڙا کڻڻا پيا. آلسي يا عياشي يا خود غرضيءَ پر يا ته اهو مطلب حاصل ڪرڻ وارا نه هوا. تنهن ڪري هن وقت اِئين چوڻ بي جا نه آهي ته جي انسان اورچائي، جانفشانيءَ ۽ همدرديءَ سان قوميت جي مقصد کي وڃي رسيا تن لاءِ بين الاقوامي سرشتو سوپارو ڪرڻ ناممڪن نه ڄڻبو. پر انهي درجي تي پهچڻ لاءِ به مکيه ضرورتون اوس بسر ڪرڻيون پونديون. هڪڙي اُها ته ڪالٽسورپڻي ۽ خود مطلبيءَ جا نفرت پيدا ڪندڙ پول "تنهن ۾ منهنجو ڇا؟" "هيءَ پرائي بلا!" "آءٌ ڇو پرائي ڌاندل ۾ پوان." نيت ڪڏي ڇڏڻا پوندا. هن وقت سڄي دنيا پنهنجو گهر، پنهنجو پاڙو ڪري سمجهڻ ضرور آهي. عام ڀلاءَ سو منهنجو ڀلاءُ سمجهي سڀڪا قوم ۽ سڀڪا حڪومت هر طرح انهيءَ سهڪاريءَ، انهيءَ پڌيءَ ۾ قابو

رهي. غير جانبداري (Neutrality) هڪ وڏو ٺڪو سمجهڻ گهرجي جو قيام نه ڪا قوم پنهنجي زور تان لاهي سگهندي. آميريڪا ۽ انگلنڊ ڪنهن به حالت ۾ پاڻ کي ان جي نه ڪري سگهندا. ڪو به سگهارو ملڪ ائين نه سمجهي ته هوائي جهازن، بم گولن ۽ زهري گئسن واري هاڃوڪي ويڙهه ڪيس ضرور نه پهچائي سگهندي. جيڪي ڪلور ائبيسينيا سان وهايا ويا جو ڪوس هينئر چين مٿان نازل آهي سو فقط آهي پروڙي سگهندا جن کي هٿ لڳن. جنهن کي لڳي تنهن کي ڪل پوي. عام بچاءُ، ڪني سلامتيءَ کانسواءِ ڪنهن جو به ڇوٽڪارو ڪونهي. ٻي وڏي ۾ وڏي ضرورت هيءَ آهي ته جئين ٻن شخصن جي معاملي جي فيصلي ڪرڻ لاءِ ٽئين ڌر وٽ وڃڻ جي درڪار رهي ٿي يعني ته ڪنهن امين، ڪنهن منصف جي، جنهنجي فتوي سان بدل رهڻ ضرور ٿئي ٿو يعني ته معاملن جي پڇاڙي بي ريا قاعدو ۽ قاعدي دان ٿي ڪندڙ آهن، نه ترار بازي يا ڌڪ ٻجو؛ تئين ٻن قومن يا حڪومتن جي تڪرار جو فيصلو ٽيا ڪڙ کي سونپيو وڃي جنهن ۾ ويڙهه جو سبب ٿي نه اٿي. هرڪا قوم ۽ حڪومت پنهنجي خود مختياري ۽ سربلنديءَ (Independent Sovereignty) جو ڪجهه قدر ڪنڌ جهڪائي ۽ ايتري قدر نمرتا سهن ڪري جو بين الاقوامي سرشتي واري نيايه ڪچهريءَ اڳيان پنهنجو درد ظاهر ڪري انهيءَ جي فيصلي سان بدل رهي. اها قوميت سربلندي ۽ فرمان روائي (National Sovereignty) جنهن تان اڻوهين صديءَ ۾ ماڻهو سر صدقي ڪندا رهيا ۽ جنهن جي حاصلات تي هنڌ هنڌ لوڪ گد گد ٿي ويندا هوا سا هينئر عام صلح سانت ۾ گهڻو رخنو وجهيو ويٺي آهي. انهي ملڪي سياستي سربلنديءَ جي همراه، ڪانئس به رليون وڌيڪ جوش پري آرٽڪ راشٽريه فرمان روائي اهڙو نه رخ رکيو آهي جو ملڪ ملڪ جي چڙهائيءَ ۽ شوڪ شوڪان کانسواءِ ٻي ڳالهه ئي ڪانهي. دنيا جي ايڪتا ۽ عام بچاءَ معرفت جي صلح هٿ ڪرڻو آهي ته انهيءَ قوميت زوراوريءَ جو ڪجهه قدر سيس نوائڻ کانسواءِ چارو ڪونهي. مدعي هجي يا مدعاليه هجي ته پنهنجي حق پلئه ڪرڻ لاءِ ترار هلائڻ کان روڪيو وڃي؛ پر جي هروڀرو اهڙه زوراوري ڏيکاري ته پوءِ جئين پوليس ڌاڙيل، خوني ۽ باغيءَ کي نظربند رکي قاعدي پٽاندر سزاياب ڪرائي ٿي تئين ٿي ٻين قومن جو لشڪر ۽ سپاهه بين الاقوامي پوليس طور هنجو مجاز لاهي سڌو ڪريس. البت دردي قوم جي درد دور ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي سرشتو هر طرح جا حيلا وسيلا هلائيندو ايندو. وڊرو ولسن واري انتر راشٽريه قول نامي جي ۱۹ قلم ۾ انهيءَ ضروري گهرج جي پورائي ڪرڻ ڏانهن چڱو اشارو ڪيو ويو آهي. انهي ۱۹ قلم کي نوبني ڪرڻ سان ٿي قومن ۾ ايمان جما پوندو ته جي حق ۽ انصاف جي ڪوتاهي نه ٿي ته پوءِ صلح جو صدا ڪير نه اٿائيندو؟

جڳت جو اڌار نيٺ به آمريڪا جي هٿ وس

گذريل ڇهن سالن ۾ جيڪي وهيو واپريو آهي تنهن عام ماڻهن کي بلڪل بي ستو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ جو اثر ننڍين حڪومتن تي گهڻو ٿيو آهي. ڏٺائون ته جپان چين جو گهڻو ڀاڱو ڦرڪائي ويو. اٽلي ابيسينيا ڦري ويٺي. چين ۽ ابيسينيا بين الاقوامي جماعت جا ميمبر هئا جن سان ناحق ٻه وري ميمبرن ئي ڪيو هو. مظلوم جو داد ڪونه ٿيو. وڏين قومن انگلنڊ ۽ فرانس اکين سامهون ڏٺو ۽ ماٺ ڪري رهيون! ويچارين ننڍين جو گوڙ ٿيو پيو، پاڻ وٽي بيڪار. هو ڏانهن فرنڪو رشين قول اقرار، ته هيڏي روم-برلن مدار. ننڍين قومن کي اٿين ته معلوم ٿيو ته هينئر دنيا ۾ جهيڙي جهڳڙي وري مذهبي چرخو ورتو آهي. هڪ پاسي ڪميونزم Communisim ته ٻئي پاسي فئشسزم (Fascism). انگلنڊ جي وزارت جو عام ماڻهن ۾ پورو اعتقاد ئي نه آهي. جي اٿين چئجي ته انگلنڊ کي ٻاهرين ملڪن سان رهڻ لاءِ ڪا به رٿ پڌر (Foreign Policy) آهي ئي ڪانه ته به نهي اچي. جي ڪيڏي مهل به يورپ ۾ پنهنجي ٻري وڃي ته هي ويچاريون ننڍيون قومون اول آهو لي ڪيون ويندڀون. وڏن شينهن لتاڙ جن پوندا. انهيءَ مدنظر تي پرسال بيلجم ٻاهر نڪري ويو. ٻي ”بين الاقوامي قول ناميءَ ۾ ڏنگي ميمبر کي منهن ڏيڻ لاءِ جي جوابداريون درج ڪيل آهن، تن کان آءٌ فارغ رهڻ ٿو چاهيان.“

هالنڊ جي وزير اعظم به روشن ڪيو ته انهي دستاويز جي ١٦ قلم هيٺ جو آره زوراوري ڪندڙ تي دٻاءُ رکڻ ضرور ٿيندو تنهن جي پوراڻي هالنڊ نه ڪري سگهندو. وري جولاءِ ١٩٣٦ع ۾ ڊينمارڪ فنلنڊ، هالنڊ، ناروي، شپين، سويڊن ۽ سئٽزرلنڊ جي وزيرن گڏجي هڪ وزنائتو ليکو پڌرو ڪيو جنهن ۾ ڏيکاريائون ته ”هينئر جو هڪ ٻئي پنيان زبردستي ۽ ناحق جا مثال ٿيندا رهيا آهن جن جو تدارڪ ٿي نه سگهيو آهي ۽ جن بين الاقوامي سرشتي کي نهايت تبديل ڪري ڇڏيو آهي تنهن ڪري اسان جي ملڪن ۾ شڪ شبهو اٿيو آهي ته اهي حالتون ڪٿي جاري آهن جن هيٺ اسان قول ناميءَ جي شرطن نسبت فرض ادائي پوري ڪئي هئي؟“ سال کن کان شپين ۾ گهرو ويڙهه هلندي اچي. عالم آشڪار آهي ته جرمني ۽ اٽلي (Fascists) هڪ طرف جا ٿهدل حامي آهن ته رشيا ٻئي طرف ڏانهن البت هٿ ڊگهيڙ ڪئي آهي. انتر راشٽري سپاهي بيڪار ٿيو ويٺي رنگ ڏسي. پوئنچ سمنڊ ۾ درياهي ڦرلٽ ۽ آبدوشي حملا فرانس ۽ انگلنڊ نيٺ سهن نه ڪري نيان (Nyon) واري مجموعي جي ٺهراءُ موجب پوئنچ سمنڊ جي راکو ٿيڻ جو ڪم پنهنجي مٿي تي ڏريو آهي. ڏسجي ته انهي، مان ڪهڙو ٿا پورو پارين؟ تحقيق، هن وقت انگلنڊ جون اکيون آهن پوئنچ سمنڊ ۾ جتي اٽليءَ طوفان خطري رکڻ جو سبب آهي. جپان جو هينئر چين ۾ ٺڳين سر ڪوس وهايو آهي

تن کي ويچار ڪندي هو نہ مشرق ۽ مغرب جي سڀني قومن جا لڳ ڀڳ ڪا ٻڌار جن. چوطرف هراس ۽ ترس يا زور ٻرد ستي! بين الاقوامي سرشتو يغما يغما ٿي ويو آهي. تڏهين باقي اُميد آسرو ڪهڙو رهيو؟ فقط آميريڪا (يونائيٽيڊ اسٽيٽس)! اُتان ئي وڊرو ولسن صلح جي ڪبوتر مثل، حضرت نوح جي غوراب جيان تل تلي ۾ پيل دنيا کي سلوڪ جو پيغام اُٿي ڏنو هو. اُتان ئي وري مالي آرٿڪ زلزلي جي بند ڪرڻ لاءِ جام پيسي جي مدد ايندي رهي آهي. اُتان ئي ڪيلاگ پيڪٽ نڪري نروار ٿيو. ويڙهه جي نابوديءَ لاءِ دنيا سندري ٻڌڻ جي ڪئي. هينئر بہ پورب پڇم جو تندنوار آميريڪا ٿي سگهندي. هرطرح سندس ڪندمتي آهي. سندس رهبريءَ کان ڪو بہ وڃڻ وارو نہ آهي. ويڙهه بازيءَ ۾ مبتلا ٿيل ملڪ جپان، جرمني ۽ اٽلي جو لاچاري حالتن ڪري هينئر سر مختياريءَ جي چنبي هيٺ قابو ڪيا آهن تن کي بہ نئين سر ستنترتا جي سنيهي ڏيڻ واري فقط آميريڪا آهي. ”بي راضي“ يا اڻ هوند وارن قومن (Dissatisfied or Have nots) ۽ ”راضي“ يا ”پورپور“ قومن (Satisfied or Haves) جي وچ جو پاهرين بينڪن ۽ تابعدار ملڪن نسبت هينئر تڪرار شروع ٿيو آهي تنهنجي فيصلي ڪرڻ وارو ديانتدار امين بہ آميريڪا ٿي سگهندو. جرمنيءَ جي بينڪن جو کسجي وڃڻ، کي جپان جي واجبي يا غيرواجبي گهرن جو منصف، ٽرار ڪان هزار لڳا وڌيڪ ڪارائتو اها آميريڪائي ٿي سگهندي. انگلنڊ ۽ فرانس هن وقت جنگي اسباب جي چڱي افزائي ڪئي آهي. انهن ٻن ملڪن جا راجنيتي متا آميريڪا جي متن سان ئي مشابهت رکندڙ آهن. جي انهن ٻن ملڪن ۾ عام مت زور وٺي وزرائن جي مدورتي سچي صلح ۽ عام بچاءَ طرف مائل ڪري سگهي تہ فرانس ۽ انگلنڊ بہ آميريڪا جي رهبريءَ هيٺ خود غرضي دور ڪري سنڌيءَ (صلح) ۽ سهڪاريءَ جا شيوڪ ٿي هند هند مظلوم کي داد ڏيڻ لاءِ جفاڪشي ڪندا. اڙٻنگ سر مختيارن کي سڌي ڪرڻ لاءِ مالي ۽ آرٿڪ هٿيار آهن پر جي نہ، تہ ڪروڙها پائونڊ خرچي جنگي اسباب پوري ڪرڻ ۽ لي ٻيها رکيا تن تنهنجو اُپيوگ. ٻيو ڪهڙو ٿي سگهندو جي عام بچاءَ ۽ ڪني سلامتيءَ خاطر انتر راشٽريہ پوليسي فوج طور ڏاڙيلن خونين کي سزا ڏيڻ ۾ اهو جنگي اسباب ڪم نہ آندو ويو؟ جپان کي سڌي ڪرڻ جو وجهہ جي هينئر هٿون ويو تہ دنيا جو امن امان هڪ طرف موڪلائي رهيو ۽ ٻئي طرف انگلنڊ، آميريڪا ۽ هالنڊ جي پئسفڪ مهاساگر مان يا خود ساري پورب مان سڀ دخل گم ٿي ويندو. تنڊين حڪومتن ۾ وري نئين سر ايمان جاڳايو آهي تہ عام بچاءَ جو سرشتو وري برپا ڪيو ويو آهي. وري زور ڀريا انصاف پسند راڪو اُٿيا آهن جنجي سهڪاريءَ سان انتر راشٽريہ سڀا جو نوجيون شروع ٿيو آهي. آميريڪا اهو جس ڪٽندي ۽ انگلنڊ ۽ فرانس ساٿس شامل ٿيندا؟

چونڊ چٽڪا

ڪايا ڪلپ جو عجيب چمتڪار

پنڊت مدن موهن مالوي کي ڪايا ڪلپ جي علاج ڏايو فائدو ڪيو آهي. پنڊت مالويه سان ڪنهن کي گڏجڻ نٿو ڏنو وڃي پر يوگيءَ جي موڪل سان پنڊت ڪنزرو ۽ بنارس جو مهاراجا، پنڊت مالويه کي جدا جدا وقتن تي گڏيا. پنڊت ڪنزرو مالوي کي ڏسڻ شرط چيو ته اوهان جي هلڻ جو نمونو اهڙو آهي جو ويهه ورهيه اڳ مون اوهان جو ڏٺو هو. پنڊت هرديه ناٿ اخبار وارن کي چيو ته پنڊت مالوي جي صحت ۾ مون حيرت جهڙو فائدو ڏٺو.

پنڊت مالوي جو فرزند پنڊت مڪند لعل جو الهه آباد ۾ شيوا ڪٽيءَ ۾ پنڊت جي شيوا ڪري رهيو آهي تنهن وڌيڪ ظاهر ڪيو آهي ته پنڊت مالوي جي نظر تمام بيحد گهڻي سڌري آهي ۽ من جو حافظو اهڙو سڌريو اٿس جو جيڪي شلوڪ وسري ويا هئس سي هينئر بنا هٿڪ چئي پيو وڃي. کاڌي هضم ڪرڻ جي شڪتي ڏايي وڌي ويئي اٿس ۽ ننڊ به اهڙي سٺي ٿي اچيس جو ورهيه اڳ ڪڏهن ڪونه آئي اٿس. پنڊت مالوي هن کان اڳ ڪجهه جهڪي هلندو هو پر هينئر سندس چالي سڌي آهي ۽ بدن ۾ عجب شڪتي پيو پسي. صبح سانجهيءَ پڳونٽ گيتا پيو پڙهي ۽ وچ ۾ پورن آرام وٺي.

پنڊت هرديت شاستري به پنڊت مالوي وانگر ڪايا ڪلپ جو سادن شروع ڪيو آهي. هنکي به سچيو فائدو پيو آهي. هن جي نظر تمام گهڻي سڌري آهي. ساڄي اک ۾ هن کي اصل طاقت ڪانه هئي تنهن ۾ هينئر ڏسڻ جي طاقت اچي ويئي اٿس ۽ عينڪ کانسواءِ هو سڀ ڪجهه ڏسي سگهي ٿو.

شاردا ائڪٽ ۾ سڌارو

شاردا ائڪٽ ۾ جيڪا هڪ مکيه اوڻائي هئي سا درست ٿي ويئي آهي. هيستائين ننڍپڻ جي شادين تي بندش رڳو انگريزي حد اندر هئي. نتيجو اهو ٿي اڪثر جو ڪيتريون شاديون ماڻهو رياستن ۾ ڪرائي ٿي آيا. مسٽر لعلچند نولراءِ هند اسيمبليءَ ۾ شاردا ائڪٽ کي درست ڪرڻ جو بل پيش ڪيو هو جنهن موجب انگريزي حد مان جيڪڏهن ڪي ماڻهو رياستن اندر وڃي شاديون ڪرائيندا ته انهن تي به آئينده ڪورٽ جي ڪارروائي ٿي سگهندي. هيستائين سرڪار شاردا ائڪٽ کي وڌيڪ

اڻرائتي ڪرڻ ۾ رڪاوٽون پئي وڌيون. خود شاردا ائڪٽ پاس ڪرڻ وقت سرڪار جيڪي اٽڪون ۽ مشڪلاتون پئي پيدا ڪيون تن کان پڙهندڙ غير واقف نه آهن. پر خوشي جي ڳالهه آهي جو هندسرڪار هينئر پنهنجو رخ بدلايو آهي. مسٽر لعلچند نولراءِ جيڪو بل پيش ڪيو تنهن جي سرڪار هڪدم ائي پنيرائي ڪئي جنهڪري بل هڪئي ڏينهن ۾ بحال ڪيو ويو. نه رڳو ايترو پر سرڪار بل ۾ هڪ درستي پيش ڪئي جنهن موجب برٽش انڊيا ۾ رهندڙ نه رڳو رياستن ۾ پر فرينچ، پورچوگيز يا ٻين ڌارين شهرن ۾ وڃڻ سان به انڊين جون شاديون ڪرائي نه سگهندا. اسين خوش ٿيا آهيون جو هند اسيمبلي اهڙو ضروري بل بحال ڪيو آهي. (هندو)

جرمنيءَ ۾ عورتن جي بيروزگاري دور ڪرڻ

جرمنيءَ ۾ هٽلر جي ڊڪٽيٽري کان سڀئي بيزار آهن پر انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته جرمنيءَ ۾ ڪي تمام سٺيون رٿون عمل ۾ اچي رهيون آهن. بيروزگاري لاهڻ لاءِ خاص اپاءَ ورتا پيا وڃن. گذريل سال جرمن سرڪار جي ڌيان ۾ آيو ته ٢٥ هزار ڇوڪريون هاءِ اسڪولن يا وچولن اسڪولن مان نڪري آيون آهن ۽ وڌيڪ وديا وٺڻ جو هنن کي خيال نه آهي ۽ نڪا سمرٿي ٿي اٿن. انهي ڇوڪرين کي بيروزگار ڪپڙي.

آخر هٽلر خيال ڪرڻ لڳو ته ڪهڙي نموني هنن شهري ڇوڪرين کي ڪم ۾ رڌايان؟ نيٺ هڪ ترتيب ڳولهي ڪڍيائين. چياءِ ته سڀ ڇوڪريون جيڪي اسڪول ڇڏين سي هلن ڳوٺن ۾، ۽ هڪ سال هلي پوک ڪرڻ سکن. ٽيهن ٽيهن ڇوڪرين جي ٽولي ناهي جدا جدا ڳوٺن ۾ موڪليائين ۽ جتي هنن کي ٻج ڇٽڻ، هر ڪاهڻ، فصل لاهڻ ۽ ٻيو سمورو پوک سان واسطو رکندڙ ڪم سيکاريو پيو وڃي. هر هڪ ٽوليءَ مٿان هڪ زال رکي ويئي. اهڙي ريت هڪ ئي سال ۾ ويهه هزار ڇوڪريون ڳوٺن ۾ پنيءَ جي ڪم لاءِ موڪليون ويئون.

هاڻ ڇوڪريون رڳو شهري جيون تي هريل هيون. موٽرون ۽ سئنيمائون، انهن ئي ڳالهين تي هنن جو گهڻو ڌيان هو. پر هاڻي سمجهڻ لڳيون ته ڳوٺن جون حالتون ڪهڙيون آهن. ٻاري ۽ برسات پوڻ ڪري فصل ڪيئن تو ناس ٿئي ۽ سٺي فصل جي پوک ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون آهن، انهن ۽ ٻين لاڳو ڳالهين جي هنن کي هينئر سڌ ٿي پوي. انهي هو ڳوٺاڻن سان رلي ملي ٿيون. هنن سان ناچ گانو ڪن ٿيون. حياتي جي سچي مقصد جي ڪين وڌيڪ پروڙ پوي ٿي. ڳوٺن جي رهڻي به سنڌن مثال ڪري بهتر ٿئي ٿي. مطلب ته پٽي هڪجهڙي مان پرائين ٿا. ڇوڪرين ٽوڙي ڇوڪرن کي رنيا ٿڻ جي اها سٺي ۾ سٺي ترتيب آهي. (هندو)

بدريناٿ ياترا

ليکڪ:- شريمت ولڀداس چوٿي لعل پروهت

ڀارتورش ۾ تيرٿ ياترا ڪرڻ کي پڄ ڪري ميڄيو ويو آهي. اڄ نه بلڪ پراچين ڪال کان ڀارتواسين ۾ تيرٿ ياترا ڪري پڄ حاصل ڪرڻ جي مضبوط ڀاوَنا موجود آهي. مهاڀارت ۾ ديورشي نارد، مهاتما ڀيشم ۽ پلستيه جو هڪ سندر سنواد، ڌرمراج يڌشٽر کي ٻڌايو هو. تيرٿن جي وڏائي ٻڌائيندي پلستيه چيو:—

هي پوتر سرشٽي، رشين جي پرمگتي تيرٿ ياترائي آهي. غريب پرش انهنکي ڪري يگين جو پورو ڦل پائي سگهن ٿا. اها رشين جي پرم گپت تيرٿ ياترا يگين کان اوچي ليکي ويئي آهي. دنيا جي جهنجهٽن کان ڇٽڻ لاءِ اُمر رستو سواءِ تيرٿن جي ٻيو ڪونهي.

ڀيشم پتامه ٻن قسمن جا تيرٿ ٻڌايا آهن:- باهريان ۽ اندريان. باهريان تيرٿ پرٿوي تي آهن ۽ اندريان منشيه جي سرير ۾. ڌرمراج سوال ڪيو ته سڀني ۾ سريشٽ تيرٿ ڪهڙو آهي؟ ان جي جواب ۾ ڀيشم چيو:-

پرٿوي تي جيترا به تيرٿ آهن سي سڀ ڦل ڏيندڙ آهن. منشيه هميشه گڻن جي پونواري ڪري اگاڌ، نرمل، شڌ ستيه روپ جل ۽ ڌيريه روپ ڪنڊ- گڏيل منش- تيرٿ ۾ اشنان ڪري. انهي تيرٿ ۾ اشنان ڪرڻ سان انرتتو، سرلتا، ستيه، مردتا، اهنسا، ديا، اندرين جي دمن جي شڪتي ۽ شانتي جي پراپتي ٿئي ٿي. جو منش دوئي کان رهت، ممتا رهت، اهنڪار هين ۽ سرو تياڳي آهي، جنهنجي من مان ستو، رجو ۽ تمو گڻ ناس ٿي ويا آهن، جو سروگيه، سمدرشي ۽ تياڳ شيل آهي، ۽ جنهنجو چرترا تي نرمل آهي سوئي پرم پوتر آهي. پاپ نه ڪرڻ ۽ تيرٿ ۾ اشنان ڪرڻ سان باهريان ۽ اندريان ٻئي شڌ ٿين ٿا. جهڙي ريت سريرم ۾ تيرٿ آهن، اهڙي ريت پرٿوي تي ڪيترا استان ۽ ندين به پوتر تيرٿ آهن. تيرٿن جي ياترا ڪرڻ، ندين ۾ اشنان ۽ پترن جي ترپڻ ڪرڻ سان سڀ پاپ نشٽ ٿين ٿا. پرٿوي ۽ جل جي تيج جي پرڀاوَ سان ۽ ماڻهن جي اچڻ وڃڻ ڪري خاص خاص استان پوتر ليکجڻ ۾ اچن ٿا.

هينئر ريلن ۽ موٽرن جي سهوليت ڪري سبب ماڻهو، جڏهن چاهي، بيڪنٽڪي ليوت ياترا ڪري سگهي ٿو. فقط اترا کنڊ ۾ يگوان جي لهوپومي بدرڪا آشرم وڃڻ لاءِ ياترين کي، مقرر ٽيل وقت جي اندر، پيادل مسافري ڪري، وڃڻو پوي ٿو. اوڏانهن به ياترين جي گهڻي اچ وڃ ڪري سڙڪون سڌري ويون آهن. جن هنڌن تي پوا ٽٽا جهولا (لڏندڙ پليون) هئا اتي پڪيون پليون ٺهي ويون آهن. هڪبئي جي نزديڪ آرام وٺڻ لاءِ ڇپرون ۽ سامان لاءِ دڪان آهن. هينئر سواءِ پيادي هلڻ جي ٻي ڪا به ياترين کي تڪليف نٿي ٿئي. هر سال ٥٠-٦٠ هزار ياتري يگوان بدريناٿ جو درشن ڪري ڪرتارٿ ٿين ٿا. مطلب ته بدريناٿ جي ياترا، ٻين تيرٿن جي ڀيٽ ۾، اڄ به تڪليف ڏيندڙ آهي پر خوفائتي نه آهي.

بدريناٿ سال جا ڇهه مهينا کليل رهندو آهي، ۽ ڇهه مهينا سخت ٿڌ سبب بند رهندو آهي. اڪڻ ٽيج تي دروازا کلندا آهن ۽ ڪتي ڏاري بند ٿيندا آهن. سرد ڏينهن ۾ اتون جا رهاڪو پهاڙن تان لهي اچي گرم هنڌن تي رهندا آهن.

هيءَ ياترا هردوار کان شروع ٿئي ٿي. پهرين منزل رشيڪيش آهي. اتان کي ياتري پيادل روانا ٿيندا آهن ته کي پنهنجي سواري لاءِ جدا جدا بندوبست رکندا آهن.

رشيڪيش هردوار کان ١٢-١٣ ميلن جي مفاصلي تي آهي. اتي سواري لاءِ ڏوليون خواه سامان جي کڻڻ لاءِ مزور ملندا آهن. سواري ڪرڻ مهل ياترين کي هيٺين خبرداري ڪرڻ کپي. ڏسڻ کپي ته نوڙيون ۽ چم جا پٽا ڪمزور ته نه آهن، جي ڪمزور هجن ته اهي درست ڪرائجن ۽ انهن کي وقت بوقت تيل ڏيندو اچجي. مزورن کي سامان تورائي ڏجي. اهو سرڪار پاران بندوبست رکيل آهي. سامان مزور کي کڻي هلڻ لاءِ ڏجي تنهنجي وچور جو نقل هڪ پاڻ وٽ رکجي ۽ ٻيو مزور کي رکڻو آهي. جي مزور سامان سان اڳ پوءِ ٿئي ته چنتا نه ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ ته انهن کي سرڪاري ليسن مليل آهن ۽ هو هر طرح وشواس جي لائق آهن. مزوري جو اگهه سرڪاري ٻڌل آهي پر ياترين جي گهٽ وڌ انداز ڪري اهو گهٽندو ۽ وڌندو رهي ٿو.

هردوار مان هڪ بانس جي لٺ، لوهه جي سنهي منهن سان، خريد ڪري پاڻ سان کڻڻ کپي، ڇاڪاڻ ته اها پهاڙ تي چڙهڻ لهڻ وقت ڪارائتو ڪم ڏيندي.

رشيڪيش کان وٺندي بدريناٿ تائين باني ڪالي ڪملي واري جو واٽ تي بندوبست ٿيل آهي. توري توري مفاصلي تي ياترين جي سک لاءِ سنڌس جايون ٺهيل

آهن جتي ٽڪ ڪان بچڻ لاءِ ياترين کي هنڌ بسترا به ملي سگهن ٿا. رشيڪيش ۾ سنڌس آفيس آهي. ياترين کي اتان چٽي ونڻگهرجي جا ڪين رستي تي سنڌس آستانن تي ڏيکارڻ سان وڏي سهوليت ملي سگهي ٿي. ڪالي ڪملي واري وٽ هڪڙيون به دوائون موجود رهن ٿيون جي هرهڪ ياتري کي هروقت پاڻسان رکڻ کپن. اهي واٽ تي پاڻي نه وٽڻ جي حالت ۾ ڪم اچن ٿيون.

واٽ تي ٻن ٻن ٽن ٽن ميلن جي مفاصلي تي ياترين جي ٽڪ پيچڻ، آرام ڪرڻ يا رات جي ٽڪڻ لاءِ بندوبست ٿيل آهي. اهڙن جاين کي چٽيون سڏبو آهي. ياترين کي واٽ تي پاڻي جي ذرو به تڪليف ڪانه ٿيندي. ڪيترن هنڌن تي سرڪاري نلن جو بندوبست ٿيل آهي جنمان تمام عمدو پاڻي سچو ڏينهن ۽ رات ملي سگهيٽو.

هرهنڌ ڪاڪوسن جو به خاطر خواه بندوبست ٿيل آهي ۽ اهڙن جائن تي جهنڊيون لڳل هونديون آهن. ڪن هنڌن تي ڪاڪوسن جي نزديڪ هڪ ٻوٽي قودني جي شڪل وانگر ٿئي ٿي جنهن کي ڇهڻ نه کپي. اها وچون ٻوٽي آهي، جنهن جي ڇهڻ سان بدن ۾ زهريلي خارس پيدا ٿيندي آهي.

ياتري پاڻ ۾ ٽوليون ڪري نڪرندا آهن. ڪي وري پاڻهر واٽ تي گڏ جي ٽولين ۾ ٿي هلندا آهن. ٽوليون صبوح جو ۴ بجي مهل روانيون ٿيڻ شروع ٿينديون آهن. ٧-٨ ميل پنڌ ڪري ڪنهن سٺي چٽي تي آرام پٽينديون آهن. وري منجهند ڪان پوءِ اڳتي هلنديون آهن ۽ ۴-۵ ميل پنڌ ڪري ڪنهن چڱي چٽي تي رات ڪاٽينديون آهن.

ياترين کي اشنان ۽ ڪرڻ جا ڪپڙا پاڻ سان ڪٽي هلڻ کپن. جيسين ڪولي اچي سامان ڀچائي ٿي ڀچائي تيسين چٽي تي دڪاندار ڪان سيڌو ۽ باسڻ وٺي اشنان، ڪائڻ ۽ پيئڻ جو ڪم لاهي سمهي آرام ڪرڻ کپي.

چٽي تي جيڪي دڪاندار هوندا آهن سي گهربل سامان خوشي سان ڏيندا بشرطيڪ ڪائن سيڌو ۽ سامان خريد ڪبو. دڪانن تي ڪيترائي رنڌڻا ٺهيل هوندا آهن جنجي ليپي ۽ صفائي وغيره جو بندوبست دڪاندار پاڻ ڪندا آهن.

بدريناٿ جي ياترا ڀهاڙي ياترا آهي ۽ رشيڪيش کان وٺي ئي لاهيون چاڙهيون شروع ٿين ٿيون. جتن رشيڪيش ڪان ٻري وجبو تتن سيڌي سامان جو اگهه ويندو آڪرو ٿيندو. جيڪڏنهن پاڻ سان گيهه ڪٽي يا ڪٽائي سگهجي ته انهر فائدو آهي، نه ته به واٽ تي گيهه ملڻ ۾ تڪليف نه ٿيندي.

ديو پرياڳ

رشيڪيش کان اٽڪل ۴۴-۴۵ ميلن جي مسافري ڪرڻ بعد ديو پرياڳ جو شهر ايندو. هي وڏو شهر آهي.

ان ۾ سڀڪجهه ملي سگهندو آهي. منجهس پوسٽ آفيس، تار آفيس، اسپتال ۽ ڌرمسالا آهن. هتي سري گنگا ۽ الڪنندا پاڻ ۾ گڏجن ٿيون. شهر ٻن پاسن ۾ ورهايل آهي: هڪ انگريز سرڪار جي هٿ هيٺ آهي ته گنگا جي پار وري راجا جو ملڪ آهي. شهر جا ٻئي پاسا چڱا وسيل آهن. هتان به بدريناٿ لاءِ سواري وغيره جو بندوبست ٿي سگهندو آهي. ديوپرياڳ ۾ اچڻ لاءِ هردوار کان پڪو رستو ٺهيل آهي جنهنتي موٽرون وغيره هلنديون آهن.

گنگا ۽ الڪنندا ندين تي سهٽيون پليون ٺهيل آهن. جتي ٻئي نديون پاڻ ۾ ملن ٿيون اتي اشنان ڪرڻ کي پڄ ڪري ليکيو ويندو آهي. اتي پنڊ پرايا ويندا آهن ۽ سراڌ ڪارايا ويندا آهن. هي شهر هردوار کان ٿڌو آهي ۽ برسات به وڌيڪ پوندي آهي.

سري نگر

ڏينهن اڌ رهي ديوپرياڳ کان نڪربو ته ١٨ ميلن جي پنڌ تي سري نگر شهر ملندو. هن پاسي ۾ گهڻو پنڌ صبح جو ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ جو پوئين پهر سج تپي ٿو ۽ سڄو وقت تکي اس رهي ٿي.

سري نگر اتراکنڊ جي ڳڙهوال ضلع ۾ سنو شهر آهي ۽ ڪليڪٽر جي رهڻ جو هنڌ آهي. شري گنگا انجي نزديڪ وهي ٿي. هت هڪ بازار آهي ۽ سڀ سامان سستو ملي سگهيتو. ايندڙ ڪنڀ جي ميلي ٽاڻي ديوپرياڳ کان وٺي سري نگر تائين موٽر جو رستو کلندو جو هينئر تيار ٿي رهيو آهي. پوءِ ياتري هردوار کان سڌو ٧٨ ميل موٽر جي سواري ڪري اچي سري نگر ۾ پهچندا. هت به سواري جو خواه مزورن جو خاطر خواه بندوبست ٿي سگهيتو.

هت ڪالي ڪملي واري جي هڪ شاهي عمدي ڌرمسالا آهي جنهن ۾ سڀ قسم جو سنو بندوبست ٿيل آهي. شهر جي وچ ۾ هڪ باغ آهي جنهن جي نزديڪ تار ۽ ٽپال آفيس آهي. هت اسپتال ۽ پوليس ٿاڻو به آهي. جيڪڏهن واٽ تي ڪولين کا تڪليف ڏني هجي ته اُنجي دانهن پوليس ۾ ڏيڻي سگهجي ٿي. اهڙي دانهن ديوپرياڳ يا ٻين وڏن شهرن ۾ به ڏيڻي سگهجي ٿي.

هي شهر ڪجهه گرم آهي. هت وڇون گهڻا ٿين ٿا. رستي تي چٽين ۾ به اهڙن جيتن ۽ سؤپيرين کان هميشه هشيار رهجي. هڪ ڳالهه هيءَ ڌيان ۾ رکڻ کپي ته سنو ۽ وڏو رستو ڇڏي لنڊي پيچري تان ڪڏهن به هلڻ نه کپي.

رُدر پرياڳ

سري نگر کان ١٦ ميل پنڌ ڪبو ته رُدرپرياڳ ايندو. هت سري گنگا جون به پرتي ڪندڙ نديون الڪنندا ۽ مندا ڪني- پاڻ ۾ ملن ٿيون. انهن تان پار لنگهڻ لاءِ هڪ وڏي پل آهي. جيتوڻيڪ گوٺ ايڏو وڏو ڪونه

آهي ته به سيڌو ۽ سامان ملي سگهيٿو. همت ڪالي ڪملي واري جي ڌرمسالا آهي.

هتان سري بدريناٿ ڏي وڃڻ لاءِ ٻه رستا ڦٽن ٿا: هڪ سڌو بدريناٿ ڏانهن وڃيٿو ۽ ٻيو ڪيدارناٿ کان ٿيندو وڃيٿو. گهڻا ياتري ڪيدارناٿ جو درشن ڪري پوءِ بدريناٿ ويندا آهن.

گپت ڪاشي

رُدرپرياگ کان ٢ ميل پري گپت ڪاشي جو شهر آهي. هي چڱو شهر آهي ۽ منجهس چڱي بازار آهي. منجهس هڪ شاهي مندر آهي جتي اشنان آدي ڪجي ٿو. منجهس برانچ پوسٽ آفيس آهي. هتان جڏهن اڳتي هلبو تڏهن ٿڌ ۽ برسات ويندي وڌندي. هتان ٻاهر نڪربو ته ڪيدارناٿ جا برف سان ڀريل اڇا پهاڙ نظر ايندا. گپت ڪاشي کان ڪيدارناٿ اٽڪل ٣٠ ميلن جي مفاصلي تي آهي.

ڪيدارناٿ

گپت ڪاشيءَ کان اڌ ميل پنڌ تي نالا چٽي آهي. هتي گهرج کان وڌيڪ سامان دڪاندار وٽ امانت ڪري رکجي ۽ ڪيدارناٿ کان موٽي اچي کڻجي، ڇاڪاڻ ته موٽندي هتان ئي وري لنگهڻو پوندو. جي بالائي سامان اتي نه رکبو ته نه فقط پاڻکي اجائي تڪليف هيٺ آڻبو پر ڪولين کي به مفت تڪليف ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته ڪيدارناٿ جو پنڌ اڻانگو آهي ۽ رستي تي سخت لاهيون چاڙهيون آهن.

هن ملڪ ۾ چوري جو نالو به ڪونه آهي. ماڻهو سپتيا ۽ سچا آهن. ڀارت جي پراچين سڀيتا جو جي نظارو ڏسڻو هجي ته اتراکنڊ جي هن ڀاڱي ۾ ڏسي سگهجي ٿو! واٽ تي، رستي کان ٿورو پاسيرو، ترجوڳي نارائڻ جو تيرٿ آهي. اتي پهچڻ لاءِ چاڙهي چڙهڻي پوي ٿي. درسن ڪري اڳتي وڌبو ته سون پرياڳ ۾ پهچبو. همت منڊا کني ۽ واسڪي ننديون پاڻ ۾ گڏجن ٿيون ۽ ڪيدارناٿ واري رستي ۾ پئجي ٿو. هتان ئي چاڙهيون شروع ٿين ٿيون. چار ميل پري گوري ڪنڊ نالي ننڍڙو ڳوٺ آهي جتي ڪالي ڪملي واري جي ڌرمسالا آهي. اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ ڏسڻ ۾ ايندي جو همت ٿڌي پهاڙ هوندي به ان مان ٻه جهرڻا نڪرن ٿا جنمان هڪ سخت ٿڌو آهي ته ٻيو گرم. ايشور جي عجيب ليلا ڇٽي!

اها پهاڙن جي قطار رشيڪيش کان شروع ٿئي ٿي ۽ گنڌ مادن پروت جي نالي سان سڏجي ٿي.

گوري ڪنڊ کان پوءِ ١٢ ميلن جي چاڙهي بعد ڪيدارناٿ اچيٿو. گوري ڪنڊ ۾ رات ٽڪي صبح جو ڪيدارناٿ ڏانهن روانو ٿجي ۽ جڏهن رات جو وچي اتي ٽڪجي، ڇاڪاڻ ته وچ ۾ ڪٿي به ٽڪڻ جو بندوبست ڪونه آهي.

واٽ تي برف لتاڙڻي پوندي، ٿنهن ڪري لٺ کي برف ۾ پختو کوڙي اڳتي قدم وڌائڻ کپي. پلي پلائي به برف نه کائڻ کپي نه ته بيمار ٿيڻ جو امڪان آهي. واٽ تي پوڄ پٿرن جا وڻ جام ٿين ٿا ۽ انهن جا پن اٽي روٽي وکي کائڻ جي ڪم ايندا آهن.

ڪيدارناٿ تمام ٿڌو استان آهي ۽ سخت برف پوندي. سخت اونهاري جي موسم ۾ به جاين اندر باهه ٻاري پاڻکي گرم رکڻو پوندو آهي. ايتري ته ٿڌ آهي جو گهڙيون ۽ گهڙيال به وقت ڏيکارڻ کان بند ٿي ويندا آهن. ڪيدارناٿ سمنڊ جي سطح کان اٽڪل ١٥٠٠٠ فوٽ مٿي آهي. سڄي هندوستان ۾ ڪيدارناٿ کان مٿي ٻيو ڪوبه رهڻ جو هنڌ ڪونه آهي.

مهاديوجي جو پراچين مندر هماليه جي ٽوڪ ۾ آهي. اتان مٿي وڃڻ جي ڪنهن کي به همت نه ٿيندي آهي. ڌرتي، پهاڙ، برف، آسمان ۽ بادل هڪ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پهاڙن تي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا ڪونه ٿين رڳو برف جي اڇ ئي اڇ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

مهاديو جو مندر فقط اونهاري جا ڇهه مهينا کليل رهندو آهي، سياري ۾ جايون ۽ مندر برف سان ڍڪجي ويندا آهن. ڪيدارناٿ ۾ هڪ ٻن ڏينهن کان وڌيڪ رهي نه سگهبو آهي.

اوکي مٺ

موٽندي ساڳيو رستو وٺي، نالا چٽيءَ تان سامان سنڀاري ڪٽي اڳتي وڌبو ته واٽ تي اوکي مٺ ايندو جو گپت ڪاشي جي سامهون آهي. رستي ۾ ڪاٺ جو سامان تمام سنو ۽ سستو ملندو آهي جو نه وٺڻ کپي، ڇاڪاڻ ته اهو جلد ڦٽي پوندو آهي. سلاجيت به سستو وڪامي ٿو پر سواءِ خاطري ۽ پرکيا جي اهو وٺڻ نه کپي. رستي تي مک جام ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سياري جي وقت ۾ سڄي ڪيدارناٿ جي شيوا هت رهندي آهي. هت ٽپال آفيس ۽ اسپتال آهي. ڳوٺ چڱو آهي، منجهس سڀڪجهه ملي سگهندو آهي. رهڻ جون جايون چڱيون سگهدائي آهن. هتان به گهوڙن جو بندوبست ٿي سگهندو آهي.

تنگناٿ

١١ ميلن جي پنڌ تي چوبتا چٽيءَ کان هڪ رستو تنگناٿ ڏانهن، جو پڻ هندن جو تيرٿ استان آهي، وڃيٿو. تنگناٿ جي چاڙهي تمام سخت آهي. ٢ ميل تمام سخت چاڙهي آهي ۽ واٽ تي ڪيترن هنڌ ٽوسي ساهه پٽڻو پوندو. ياترين کي پاڻ سان پاڻي ساڻ کڻڻ کپي جو گهرج مهل ڪم اچي سگهي. واٽ تي پاڻي جو بندوبست ڪونه آهي. هينئر سرڪار جي ڪوشش سان چاڙهي سٺي نموني ۾ ٺهي آهي جنهنڪري گهڻائي ماڻهو اوڏانهن ياترا لاءِ وڃن ٿا. هي سمنڊ جي سطح کان ١٣٠٠٠ فوٽ مٿي آهي ۽ بلڪل

تڏو آهي. منجهس رهڻ جو پورو سک ڪونه آهي ۽ نڪي دڪانن جو خاطر خواه بندوبست آهي، جنهنڪري ياتري درسن ڪري هڪدم موٽندا آهن. ٽنگناٿ جي لاهي لهڻ ڪاپوءِ پڪٽا چٽي ۾ اڳين رستي سان اچي ملجي ٿو.

گوپيشور

۹ ميلن جي پنڌ تي گوپيشور جو ڳوٺ آهي. رستي ۾ جهنگل آهي جنهن ۾ انيڪ ميون جا وڻ آهن. واٽ تي رشيڪيش کان وٺي چيل جا تمام ڊگها وڻ ڏسڻ ۾ ايندا. دق ٽپ ۽ سلهه لاءِ چيل جي وڻن جي ڇايا ۽ هوا تمام مفيد آهي.

ڪيترن هندن تي سدا سنوان پٽ ملن ٿا جنهن ۾ پوکون بلڪل عمديون ٿين ٿيون. جڏهن مٿانهن پهاڙن تان بيهي هيٺ چوگرد نظر ڦيرائجي ٿي تڏهن چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ پسي جيڪا دل کي فرحت ٿئي ٿي سا قلم کي طاقت نه آهي جو بيان ڪري. دل ۾ امنگ اٿن ٿا ۽ رستي جون سڀ تڪليفون وسري وڃن ٿيون. پهاڙي هوا ٿڌي ٿيندي آهي جنهنجي لڳڻ سان بدن ۾ ڦڙتي پيدا ٿئي ٿي ۽ پنڌ ۾ ڪا به تڪليف نه ٿيندي آهي. جيڪڏهن شڪ من رکندو اچي ته شرير، من ۽ آتما کي جيڪر سنو لاڀ پراپت ٿئي. واٽ تي پاڻيءَ جو سرڪاري طرح جهرڻن ذريعي بندوبست ٿيل آهي. هڪ هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته يڪدم بنا آرام وٺڻ جي پاڻي نه پيئجي. هميشه ڪجهه وقت ويهي، ٿڪ پٽي، ڪجهه کائي پوءِ پاڻي پي پنڌ ڪرڻ کپي.

هردوار کان وٺي ميلين جا نمبر لڳل آهن جن مان سمجهي سگهجيٿو ته ڪيترو پنڌ ڪيو آهي ۽ اڃا باقي ڪيترو پنڌ ڪري چٽيءَ تي پهچبو.

گوپيشور ۾ سڀ ڪجهه ملي سگهندو آهي، هي تيرٿ استان پڻ آهي.

چمولي

گوپيشور کان اڳتي پنڌ پئبو ته ۵ ميلن جي مفاصلي تي چمولي جو چڱو ڳوٺڙو ڏسبو. منجهس تار ۽ ٽپال آفيس، اسپتال ۽ ڪورٽ آهي. ڪالي ڪملي واري جي ڌرمسالا هتي به آهي. منجهس چڱي بزار آهي جنهن ۾ سڀ ڪجهه ملي سگهيٿو. سامان پاڻ سان وڌيڪ هجي ته هت هٽن تي رکي اڳتي وڌجي ۽ وري اهو سامان موٽي اچي ڪڍجي. هرهڪ ٽنگ لاءِ ٽڪو ڏيڻو پوندو. هتان سري بدريناٿ جو رستو هلي ٿو.

پپل ڪوٺي

چمولي کان ۱۰ ميلن جي پنڌ تي پپل ڪوٺي آهي جو چڱو وسيل شهر آهي. منجهس چڱي بازار آهي ۽ الهان سڀ سامان ملي سگهيٿو. هت رهڻ جو سٺو بندوبست آهي. هت تار ۽ پوسٽ آفيس آهي.

هت پهاڙي دوائون وڪامن ٿيون ۽ ڀيڻ وارا چنور نهن ٿا .

جوشي مٺ

۲۰ ميل پنڌ ڪرڻ بعد جوشي مٺ جو شهر ايندو. هت ٻ تار ۽ پوسٽ آفيس آهي. بازار پڻ چڱي آهي جتان سڀ ڪجهه ملي سگهندو آهي. رهڻ جو سٺو بندوبست آهي. منجهس هڪ وڏو مندر آهي جنهن جو درشن ڪرڻ وڏو پنج آهي.

هتان هڪ رستو ڪيلاس ڏانهن، ٻيو رستو نيتي گهاٽ ڏانهن ۽ ٽيون رستو بدريناٿ ڏانهن وڃيتو. ڪيلاس ۹۶ ميلن جي مفاصلي تي آهي ۽ سري بدريناٿ ۱۹-۲۰ ميلن جي مفاصلي تي.

وشنو پرياگ

جوشي مٺ کان ۲ ميل پنڌ ڪبو ته وشنو پرياگ ايندو جتي گنگا جي سنگم (ميلاپ) واري جاء تي سنان ڪرڻ اهم ڪنن آهي. ڪي پڪي دل وارا ماڻهو سنان ڪن ٿا.

پانڊ ڪيشور

هتان کان پوءِ ۵-۶ ميلن جي پنڌ تي پانڊ ڪيشور نالي ندي و ڳوٺ آهي جنهن ۾ پانڊون جو مندر آهي. هتي برسات گهڻي ۽ ٿڌ وڌيڪ پوندي آهي، هتان کان پوءِ چاڙهيون چڙهڻيون پون ٿيون. آهن ته سڄي رستي ۾ ئي لاهيون چاڙهيون مگر پانڊ ڪيشور کان پوءِ لاهي ڪا نه آهي؛ رڳي چاڙهي ئي چاڙهي آهي.

بدريناٿ

۱۲ ميلن جي پنڌ تي جنهن وقت پهچبو ته پريان ڀڳوان سري بدريناٿ جي مندر جي سوني ڪلش جو درشن ٿيندو. اهو ڏسي ساهه پيٽ ۾ پوي ٿو ته ياترا اچي سک سان پوري ٿي. آنند ۽ امنگ ۾ اهو ميل ڏيڍ پنڌ ڪجهه نه ٿو پاسي. ڀڳوان جي جئڪار منائيندي يڪدم لڪڙو لڪڙو پنڌ ڪجي ٿو.

بدريناٿ چڱو شهر آهي. منجهس رهڻ جون جايون چڱيون آهن ۽ وڏي سٺي بازار اٿس، مگر سامان مهانگو ملي ٿو. جيڪڏهن ۲۰ ميل اڳ ۾ اهو سامان پاڻ سان وٺبو اچبو ته سستو پوندو. ڪاڏي جا دڪان ٻ آهن جنهن ڪري پنهنجي رسوئي ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. ڀڳوان جو مندر وڏو آهي جنهن ۾ پڻ رهڻ جو بندوبست آهي، الڪ نندا هيٺان وهي ٿي. سردي سخت رهي ٿي. سمنڊ کان هي استان ڏهه ٻارهن هزار فوٽ مٿي چيو وڃي ٿو. ماڻهو اڇي رنگ جا ٿين ٿا مگر ڳئون ڪاريون ۽ ننڍيون ٿين ٿيون. پاڻي جا هت گرم ڪنڊ آهن جن ۾ جيڪڏهه اندر گهڙي سنان ڪبو ته گهڻو وقت نه ويهي سگهبو. هڪ ڪنڊ ته اهڙو گرم آهي جنهن ۾ اندر نه وڃي سگهبو آهي. پوسٽ آفيس، تار آفيس وغيره جو سمورو بندوبست ٺيڪ آهي. هتي ٻ ڪالي ڪملي واري جي ڌرمسالا آهي.

بدريناٿ ۾ جيڪي پينڊا پاڻ وٽ رهائن ٿا انهن کي پنڊ پرائڻ جو حق نہ آهي. گنگا جي جي ڪناري تي وري ٻيا پينڊا پنڊ پرائڻ لاءِ وهن ٿا جي پنڊ جي موڪيا جدا ونن ٿا. جيڪي پينڊا بندين مان وڏن جا نالا ڪين ٿا سي وڳو رهائڻ لاءِ جايون ۽ سامان ڏين ٿا ۽ انهن جو مندر سان ڪو بہ لاڳاپو نہ آهي ۽ نہ ڪي انهن جو ڪو پنڊ پرائڻ وارن پينڊن ۾ ڪو حصو آهي. بدريناٿ ۾ ٣ ڏينهن رهجي ٿو. مندر ۾ درشن جا وقت مقرر ٿيل آهن.

سوي بدريناٿ ۾ برسات پوي ٿي ۽ برف گهٽي رهي ٿي. هتان بہ اڳتي رستو وڃي ٿو مگر ڪي جزوي ماڻهو اوڏانهن ويندا آهن. ڪيدارناٿ ۽ بدريناٿ پاڻ ۾ ويجها آهن مگر هماليہ پهاڙ تان رستي نہ هئڻ ڪري ايڏو وڏو چڪر ڏيڻي چمولي کان اچڻو پوي ٿو. پاندڪيشور کان پوءِ بدريناٿ تائين واٽ تي برف آهي جا لتاڙڻي پوي ٿي. ڪي ياتري گهوڙن تي بہ اچن ٿا. سامان سڀ خچرن تي اچي ٿو. انهي جي پهچڻ جون ڇڪيون پاڻي جي وهڪري جي زور تي هلن ٿيون. پهاڙي ڪٽڪ ٻڪرين جي پٺيءَ تي ڪٽي انهن ڇڪين مان ان پيهائي وڃن ٿا. پهاڙي ماڻهو ننڍا توڙي وڏا، زالون توڙي مرد انهن پهاڙن جي سوڙهن پيچرن تان بہ بار سوڌا سٺائي سان لهن چڙهن ٿا. ان ملڪ جا رهاڪو تمام سادا آهن مگر سچيار آهن.

هردوار کان ڪيدارناٿ ۽ بدريناٿ ڏهن ڏينهن ۾ ٽپال پهچي ٿي، تنهنڪري پروگرام رٿي پهچڻ جي تاريخ تي ليکو ڪري، جيڪڏهن ٽپال گهرائجي تہ هرڪنهن هنڌ پهچڻ کان اڳ ٽپال پوسٽ ماستر جي هٿان ملي سگهندي. سڄي رستي ۾ ڪيترن هنڌ برانچ پوسٽ آفيسون آهن. سلسلہ وار پنڌ هرهڪ چٽيءَ کان ٻيءَ چٽيءَ تائين، پوسٽ-تار آفيس ۽ اسپتال جو نيشان هيمنداس بڪ سيلر ڳڙ بازار سکر جي پنهنجي سرينڊري ٽپڻي سال ١٩٩٥ ۾ ڏيکاريو آهي. هردوار کان ڪيدارناٿ- بدريناٿ ۽ واپس ڪل اٽڪل ٢٠٠ ڪوهہ پنڌ ڪرڻو پوي ٿو. سڙڪ تمام سٺي ٺهيل آهي مگر لاهين چاڙهين سبب سامان پاڻ نہ کڻي سگهبو آهي ۽ مزور ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي.

ڪالي ڪملي واري جو ساراهہ جوڳو ڪم

سڄي رستي ۾ ڪالي ڪملي واري جا جيڪي پراپڪار جا ڪم آهن سي تمام ساراهہ جوڳا ڪم آهن. ڇا ماڻهن جي لاءِ رڻ پٽ ۾ پاڻي پيارڻ، ڇا رستي تي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڌرمسالائون ۽ ڇا غريبن لاءِ هنڌن بسترن ۽ ڪاڌي ڪپڙي جو بندوبست. اهڙن اهڙن هنڌن تي سندس پاڻي موجود آهي جو پاڻي اتي نہ هجي تہ گهڻا ياتري جيڪر پاڻي وگهي مري وڃن. اونهاري

جي موسم ۾، ڀهاڙن جي مٿاهين چوٽين تي، گرم سج جي تپت کان ماڻهن کي ٿڌڙي ٿڪڙي پند ڪندي، سخت اڃ لڳي ٿي، پر گنگا جي بلڪل دور هوندي آهي. اهڙن ڪٺن هنڌن تي، دانی پرشن جي پيسن جي مدد سان، ياترين جي تندرستي ٿڌي پاڻي ۽ چايا سان بچائي وڃي ٿي. ڪالي ڪملي واري پينڊن جي تڪليف کان ماڻهن کي بچائي جايون هنڌ ڏيڻ ۽ اناٿن کي انهي رستي تي اڃ وڄ ڇا بندوبست ڪري ڏيڻ- اهي سڀ ساراهه ڪرڻ ۽ سهائتا ڏيڻ جوڳا ڪم آهن. هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سڄو دان ٿي سگهيٿو! هندوستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي دانين کي، ڪشادهه دل ڏيکاري، ڪالي ڪملي واري کي دان موڪلڻ گهرجي. ڪالي ڪملي واري جو پراپڪار جو ڪم جيڪو هن طرف هلي رهيو آهي اهڙو ڪٿي ٻه هندوستان ۾ ٻئي هنڌ ڏسڻ ۾ نه ايندو.

(هلندڙ)

بيت

پنهنجي اکين ڀاڻ ۾ ليٿو پايو جن

وهڻ لنکي وهه ٿيو انکي سک سمهن

سي انٿي پهر عجيب سان وينا اورڻ ڪن

شاهو منجهون ٿسن اچي بوءِ بهار جي

(٢)

اچي بوءِ بهار جي جڏنهن پرين پاڻ پسايو

وٺي وڇوڙي راتڙي اڱڻ سو آيو

سو لڏو لامڪان مون گور روحل بتايو

شاهو سمايو پاڻ پنهنجو ڀاڻ ۾.

(شاهو فقير)

گــلا

هيرانند سوپراج ميرچنداڻي بي - اي، ايس - ٽي سي

او شهرن ۾ غلغلو پيدا ڪندڙ، گهرن ۾ نفاق وجهندڙ، شخصي خوشيءَ جو خاتمو آڻيندڙ، تون ڪير آهين؟ بي ڪاريءَ جي بدصورت ڌيءَ، نڪما انسان ئي توتي مفتون آهن. تون ئي انهن جي جيءَ جو جيا پو آهين. تون نه هجين ته هوند هنن جي زندگي زهر ٿي پوي. جڏهن استري پنهنجي پرديس ۾ ويل پتيءَ کي ڏينهن رات ساريندي آهي، جڏهن سڀ برسات جي بوند لاءِ وات ڦاڙي واجهائيندي آهي تڏهن واندا گهڻي چاهه ۽ چوج مان تنهنجي وات لهاريندا آهن. تون ڪين ملين ته پاڻ ته ٻنهي جهانن جا سک نصيب ٿين. توکي حاصل ڪري تنهنجو جاپ جپين دل ۾ به تون وسين، وات تي به تنهنجي ئي واڻي رهين. توکان سواءِ ڪي ڪين اجهين. جڏهن ٻيا پنهنجي ٻچن کي ڏسي پيا ٺرن تڏهن واندا ۽ نڪما انسان توکي ڏسي ڪڙهن ۾ نٿا ماپن. ڏس، ته سارو ڏينهن پيا ٻرا ۽ پٽ ويچارين، جرمتي ترمتي ڪن ۽ اهو خيال نه ٿا ڪن ته اڳلي کي ضرور رسائي رهيا آهيون، سندس ننگ ناموس ٻوڙي رهيا آهيون ۽ سندس اخلاق تي بي جاءِ حملا ڪري رهيا آهيون. صبوح کان شام تائين چوندا وتن ته فلاڻي جي ڌيءَ جا ڇهڙا پار آهن، فلاڻو هينئر ٽو پاتال کٽو پيو آهي ۽ رڳو ٺوڙيءَ وارو ڀرم جهليو اٿس ۽ فلاڻو ڏيساورن ۾ پنهنجي لائون لذل زال کي وساري ڇڏي سان پيا لاڳي رهيو آهي. افسوس اهي واندا وهت اهو نٿا ڄاڻن ته ڪنهن غريب ٻيلي پرش جي عزت کي پامال ڪري رهيا آهيون، اصل ايتري قدر جو ويچارو پنهنجن ٻاورن اڳيان ڪنڌ به نه ڪڍي سگهي. مطلب ته نڪما شيطان وهيڻا، وتن اڻ رٿيون رٿيندا، ٻين جي باري ۾ اڻ رٿ ٻوليندا ۽ ٻيلي ءَ مان ٿنڀ ڪندا. سندن ڏندو ڏوڙي به اهو ته ڌرم ڪرم به اهو.

انهن کانسواءِ پيا به انسان آهن جي هن جو بڌي هن کي بڌائين. پنهنجي پيٽ پالنا لاءِ هٿ پير به هلائين، پنهنجي ڪٽنب قبيلي جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ هر قسم جون تڪليفون به برداشت ڪن مگر واندڪائي جو وقت پرائي ڀوءِ ڀوءِ ۾ گذارين. شل

مالڪ مهربان اهڙن گلا خورن کان هرڪنهن کي پناهه ڏي.

هن دنيا ۾ ٻيا وري آهن پورڙا انسان جي گلا خورن جي واتان ڪنهن شريف انسان جي ڪجهه ڦڪي ڳالهه ٻڌن ته چون ته "ڏونهون به ڪڏهن باهه بنا ٿيو آهي! دال ۾ مڙيئي ڪجهه ڪالا هيءِ!" شاباس هجي اهڙن انسانن جي عقل کي. مٽ هيڻ نڪي پڇن چونڪي ڇا، نه ڪي ڪڏهن نه ڪو ڪيئن. جيڪي ٻڌن سو ڪٺي ڳنڍ ٻڌن. مطلب ته هن دنيا ۾ هڪڙا آهن گلا خور ۽ ٻيا آهن ويساسي، جي سفيد پوشن جي عزت پيا لوڙين.

اي گلا، تون آهين ٻه موهين بلا! هن طرف به ڪائين ته هن طرف به ڪائين. گلاري جو ويڪ ناس ڪرين ته گلا ٿيندڙ جي عزت خاڪ ۾ ملائين. شريف انسان ٿي لوڪان ڏهه ڪوهه ڏور رهڻ چاهي ٿو. لوڪان ائين ڏري ٿو جئن ٻڪر شينهن کان. مگر جي شرافت سان سياڻپ هوندي اٿس ته سمجهندو ته لوڪان ڇٽڻ نه رڳو مشڪل آهي مگر محال. تون اهڙي ته بيرحم ۽ اڪسياڻي آهين جو اڄ هن جي عزت جو ٻڪ ڪپيئي، سياڻي هن جو مان ٿي طلبين. اي ڏائڻ، هرڪو شريف انسان هر روز ڏٺيءَ ڏر اهائي وينتي ڪري ٿو ته ڪنهن نموني تون مڙوئي ناس ٿيين. مگر تون اهڙو ڪيءَ ٿيين جهڙو انسان جو اڳيان دور ٿي. انسان چوندا ڪٺي گنگا جل جيتان پوتر هجي مگر ان جي پاڪدامن تي به ٽڪو ٿي لائين. جئن شهر وڏو تئن تنهنجو زور گهڻو، جئن ننڍو تئن تنهنجو زور وڌ. لوڪ سان لڳ لاڳاپا لاهي، لانگوٽي چاڙهي، هماليه پربت تي انسان وڃي ڪٽيا ۾ رهي ته واهه واهه نه ته هن دنيا ۾ لوڪان ڇٽندو سا سنڪڻي رکي. اي بي قياسڻ بلا، تو ڪنهنکي نه ڪکيو؟ پير پيغمبر، ولي اوليا به ڪين ڇڏيءَ! رواجي انسان ۾ تو سان سامهون ٿيڻ جي ڪهڙي مجال! پل ته انسان سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لوڪ-ي مرڪندي منهن ڏيڻ جا سبق پڙهي ۽ پڙهائي ته به جڏهن تنهنجي ڏوبڊو ٿئي ٿو تڏهن پنوٽي پاڻي ٿيو پوءِس. ڪهڙي به بي پرواهه بهادر انسان جي تو اڳيان همت هار جيو وڃي ۽ سندس جرائت آخر بيڪار ٿي ٿئي ۽ پس پيش اجائي لباڙ ثابت ٿئي ٿي. پل چوي ته لوڪ آهي بوڪ مرڪني وانگيان پولڪي، آءٌ سڪ جي سيج تي ننڊ ٿو ڪريان مگر تون سڪ ني سمهڻ ڇو ٿي ڏينس! انسان کي پنهنجي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي اهڙو ته بڇڙو بدحال ٿي ڪرين جو وقتي خودڪشي يا آپگهات ڪيو وڃي.

تون ڏنگين ته سنتن فقيرن کي به مگر انهن تي تنهنجي زهر جو اثر خير ڪو ٿي ٿو. الٽندو جئن مٿن تنهنجي ڏنگن جي پلائي ٿئي تئن اهي بهار بهار ٿين. تنهنجي ڏوس کي مالڪ جي مهر جاڻي واريءَ ڦل جيئان وهسن ٿا. تنهنجي حالت انهنجي اڳيان ڦياس جوڳي ٿيو پوي، شرم ۾ ٻڏيو وڃين! ظالم گهڻو ئي آهين مگر انهن جي اڳيان مظلوم ٿيو پوين.

چندرا

انوادڪ:- تاراچند روچيرام واڌواڻي، (قتيل).

"بابوجي! مان ڪمري ۾ اچي سگهان ٿي؟" هڪ جهيڻي آواز منهنجي خيالن جي سلسلي کي ٽوڙي ڇڏيو. مان ٽئگور جي آکاڻي پڙهي رهيو هوس. منهن ڦيرائي پٺيان ڏٺم، چندرا هٿ ۾ ٻهاري کڻي در وٽ بيٺي هئي. هوءَ هڪ اڇوت جي ڌيءَ هئي.

مون ورائيو، "ها" ۽ وري آکاڻي پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويس.

منهنجي سامهون دريءَ مان زعفران سان ڀريل ٻني نهايت خوبصورت معلوم ٿي رهي هئي، هوا جا هلڪا ۽ سرد جهوٽا منهنجي ڪپڙن کي لوڏي جسم ۾ سيائو پيدا ڪري رهيا هئا ۽ منهنجي دماغ جو مسافر، خيال جي گهراين ۾ ٻڏل، آکاڻيءَ جي اُن سٽ کي پڙهي رهيو هو، جنهن ۾ شهيد وطن ڦاسيءَ جي رسيءَ کي پنهنجن ڳاڙهن چپن سان ٿي چميو. آه! ... ڪيڏو نه دردانگيز هو اهو نظارو! منهنجي اکين ۾ آنسون ٽري آيا ۽ مون ڪتاب ميز تي رکي ڇڏيو. سامهون چندرا ٻهاري ڏيڻ ۾ مشغول هئي ۽ منهنجي ڪرسيءَ جي بلڪل ويجهو اچي پهتي هئي. مون هڪ اُٻوساهه ڪڍندي چيو، "آه! ڪهڙو نه حسرت سان ڀريل هو اهو موت، جنهن وطن جي ٻهادرن جي اُٿندڙ جذبات کي هميشه لاءِ مات ڏيئي سمهاري ڇڏيو."

چندرا- نه نه، هندستان جي هڪ بلڪل ذليل ۽ ڪريل قوم جي ڇوڪري! جنهنجي وڏين وڏين اکين ۾ چمڪندڙ لڙڪ آنسون موتين جيان ڏيکاري ڏيئي رهيا هئا، ڀريل آواز ۾ پڇيو، "بابوجي! ڪو غريب اڇوت ته ڪو نه ماريو ويو؟" ائين چئي ٻهاري جهلي هوءَ منهنجي طرف جواب ٻڌڻ لاءِ انتظار مان نهارڻ لڳي. مون هن جي طرف ڏٺو ۽ ٿورو خيال ڪري آهستي ورائيو، "نه چندرا! هيءَ هڪ ڪهاڻي آهي."

••——••

هڪ ٻوهڻ سان آزاديءَ سان ڳالهائڻ لاءِ خبر نه آهي ته هن ۾ ايتري جرئت ڪٿان آئي. ٻهاري رکي چوڻ لڳي، "بابوجي! اوهين ماڻهو اسان کان نفرت ڇو ٿا ڪريو؟"

"ان لاءِ ته اوهين اڇوت آهيو." مون وراڻيو.

"ليڪن اڇوت به آخر انسان ٿيندا آهن. هنن کي به ٻين وانگون ۽ هڪ سر ٿيندو آهي -" چندرا نماڻو چهرو بنائيندي چيو.

ڪيتري معصوميت، ڪيترو ڀولائپ ۽ ڪيتري سادگي هئي چندرا جي زبان ۾. مان دل ئي دل ۾ هن کي ساراهڻ لڳس، ليڪن ظاهري ڳالهه جو رخ ڦيرائيندي چيم، "چندرا! اهو سڀ سوسائٽيءَ جو قصور آهي، جو تو جهڙي گوهر کي حاصل ڪندي به، اُن کي مٽيءَ ۾ ملائي رهيا آهن. اڄ هندوستان جي، جا هيءَ دردشا ٿي ويئي آهي، ان جو سبب به شايد اهو ئي آهي."

هوءَ حجاب وارين نظرن سان منهنجي طرف ڏسي مشڪڻ لڳي ۽ مون ٻيهر پيار انداز ۾ چيو، "چندرا! —"

چندرا نماڻين ۽ گهائيندڙ اکين سان مون ڏانهن نهاريندي وراڻيو، "روميش بابو!"

ان وقت چندرا جون اکيون خوشيءَ وچان چمڪي رهيون هيون ۽ هن جي پيشانيءَ تي صبح جي وهاڻو تاري جيان تجلو روشن هو. هوءَ منهنجي بلڪل ويجهو هلي آئي ۽ جهيڻي آواز ۾ پڇڻ لڳي، "روميش بابو! ڇا اوهين سچ پچ مون کي چاهيو ٿا؟"

ڪنهن نامعلوم جذبي جي اثر هيٺ اچي مون چندرا کي ڇاتيءَ سان لڳائيندي وراڻيو، "ها چندرا! مان تو سان پيار ڪريان ٿو."

بس، اُن ڏينهن کان پوءِ مان چندرا جي من موهڻي صورت جو پوڄاري بڻجي پيس — شيوا ڌاري.

[٢]

شام جو وقت هو. هڪ عجيب قسم جي جذبي ڀريل لهر منهنجي دل ۾ اڇلون ماري رهي هئي ۽ مان پنهنجي باغ ۾ هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويهي پکين جو مڌر ۽ مٺو آلاپ ٻڌي رهيو هوس ته چندرا ماٺ ميٺ ۾ آهستي آهستي اچي منهنجي پٺيان بيهي رهي. اوچتو هن جي هڪ هلڪي مشڪراهٽ مون کي خوابي دنيا مان سجاڳ ڪري وڌو ۽ مون منهن ڦيرائي چيو، "چندرا! تون اچي ويئين. مان تنهنجي راهه تڪي رهيو هوس...... اڄ، اچي هن ڪرسيءَ تي ويهه ۽ ڏس ته سامهون وڻ تي ويٺل بلبل ڪهڙي نه دلسوز آواز ۾ ٻوليون ٻولي رهي آهي......"

چندرا بلبل طرف ڏٺو ۽ مشڪي ڏنو. مون وري چيو، "چندرا! ڪتاب کول ته توکي ٻيو سبق ڏيان."

"اڄ منهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي، ان ڪري روميش بابو! اڄ مان نه پڙهنديس." چندرا وراڻيو.

مون کي اُن ڏينهن چندرا، معمول کان زياده حسين معلوم ٿي رهي هئي. هن جا سنهڙا ۽ پشم جهڙا وار هن جي وڻندڙ ۽ خوبصورت چهري تي اُڏي اُڏي، هن جي حسن کي ٻيڻو چوڻو ڪري رهيا هئا. رکي رکي هن پنهنجي چپن کي لرزش ڏيندي چيو، "روميش بابو! اڄ منهنجو جيءُ هتي نه هوندو، ان ڪري توهين اڄ مونوت

اڇو- ضرور، ڏهين ٻجي ٽائين مان اوهان جو انتظار ڪنديس."

••——••

پورنماسيءَ جي رات هئي. شهر جي سوڙهين ۽ وروڪڙن وارن گهٽين کي ڇڏيندي، آباديءَ کان پري مان درياه جي ڪناري تي پهتس. سامهون قطارن ۾ اڇوتن جون جهوپڙيون بيٺيون هيون. چنڊ جي روشنيءَ ۾ درياه ۽ اُن جي آسپاس ٻنين جو نظارو بلڪل دلڪش ۽ وڻندڙ پئي لڳو. مان اڃا چندرا کي سڏ ڪرڻ جو خيال ئي ڪري رهيو هوس ته هوءَ سامهون وڻن جي هڪ جهڳٽي مان نڪري ٻاڻمرادو مون وٽ هلي آئي. اُن وقت چندرا جو حسن ڏسڻ وٽان هو. شايد هن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي پنهنجي وارن ۽ منهن کي سينگاريو هو، ويتر چنڊ جي روشنيءَ ۾ ته هوءَ مونکي اندر جي آڪاڙي جي اپڇرائن کان به زياده حسين معلوم ٿي رهي هئي. مون مشڪندي چيو، "چندرا! مان هيئنر توکي سڏ ڪرڻ وارو هوس."

چندرا وراڻيو، "ها، هلو ته ٻاسي واري ميدان ۾ هلون؛ اتي بلڪل رونق ۽ موج لڳي پيئي هوندي."

اسين ٻئي هلندا هلندا وڃي هڪ ساوڪ واري ٻاري ۾ پهتاسين. مون چيو، "چندرا! هتي ئي ٿا ويهي رهون- هيءَ بلڪل سٺي جڳهه آهي."

••——••

آهستي آهستي اسان جي ملاقاتن سان گڏ اسان جي محبت به وڌندي ويئي ۽ آخر اسين ٻئي نفسانی جذبات جي طوفان ۾ ٻڏي وياسين.

••——••

ڏينهن اُن طرح گذرندا رهيا. هڪ ڏينهن چندرا مونکي چيو، "روميش بابو! مان محسوس ڪري رهي آهيان ته مونکي ......"

مون ڳالهه ڪاٽيندي وراڻيو، "ها، ها- چندرا! مان تنهنجو مطلب سمجهي ويو آهيان. تون اُن جو ڪوبه فڪر نه ڪر- پورو پورو انتظام ڪيو ويندو."

[٣]

مائٽن جي چوڻ ۽ زور رکڻ تي جلدئي مونکي بي-اي پڙهڻ لاءِ لاهور وڃڻو پيو ۽ مان چندرا کي ڪنهن به اطلاع ڏيڻ بنا هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو لاهور هليو ويس.

لاهور جي زندگي به عجيب زندگي آهي. گرمين جي موسم ۾، شام جي وقت ڪيترين ئي مغربي فئشن جون شائق ۽ حسين جميل پريون سير ڪنديون ڏيکاري ڏين ٿيون. اڌ ٻانهن واريون خميسون پائي، منهن تي پائوڊر لڳائي، اکين تي چشمو چاڙهي- وار ڪٽيل ۽ انهن ۾ لڳل بڪل، اهي سڀ ڳالهيون هر ڏسڻ واري جي دل تي هڪ عجيب زلزلو پيدا ڪيو ڇڏين.

ليڪن **چندرا**- ها، ها چندرا ۾ انهن مان ڪابه خوبي نه هئي. هوءَ هڪ سادي، ڳوٺاڻي ۽ اڇوت ڇوڪري هئي. هڪ ڏينهن هن وٽان مونکي خط آيو، جنهن ۾ لکيل هو:

"پيارا روميش!"

تون مونکي اطلاع ڏيڻ بنا لاهور هليو وئين؛ مونکي تو مان اهڙي اميد هرگز نہ هئي. روميش! توئي مونکي پڙهڻ لکڻ سيکاريو آهي، جنهنجو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو مان توکي اڄ پنهنجي خيالن جو اظهار قلم رستي بذاتي سگهڻ جي توفيق رکي سگهي آهيان. شايد مون هنن ڏينهن ڏسڻ لاءِ اها تعليم حاصل ڪئي هئي...... هينئر مونکي ٻيون مهنو آهي ۽ ڇهن مهنن بعد اسانجي گناهن جي اونداهي دنيا جو راز هرهڪ جي اڳيان ظاهر ٿي ويندو.

منهنجي من مندر جا حسين پوجاري! مان توکي هر وقت ۽ هر گهڙيءَ ياد ڪري رهي آهيان. تون خود ئي سوچ ڪري ڏس تہ ان حالت ۾ منهنجو تو بنا رهڻ ڪيترو نہ ڏکيو آهي.

جواب جي منتظر — چندرا

ان بعد اهڙي قسم جا ٻيا بہ ڪيترا خط مون وٽ چندرا وٽان ايندا رهيا ۽ ڇهن مهنن تائين اهو سلسلو هلندو رهيو، ليڪن مان ڪيترو ڪميڻو، ذليل ۽ ڪريل درجي جو انسان هوس، جو مون هنجي هڪ خط جو بہ جواب نہ ڏنو. دراصل ان جو سبب اهو هو، جو چندرا جي پيٺ ۾، لاهور جي اپ-ٽو-ڊيٽ نازنينن کي مون وڏيڪ چاهيو ٿي.

هڪ ڏينهن مونکي پنهنجي پيءُ وٽان هڪ خط آيو تہ هو منهنجي شادي هڪ رئيس جي ڌيءُ نرملا سان ڪرڻ ٿو چاهي. خط سان گڏ ڇوڪري (نرملا) جو فوٽو پڻ هو. ڪليل پيشاني، گول منهن، پڙون، چپ ۽ اکيون گهاٽيندڙ ۽ وڻندڙ، مطلب تہ سڄي ڇوري جو نمونو اهڙو دلڪش هو جو مان ڪجهہ وقت لاءِ تہ ان کي ڏسڻ ۾ اهڙو غلطان ٿي ويس، جو تن بدن جي بہ سڌ نہ رهيم. نرملا سان ٿيندڙ شاديءَ سبب مان جهڙيءَ طرح خوشيءَ ۾ اصل ڦوليو نٿي سمايس، ليڪن ان سان گڏوڙي مونکي چندرا جي يادگيري بہ ستائڻ لڳي. چندرا جا آنسن پريل خط منهنجي گنهگار دل کي پريشان ڪرڻ لڳندا هئا ۽ مان پنهنجي هٿن سان منهن پڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سوچڻ لڳندو هوس، ڇا، "سچ پچ منهنجي چندرا سان محبت آهي؟— نہ نہ منهنجي دل نرملا جي حسن سان پرپل شعلن سان چمڪي رهي آهي. هنجا دل ڇڪيندڙ خط و خال، گول چهرو لڇڪندڙ چپلهہ ۽ مست اکيون...... نہ نہ، منهنجي دل ۾ چندرا لاءِ ڪا بہ جڳهہ نہ آهي. ها، مان چندرا کي ضرور پيار ڪريان ٿو، هن سان شاديءَ جو واعدو ڪيو هوم، ليڪن اهو واعدو فقط واعدوئي هو ۽ حقيقت کان خالي. مان ڏڪ اوچ برهمڻ ڪٽنب جو ڇوڪرو ٿي هڪ اڇوت ڇوڪريءَ سان ڪئن شادي ڪندس! ويدن جي اهو بلڪل خلاف آهي ... ڇي، ڇي، ڇي!!!"

اهڙي قسم جا ڪيترا خيال وقت بوقت منهنجي دل اندر اچلون مارڻ لڳا، ليڪن جلدئي اهي ڦري وري ٻي صورت اختيار ڪندا هئا.

ٿورن ڏينهن بعد مان ڪاليج کان موڪل وٺي پنهنجي ڳوٺ موٽي آيس ۽ منهنجي

شادي نرملا سان ٿي وئي. ان سلسلي ۾ مونکي چندرا ڪڏهن به نه گڏي ۽ نه ڪڏهن مون ڪيس گڏجڻ جي ڪوشش ئي ڪئي. هوءَ جو هوءَ اسان جي گهر ۾ نوڪري ڪندي هئي. سا به هن منهنجي لاهور وڃڻ تي ڇڏي ڏني هئي.

(۴)

شادي ڪرڻ کان ڪجهه عرصو پوءِ مان هڪ ڏينهن سير ڪندو وڃي درياءَ طرف نڪتس. سامهون اڇوتن جون جهوپڙيون ان ئي حالت ۾ بيٺيون هيون، جنهن ۾ هڪ سال کن اڳ ڏٺيون هيم. پيچدار ۽ وڻ وڪڙن وارن رستن تي ساڳي نموني اوندهه ۽ وڻن جا جهڳٽا لڳا پيا هئا. شام هئڻ سبب پکي پکڻ خوشيءَ ۾ مست ٿي پنهنجي آکيرن جي ٻاهران موج ۾ ڳائي رهيا هئا ۽ ڪٿي ڪٿي هرڻ ڇالون ماري نچي ٽپي رهيا هئا ۽ پري... درياه جي هن پر ٻهاڙ جي هيٺان ڪو ڳائي رهيو هو:

”ساون آيا تم نهين آئي
تم بن رسيا ڪڇهه نه ڀاوي
من ۾ موري هوڪ اٿت جب
ڪوئل ڪوڪت بن ۾
بالم آئي بسو موري من ۾

ڳائڻ واري جي آواز ۾ سوز هو، درد هو. ساري دنيا کي ٿوري وقت واسطي ٽڙڪائڻ وارو درد.

اڇوتن جون جهوپڙيون ڏسي، چندرا جي يادگيري منهنجي دل ۾ تازي ٿيڻ لڳي ۽ ڪنهن غيبي جذبي جي اثر هيٺ اچي، مان هنکي ڏسڻ لاءِ بيقرار ٿيڻ لڳس، مان چندرا جي جهوپڙي، جتي هوءَ انهن ڏينهن رهندي هئي، طرف ويس. ڏٺم ته اندر جهوپڙيءَ ۾ هڪ ضعيف ۽ ٻڍو ماڻهو گڪ ڪڍيو ويٺو هو. ڳلن ۾ ڪڏون پيل، هڏا نڪتل، بدن تي ڦاٽل ٽٽل ڪپڙا؛ شايد هو چندرا جو پيءُ هو پڃامن رام.

”جيءَ رام جي، ڀائي پڃامن رام! مون جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿيندي چيو.“

”اچو بابو جي - جيءَ رام جي ڪي.“ ٻڍي هڪ صندلي منهنجي طرف سوريندي چيو.

”پڃامن ڀائي! تنهنجي هيءَ حالت ڪيئن؟ اڳي ته تون بلڪل تازو توانو ۽ خوش نظر ايندو هئين.“ مون صندليءَ تي ويهي هن جي طرف ٽيڏي نظر سان ڏسندي پڇيو.

”ها بابو جي! غريبن جو اهو ئي حال ٿئي ٿو.“ پڃامن جهيڻي آواز ۾ وراڻيو.

”نه ڀائي! ضرور ڪا ڳالهه هوندي - مون کان نه لڪاءِ. ٻڌاءِ، شايد مان تنهنجي ڪجهه مدد ڪري سگهان.“ مون چيو.

ٻڍي هڪ ايو ساه کڻي چيو:

”بابو جي! مونکي هڪ ڌيءَ هئي. هن جو نالو چندرا هو. تون هنکي سڃاڻيندو هوندين. بابو جي! هوءَ ئي منهنجي تمنائن جو مرڪز ۽ منهنجي ضعيف زندگيءَ جو احساس هئي. تون هنکي نٿو سڃاڻين؟ - اهائي، جا اڄڪلهه پاڳلن جيان شهر جي رستن تي پيئي ڦري. ماڻهو هنکي ديواني سڏين ٿا - پاڳل!“ ائين چوندي چوندي ٻڍي جي صبر جو نڪا ٽٽي پيو ۽ هو زار زار آنسون وهائڻ لڳو.

مون نهايت همدرديءَ سان پڇيو، ” ها، ها. ڇا ٿيو هنکي؟“ ان وقت منهنجي دل اندر ٻه هڪ ٻجليءَ ڊوڙڻ لڳي، جا منهنجي ساري جسم کي جلائي منهنجي پيرن هيٺان نڪرڻ لڳي. معلوم نه آهي ته ڇو منهنجو سڄو بدن ڏکي رهيو هو.

پنهنجي ميرن، گندن ۽ ڦاٽل ٽٽل ڪپڙن ساڻ اکين جا آنسون اگهندي، پريل آواز ۾ ٻڌي وري چيو:

”بابو جي! ڪهڙي ٿا ڳالھ پڇو. هڪ رات ١٢ ٻجي جو وقت هو، ۽ سرديءَ جي موسم. اهڙي سمي انسان ته هڪ طرف ليڪن حيوان به جيڪر پنهنجي آرام گاهه مان ٻاهر نه نڪري. اهڙي وقت، جي ڪو منهنجي رهيل ڪمائي به اچي لٽڻ لڳي ته به جيڪر مان ٻاهر نه نڪران، پر اهو به هڪ وقت هو، جڏهن مونکي اٿڻو پيو.

مان جهوپڙيءَ ۾ سمهيو پيو هوس ته ڪرڙ ڻالي هڪ منهنجو پاڙيسري مون وٽ آيو ۽ مونکي جاڳائي چوڻ لڳو، ”سڙڪ جي هڪ پاسي چندرا پار جٽي غشيءَ جي حالت ۾ پيئي آهي...“

”ڪرٻوءَ جي ڳالھ ٻڌي منهنجا پير زمين هيٺان کسڪڻ لڳا ۽ بدن مان ڄڻ رت ٿي نڪري ويو. ڇهري لي هڪ رنگ آيو ٿي ۽ پيو لٿو ٿي، ليڪن ...... چندرا نيٺ به ته منهنجي ڌيءَ هئي - منهنجو رت ......

ڪرٻوءَ سان گڏ مان سڙڪ ڏي ويس. قدرت جو ذرو ذرو مونکي ان وقت کائي رهيو هو. مون چندرا کي سڙڪ جي هڪ پاسي پيل ڏٺو ۽ هڪ معصوم ٻچو- ڪنهن بدمعاش، ڪميڻي ڪتي جي گناهن جو ڦل، هنجي گود ۾ پيو هو، بابو جي!“

ايترو چئي ٻڍو روئجي ويو. منهنجي پڇڻ تي هن هڪ ٿڌو ساهه کڻي وري چيو.

”بابو جي! چندرا منهنجي ڌيءَ هئي - مون هنکي پنهنجي ٻانهن جي سهاري کڻي ورتو، ليڪن بيهوشيءَ ۾ هئڻ سبب ۽ منهنجي پوري خبرداري نه وٺڻ سبب چندرا جو معصوم ٻچو اوچتو هن جي گود مان ڪري پيو ۽ ڪرڻ سان ئي ٻار جو روح هن فاني جهان مان پرواز ڪري راهه بقا طرف هميشه لاءِ روانو ٿي ويو.

ان وقت منهنجي دل ۾ سوين خيال اٿڻ ٿيڻ لڳا. ماڻهو شاهوڪار هجي يا غريب، ليڪن عزت جو خيال ته سڀڪنهن کي ضرور ٿئي ٿو. مونکي به ان وقت پنهنجي عزت جو خيال اٿڻ لڳو. جي مان چندرا کي پنهنجي گهر وٺي هلندس ته دنيا ڇا چوندي، ڳوٺ وارا ڇا خيال ڪندا، پنچ برادريءَ مان خارج ڪري ڇڏيندا... منهنجي حالت ان وقت ان سپاهيءَ جهڙي هئي، جو جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ لاءِ وڏي زور شور سان تياريون ڪندو آهي، ليڪن اليجي دردناڪ موت جي غمگين نظاري جو دل ۾ خيال ڪندي ٿوري وقت لاءِ روڪجي ويندو آهي - منهنجي دل ۾ به نيڪيءَ بديءَ جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي ويئي. آخر نيڪيءَ جي فتح ٿي ۽ مان چندرا کي اليئي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ سهاري ڪرٻوءَ سان گڏ پنهنجي

جهوپڙيءَ ۾ واپس هليو آيس. شل ...... جي اهو بدمعاش، جنهن منهنجي پياري ڌيءَ چندرا جي عصمت جو دامن چڪنا چور ڪيو، ڪٿي ملي وڃي، ته مان هنکي ڪچو ڳڙڪائي وڃان - ڦهڙ درويش، ٻجان درويش......"

ان وقت ٻڍو جوش ۾ ڏند ڪرٽڻ لڳو. هنجي اهــا حالت ڏسي صبر مونکان ٻه موڪلائڻ لڳو ۽ مون پڇيو، "پائي پٽڃامن! چــا، هــن وقت تائين چندرا تــوکي ان ڪميڻي، ذليل ۽ هتياري جو نالو نه ٻڌايو آهي؟"

"منهنجي وري پڇڻ ۽ زور ڪرڻ تي به چندرا ان پاپي دشمن جــو نالو نه ٻڌايو-" ٻڍي جهيڻي آواز ۾ وراڻيو ۽ ان سان گڏ ٻڍي جون اکيون آنسن جو درياه وهائڻ لڳيون.

•——•

اڃا ٻڍي ڳالهه پوري ئي مس ڪئي ته اوچتو ٻاهر سڙڪ تي هڪ شور ٻڌڻ ۾ آيو. مان ٻڍي کان موڪلائي ٻاهر نڪتس ته ڏٺم، ته ماڻهو هڪ طرف ڊوڙي رهيا هئا. وڌي اڳتي ويس ته هڪ هنڌ ماڻهن کي، ميڙ ڪري، مسخريءَ سان کلندو ۽ ڳالهيون ڪندو ڏٺم. دريافت ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هڪ ڇوڪري مري ويئي هئي ۽ ماڻهو چئي رهيا هئا، "ديواني هئي. ديواني! پنهنجو پاڻ کان بي خبر ۽ هر وقت بازار جي رستن تي ڦري رهي هئي. هـاڻ به چلائيندي هن طرف پئي آئي ته ٺوڪر کائي ڪري پيئي ۽ مري ويئي......"

مان اڳتي وڌي ويس ۽ وڃي ان ديوانيءَ کي ڏٺم ۽ بلڪل غور سان ڏٺم. هوءَ چندرا هئي. "چندرا! ......" مونکان اتي ئي سڏ بلڪل نه ٿيو ۽ ماٺ ميٺ ۾ پويان پير ڪري گهر موٽي آيس.

•——•

بس ڊاڪٽر صاحب! اها ئي منهنجي ڪهاڻي آهي. اڄ جا منهنجي هيءَ حالت اوهين ڏسي رهيا آهيو، ان جو ڪارڻ به چندرا جي يادگيري آهي، جنهنجو روح مونسان وڙهي ۽ مون تــي لعنت وسائي رهيو آهي. اڄ به هوءَ مونکي ياد ڪري پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي. ڊاڪٽر صاحب! مونکي پيو ڪو به مرض ڪونهي؛ ان ڪري اوهان جون اهي دوائون مون لاءِ بلڪل بيڪار آهن.



ڊاڪٽر اقبال جو شعر ۽ شاعري

ليکڪ:- پروفيسر مولچند نڪر ايم-اي.

چوندا آهن ”الشعرا تلامين الرحمن“ يعني شاعر خدا تعاليٰ جا شاگرد آهن ۽ شاعري پيغمبري جو جزو سمجهي ويندي آهي. علامه اقبال جي شعر سان مٿين چوڻي بلڪل لڳي ٿي اچي. سندس درد مند دل ۽ حقيقت پرور اکيون دنيا جي واقعن ۽ نظارن جي اها حقيقت پسن ٿيون جا عام جي اکين کان مخفي آهي تنهنڪري ٿي اقبال کي ”ترجمان الحقيقت“ جو لقب ڏنو ويو آهي:

جو هي مردون مين پنهان
چشم بينا ديکهه ليتي هي
زماني کي طبيعت کا
تقاضا ديکهه ليتي هي.

هو خود کم فهم انسان کي ”شارڪ شڪم لي“ جي هدايت ڪري چوي ٿو:

ديکهه اي چشم عدو مجهکو حقارت سي نه ديکهه
جس په خالق کو بهي هو ناز وه انسان هون مين
مزرعه سوخته عشق هي حاصل ميرا
درد قربان هو جس دل په وه هي دل ميرا.

اردو ساهتيه جا ٽي مکيه قومي شاعر آهن- مولانا حالي (بلبل هند)، اڪبر الله آبادي (لسان العصر) ۽ ڊاڪٽر اقبال (ترجمان الحقيقت). مولانا حاليءَ پنهنجي ”مسدس“ ۾ قوم جي بيداريءَ لاءِ اسلام جي اڳوڻي ترقي ۽ هاڻوڪي تنزل جو نقشو نهايت دل گداز ۽ پراثر لفظن ۾ چٽيو آهي ۽ سندن اڳوڻي اوج ۽ عظمت، شان ۽ شوڪت، عدالت ۽ شجاعت جا نظارا پسائي وري سندن دلين کي غيرت ۽ جوش ڏيارڻ لاءِ سندن هاڻوڪي پستيءَ ۽ تنزل، بزدلي ۽ بدقسمتيءَ جي تصوير ڪڍي آهي ته جئن کين شرم ۽ غيرت اچي ۽ ترقيءَ ڏانهن وک کڻن. اڪبر الله آباديءَ وري پنهنجي لاثاني شعر ۾ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن کي مغربي تعليم ۽ تهذيب جي نقصانن کان آگاه ڪيو آهي مگر حاليءَ وانگر روئڻا نه رنا آهن پر کل خوشيءَ ۽ چرچي گهٻي ۾ سندن سٽل دلين کي ڇهبوڪ هنيا آهن جي مٺي خارش جاڳائي کين بيدار ڪري ڇڏين. اقبال جي دل به حاليءَ ۽ اڪبر وانگر قوم ۽ ملڪ جي درد سان ڀريل آهي ۽ پنهنجي هم مذهبين ۽ هم وطنين کي جاڳائڻ ۽ جذبو ڏيارڻ لاءِ کين سندن وڏن جا

ڪارناما ٻڌائــي غيرت ڏياري آهي. سندس شعر ۾ نا اميدي ۽ مايوسيءَ جو نشان نہ آهي مگر هن مستقبل جي شاعر جو شعر همت - ڪوشش - عمل - خودي ۽ خودداريءَ جي جذبن سان ٽمٽار آهي ۽ ڪيس ملڪ ۽ ملت جي شاندار آئيندي جو پڪو يقين آهي -

شب گريزان هوگي آخر جلوه خورشيد سي
يہ چمـــن معمـور هوگا نغمۀ توحيد سي .

سندس دلي اعتقاد آهي :

جهان مين اهل ايمان
صورت خورشيد جيتي هين،
اِدهر نکلي اُدهر ڊوبي
اُدهر ڊوبي اِدهر نکلي .

هم وطنين ۾ نفاق ۽ قوت پسي سندس دردمند دل کي صدمون پهچي ٿو. ڪين سمجهائي چوي ٿو تہ پراڻا جهيڙا ۽ ڪهنا قصا وساري وصل جو ورق ورايو ۽ پاڻ ۾ يگانگي ۽ اُلفت رکي ترقيءَ ڏانهن وک وڌايو.

وطن کي فکر کر نادان مصيبت آني والي هي
تري بربادين کي مشوري هين آسمانون مين
ذرا ديکهہ اسکو جو کچهہ هورها هي هونيوالا هي
دهرا کيا هي بهلا عهد کهن کي داستانون مين .

جي عمل جو قدم نہ کڻندا ۽ همت هاري هٿ ٻڌي ڪانئرن وانگي ويهي رهندا تہ هستيءَ جي تختي تان ميسارجي ويندا ڇاڪاڻ تہ قدرت جو اهو اصول آهي تہ لائق ئي فائق آهي (The fittest will Survive).

نہ سمجهوگي مٽ جائوگي اي هندوستان والو
تمهاري داستان تک بهي نہ هوگي داستانون مين
يهي آئين قدرت هي يهي اسلوب فطرت هي
جو هي راه عمل مين گامزن محبوب فطرت هي.

اهل وطن لاءِ سندس پيو پيغام آهي عالمگير محبت ۽ اخوت جو. جئن شيخ سعدي فرمايو آهي

بني آدم اعضاي يکديگرند
کہ در آفرينش ز يک جوهرند
چو عضوي بدرد آورد روزگار
دگر عضوها را نماند قرار.

اهڙي طرح علامہ اقبال بہ لفظي محبت ۽ ٻنائي الفت نہ، مگر دلـي الفت جو ترانو ڳائي رهيو آهي:

لذت قرب حقيقي ۾ مٽا جاتا هون مئن
اختلاط موجہ وساحل سي گهبراتا هون مئن

سندس حياتيءَ جو مقصد آهي هندوستانين کي يڪشمت ڪرڻ ڇاڪاڻ تہ سنـدس عقيدي موجب بيمار قوم جو محبت کان سواءِ ٻيو علاج ڪو نہ آهي .

پرونا ايک هي تسبيح مين ان بکهري دانون کو
جو مشکل هي تو اُس مشکل کو آسان کرکي چهوڙونگا
محبت هي سي پائي هي شفا بيمار قومون ني
کيا هي اپني بخت خفتہ کو بيدار قومون ني
نہ ره اپنون سي بيپروا اسي مين خير هي تيري
اگر منظور هي دنيا مين او بيگانہ خو رهنا .

ملائن ۽ مولوين، باون ۽ پانيڊتـن کي مخاطب ٿي فرمائي ٿو:

کچهہ فکر پهوٽ کي کر مالي هي تو چمن کا
بوٽون کو پهوکہ ڈالا اس بس بهري هوا ني.

ڌرم يا مذهب ائيـن نٿو سيکاري تہ تعصب جي اوٽ ۾ ويهي مسجد اڳيان واڃ ڳائڻ لي مسلمان هندن جو خون هارين يا

ڳائون کي ذبح ٿيندو ڏسي هندو مسلمانن کي مارين، ڇاڪاڻ ته اهي گمراه ٿيل آهين تنهن سمجهن ته في الحقيقت هندن جي لئه مسلمانن جي مٽي ۾ نه مگر مادر وطن جي مٽي ۾ ٿي لڳي ۽ مسلمانن جي ڇري هندن جو نه مگر ڀارت ماتا جو خون ٿي هاري.

مذهب نهين سکهاتا آپس مين بير رکهنا
هندي هين هم وطن هي هندوستان همارا.

سندس نظم "نيا شواله" هندو مسلم اتحاد جي خيالن سان ٽمٽار آهي. ان ۾ هو صاف ڄاڻائي ٿو ته ڀارت جي بهبودي ۽ هندن مسلمانن جي بهتري انهي ۾ ڳالهه آهي ته هو ويڇا وڃائي ۽ جهيڙا مٽائي دلي اُلفت ۽ پريم سان پيار ڪن ۽ دل جي وستي ۾ نئون شوالو اڏين.

سوني پڙي هوئي هي مدت سي دل کي بستي
آ اک نيا شواله اس ديس ۾ بناوين
شکتي بهي شانتي بهي بهگتون کي گيت مين هي
دهرتي کي باسيون کي مکتي پريت مين هي
آ غيريت کي پردي اک بار پهر اُٺها دين
بڇهڙون کو پهر ملادين نقش دوئي مٽادين.

ڊاڪٽر اقبال نه فقط هندو مسلم اتحاد جو خواهان آهي پر بني نوع انسان جي يڪانگي ۽ الفت جو عاشق آهي.

خدا کي عاشق تو هين هزارون
بنون مين پهرتي هين ماري ماري
مين اُس کا بنده بنون گا
جسکو خدا کي بندون سي پيار هوگا.

جيڪڏهن مسلمان ۾ رنگ يا مذهب يا نسل جو ويڇو اچي ويو ۽ ٽڪي انفرادي هستي ڪري سمجهڻ لڳو ته پوءِ سندس هستي ئي قائم رهڻ جو امڪان نه آهي.

جو کريگا امتياز رنگ و خون مٹ جائيگا
ترک خرگاهي هو يا اعرابي والا گهر.

درياه کان ٻاهر لهر جي هستي ڪهڙي ۽ اڪيلي انسان جي قوم کان ٻاهر وستي ڪهڙي؟

فرد قائم ربط ملت سي هي تنها کچه نهين
موج هي دريا مين اور بيرون دريا کچه نهين

اقبال مغربي تعليم ۽ تهذيب جو شخصي آزمودو پرائي اڪبر الله آبادي وانگر محسوس ڪيو ته ماديت ۽ خود غرضيءَ لي بدل ڪوڙي سيپتا نازڪ شاخ تي آکيڙي مثل آهي جو هوا جي لوڏي سان شاخ سوڌو اڄ نه ڪريو ته سڀاڻي ڪرندو. هو بلند آواز سان مغربي ماڻهن کي آگاه ٿو ڪري:

ديار مغرب کي رهني والو
خدا کي بستي دکان نهين هي
کهرا جسي تم سمجه رهي هو
وه اب زر کم عيار هوگا
تمهاري تهذيب اپني خنجر سي
آپ هي خود کشي کريگي
جو شاخ نازک په آشيانه بنيگا
ناپائدار هوگا.

اقبال نئين تعليم ۽ اُن جي ضرورت جو قائل نه آهي. ضعف ايمان، فيشن جي غلامي، بزرگن جي بيحرمتي ۽ اخلاق جي پائمالي وغيره مغربي تهذيب جا برا اثر ڏسي شڪايت ٿو ڪري:

هم سمجهتي تهي که لائيگي فراغت تعليم
کيا خبر تهي که چلا آئيگا الحاد بهي ساته
گهر مين پرويز کي شيرين تو هوئي جلوه نما
ليکي آئي هي مگر تيشه فرهاد بهي ساته.

اقبال اڪبر الله آبادي ۽ وانگر زنانی تعليم جو حامي نه آهي. جا ڪاڻ ته نئين طرز جي تعليم زالن ۾ بي پردگي ۽ اُگهاڙپ، بيحيائي ۽ آزادي تي آڻي جا خطرناڪ نتيجن کان خالي نه آهي. لسان العصر اڪبر فرمائي ٿو:

تعليم لڙڪيون کي ضروري تو هي مگر
خاتون خانه هون وه سبها کي پري نه هون.

اقبال پڻ بي پردگي جي خلاف ڏونڪي جي چوٽ سان چوي ٿو:

عزت هي محبت کي قائم اي قيس حجاب، محمل سي
محمل جو گيا عزت بهي گئي، غيرت بهي گئي، ليلي بهي گئي.

نوجوانن جي دلين ۾ غرور ۽ فيشن جو چاهه، بيداري ۽ بيباڪي، عام آزادي ۽ بيحيائي ڏسي هن ملڪ ۽ ملت جي خيرخواه شاعر جي دل ملول ٿي ٿئي.

نئي انداز پائي نوجوانون کي طبيعت ني
يه رعنائي يه بيداري يه آزادي يه بيباڪي

هندواسين جي دلين ۾ خودي ۽ خودداري ۽ جو جذبو پيدا ڪرڻ ۽ کين بلند همت ۽ خود ياور بنائڻ لاءِ اقبال پنهنجي مختلف تصنيفن اسرار خودي، رموز بيخودي، تصوير درد، شمع و شاعر، خضر راه، طلوع اسلام وغيره ذريعي عمل جو پيغام پهچايو آهي.

مسلم خوابيده اٿهه هنگامه آرا تو بهي هو
وه چمڪ اٿها افق گرم تقاضا تو بهي هو.

اسانجو فيلسوف شاعر تلقين ڪري ٿو ته شراب جي مستي ۽ گل ۽ بلبل جي فسانې کي ڇڏي ميدان عمل ۾ اچ ۽ زندگانيءَ جي جنگي ميدان کان بزدلن جيان نهي ڀاسو نه وٺ بلڪ بهادرن جيان يقين-عمل ۽ محبت جي تلوارين سان فتح حاصل ڪر. رڳ جي تلوار خونريزي ڪندي مگر محبت جي تلوار جان افزائي آڻيندي.

يقين محڪم-عمل پيهم-محبت فاتح عالم
جهاد زندگاني مين هين يه مردون کي شمشيرين
عمل سي زندگي بنتي هي جنت بهي جهنم بهي
يه خاڪي اپني فطرت مين نه نوري هي نه ناري هي

جو ڪُوليندو سو لهندو جو در کُڙڪائيندو تنهنلاءِ در کلندو، مگر جو همت هٿ تي رکي چپ ڪري ويهندو سو هن ڏکاڪي ۽ ۽ جانبازيءَ جي زماني ۾ پوئتي پئجي ويندو. هن چٽاڀيٽي (Competition) جي ميدان ۾ جو اڳي سو تڳي، جو پوءِ سو رُوءِ. شخص هجي خواه قوم جنهن همت ڪري وقت کي چوٽيءَ کان پڪڙيو ۽ عمل جي ميدان ۾ وک وڌائي تنهن کٽيو، مگر جنهن ڪئي خاموش سو ٿيو فراموش. اهو ئي سبب آهي جو تقدير ۽ توڪل جو قائل هندوستان پوئتي پيو آهي ۽ تدبير ۽ علم تي عامل جپان، آميريڪا ۽ انگلنڊ وغيره قومون ترقي ڪري رهيون آهن.

اس راه مين مقام بي محل هي
پوشيده قرار مين اجل هي
چلني والي نڪل گئي هين
جو ٺهري ذرا ڪچل گئي هين.

انسان هن جهان ۾ خدا تعاليٰ جو خليفو يا نائب آهي مگر ڪيس گهرجي ته انهيءَ خلافت ۽ امامت جو پاڻکي لائق ڪري پنهنجي خودي پروڙي ۽ هستي ثابت ڪري.

تو راز ڪن فڪان هي اپني آنکهون پر عيان هوجا
خودي کا راز دان هوجا خدا کا ترجمان هوجا.

وري چوي ٿو:

اپني اصليت سي هو آگاه اي غافل ڪه تو
قطره هي ليڪن مثال بحر بي پايان بهي هي
هفت ڪشور جس سي هو تسخير بي تيغ و تفنگ
تو اگر سمجهي تو تيري پاس وه سامان بهي هي.

اهل هند جي ڪم همتيءَ ۽ پستيءَ جي عادت مٽائڻ ۽ ڪين رسوائي ذلت ۽ پستيءَ کان بچائڻ لاءِ ۽ منجهن همت ۽ غيرت جي روح ڦوڪڻ لاءِ جدا جدا مؤثر لفظن ۾ ڪين بار بار سچائي، انصاف ۽ بهادريءَ جو سبق پڙهائي رهيو آهي:

سبق پهر پڙهه صداقت کا عدالت کا شجاعت کا
ليا جائيگا تجهه سي ڪام دنيا کي امامت کي

اقبال جي شعر جي اٿاه عميق ۾ اڻ ڳڻيا موتي پيا آهن جن مان ڪي ٿورا ڪي ڏي مشتي نمونه خروار مثل ناظرين اڳيان پيش ڪيا آهن. سنڌس خياليءَ جي آدرش، فيلسوفي، اخلاقيات ۽ شاعريءَ جي خوبين مان وڌيڪ لطف حاصل ڪرڻ لاءِ "سنڌوءَ" جي پڙهندڙن کي دعوت ٿي ڪجي ته سنڌس "بانگ درا" ۽ ٻيون تصنيفون مطالع ڪري فائدو پرائين.

رباعيات

پيا ٿون هڪڙي: سياڻي کان ياڳ پر منهن ڪيڻ،
چياءِ جوڪو جاڪڙ سياڳ جا ساڙيڻ.
پيا ٿون قومي اقبال جا ڪچاڙا پار،
چياءِ جوڪي جاڪوڙ ساڻ پورو پسار.
پيا ٿون صحت قومي جا سل ڪيها ارڪان،
چياءِ جوڪي جاڪوڙ سان سڌر اوسان.
پيا ٿون قوم جي عزت جو چالي آهه مدار،
چياءِ جوڪي جاڪوڙ ساڻ جان نثار.
پيا ٿون قوم جي حشمت جو آسرو ڪهڙو،
چياءِ غيرت جي مادي جو هڏو نهرو.
پيا ٿون قوم جي آسودگيءَ جو منهن چامون،
چياءِ جوڪي جاڪوڙ سان دلين لائون.
پيا ٿون قومي غيرت جو آهه ڪهڙو روپ،
چياءِ غير هٿون بدبو جان ڏڪي واس ڏوپ.
پيا ٿون قومي غيرت جو آه ڪهڙو مدار،
چياءِ قومي حفاظت ٿون ايثار تيار.

ديوان نرملداس فتحچند

جواهرلعل

اي جواهرلعل آهين ديش ڀارت جو فخر.
حرف سونن سان لکبو تنهنجي جيوت جو چِتر.

١- بي بها پيدا جواهر ٿين سچيءَ سيني منجهان
ڌن سنڌءِ جنني پتا ۽ ڌن ڪٽنب تنهنجو نگر.

٢- بادشاهيءَ کي لتي تون ديش خاطر ٿين گدا
سڀ ڇڏي محلات ڪيئڙ جيل ۾ پنهنجو گذر.

٣- ديش جي آڪاس ۾ گهٽڻي اڏايا اڄ لغڙ
ڀر ويو اوچو سين ڪان تنهنجي شيوا جو لغڙ.

٤- سهن شڪتيءَ جي زره تو جان پنهنجيءَ تي ٻڌي
ڪين هرگز ان مٿان ٿئي بم بندوقن جو اثر.

٥- لن وڌن من سان ڪرين شيوا سچي تو ديش جي
ماس هڏ لون خون ڏين ٻڌ جان پنهنجيءَ جو ڀگهر.

٦- لفظ هر هڪ ۾ ڀريل ميلاپ جي ماکي مٺي
بغض روپي زهر ڪانه تنهنجي ايکي جو ذڪر.

٧- ڀارتي ڀوتون مثل تو گل مٿان مشتاق سڀ
ناهه خوشبوءِ تنهنجي ثاني ٻيو ڪو جڳتر جو عطر.

٨- تاج ۾ ڇپا خاڪ ۾ جهلڪو رکين يڪسان ٿو
جهلڪ تنهنجيءَ گهٽ ڪيو ٻڌ ڪوهنوريءَ جو قدر.

٩- هوش حشمت تيج تنهنجي کي ڏسي ٻاڀي ڏکن
ٿي ٻتائي هيءَ نشاني بي بها تنهنجو ظفر.

١٠- ڪين ڀلبا ڀارتي نشڪام شيوا تو سندي
ديش جو نر نار بالڪ ڀيو مڃي تنهنجو شڪر.

١١- ڀارتين پنهنجو دلي سهڻو سنگاسن تو ڏنو
ناهه سچ ڀڄ جنهن جي ثاني ڪو به جڳتر جو سمر.

١٢- سو ڏهاڙو دور ناهي تاج ايندو تو مٿان
جلد هي ويندو ٿري سارو سياهيءَ جو چڪر.

١٣- ملڪ محبت له بنين **مستان** اي منتار تون
ان سبب رهندو هميشه نام هي تنهنجو امر.

منگهارام شيوڪرام [مستان]

صوفي ساڌنا ۽ سنت

ترجمان:- آتمارام ساڌورام ڪٽاريا

صوفي لفظ جي معنيٰ آهي پريم جي ساڌنا جو ساڌڪ. عربي ۾ "صوف" جي معنيٰ آهي اُن (پشم). صوفي ساڌڪ (صوفي متي ٿي هلندڙ) پشم جي ڪفني پهريندا هئا انهيءَ ڪري ئي انهيءَ لفظ جو استعمال انهيءَ معنيٰ موجب ٿيڻ لڳو. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته صوفي لفظ عربي جي "صفو" مان نڪتو آهي. "صفو" جو ارٿ آهي پوترتا يا پاڪيزگي. انهيءَ ڪانسواءِ هي ٻه چيو وڃي ٿو ته جڏهن عرب لوڪ الله ڪار ۾ پيل هئا تڏهن "صوفا" نالي واري هڪڙي اهڙي جاتي (فرقه) هئي جا جڳت جي پرپنچ کان جدا رهي مڪي جي شيوا ۾ لڳل هئي ۽ انهيءَ جاتيءَ ۾ جيڪي سنت ٿي گذريا، تن کي صوفي سنت ڪري سڏيا ٿون.

مسلمانن ۾ اهو ڪشاده دل فرقو، جو پرماتما کي پريتم (معشوق) جي روپ ۾ پوڄي ٿو، سو "صوفي" سڏيو وڃي ٿو. صوفي اولياون ۽ فقيرن ۾ پوشاڪ ۽ ٻولي، ڌيان ۽ جپ جي ڪري ڪيترين شاخون آهن جن جي خيالن ۾ تفاوت اوس ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ پر اهي مڙئي هڪڙي ڳالهه ۾ شامل رهيا آهن ته ايشور جي پراپتا شڌ هردي ۾ ٿئي ٿي. صوفين جا ٻه مکيه درجا آهن:- هڪڙا اهي جي ڀڳوت پراپتا ۾ وشواس رکن ٿا ۽ ٻيا اهي جي ڀڳوان ۾ هڪ روپ ٿي سمائجي وڃڻ ۾ ويساهه رکن ٿا. پهريان "الهاميا" چوائين ٿا ۽ ٻيا "اتحاديا".

توڙي ۾ جيڪڏهن صوفي مت جو سار سمجهڻ چاهيو ته اِترو ڄاڻڻ ضروري آهي ته صوفين جا اصول اڪثر ڪري اسانجي ويشنو ڌرم جي پريم جي ساڌنا (طريقي) جي ڪيترن اصولن سان هڪ جهڙا آهن. صوفي مڃين ٿا ته جا ڪجهه سَتا (طاقت) آهي سا سموري پرماتما جي آهي ۽ سڀ ڪجهه پريو ۾ آهي ۽ پريو ئي سڀني ۾ آهي. ساڪار (Visible or having form) ۽ نراڪار (Invisible or formless) شيون سڀئي ايشور مان نڪتيون آهن ۽ پريو ۾ اوت پروت آهن. منش جون خواهشون ڀڳوان جي ادين آهن ۽ منش ڪرم ڪرڻ ۾ آزاد نه آهي. هن شرير کان پهريائين به آتما (روح) هئي. اها هن شرير ۾ نيڪ اهڙي طرح بند آهي جئن پکي پڃري ۾. انهيءَ ڪري

صوفي موت جو قدر وڏي شوق سان ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته سندن اعتقاد آهي ته انهي شرير جي پڃري کان نڪري اسان جي اندروارو پکي پنهنجي پرم پريتم جي وصل جو آنند لٽيندو. موت ئي ماڻهو کي شڌ ڪري پرماتما سان ملائي ٿو. پرڀوءَ سان اساڻجي روحاني ايڪتا تيستائين نه ٿي سگهندي: جيستائين اسان تي مالڪ جي مهر نه ٿيندي. انهيءَ مهر کي فيازان يا فضل الله چوندا آهن. حياتي ۾ صوفيءَ جو مکيه ڪرتويه (Bounden duty) آهي ته ايشور جو سمرڻ ۽ چنتن ڪري ۽ ڀڳوان جو نالو جپي پنهنجو جيون اهڙو سادو بڻائي جو کيس ايشور جو درشن حاصل ٿئي.

جڳت جي طرف کان منهن ڦيرڻ بعد جڏهن پرڀوءَ جي انتظاري جو ٻج هردي ۾ چٽجي وڃي ٿو تڏهن ساڌڪ جو نالو ”طالب“ ٿئي ٿو. جڏهن هو انهيءَ رستي ۾ پاند پٽڙو ٿي هلي ٿو تڏهن کيس ”مريد“ سڏجي ٿو. ڪنهن گرو جي حڪم موجب جڏهن هو پاڻ کي ايشور جي ڀراپتي ۾ مشغول ڪري ڇڏي ٿو تڏهن سندس نالو ”سليڪ“ ٿئي ٿو. سڀ کان اول کيس خدمت ڪرڻ جي سکيا ملي ٿي. خدمت جي وسيلي ٿي کيس عشق جي حاصلات ٿئي ٿي. عشق جي ذريعي کيس ايڪاگرتا ملي ٿي ۽ سندس سنساري موهه ۽ ممتا هميشه جي لاءِ ناس ٿي وڃن ٿا. پريم جي اگني ۾ جڏهن موهه ۽ ممتا آدڪ وڪار جلي وڃن ٿا ۽ سندس دل پاڪ ٿئي ٿي تڏهن سندس دل کي گيان (معرفت) جي روشني جي طاقت ملي ٿي. گيان جي انهيءَ اوجل روشني ۾ کيس خالق جو جمال حاصل ٿئي ٿو. اها پريم جي مستي جي پورڻ اوستا (ڪامل درجو) آهي. انهيءَ بعد ساڌڪ وصل (ميلاپ) جي طرف وڌي ٿو، جنهن کان هو پري نٿو وڃي. هاڻي موت تائين هو ڌارڻا ۽ ڌيان (رياضت Contemplatation & Meditation) جي رستي انهيءَ آنند کي قائم ۽ محڪم بڻائي ٿو ۽ موت بعد ”فنا“ جو لطف وٺي ٿو. موت بعد صوفي پاڻ سروآتم ڀاو سان پرماتما ۾ لين ڪري ڇڏي ٿو.

جهڙي ريت اساڻجون چار اوستائون آهن:- ڪرم ڪانڊ، اُپاسنا ڪانڊ، گيان ڪانڊ ۽ سڌ اوستا، تهڙي ريت صوفين جون به چار منزلون (اوستائون) آهن:- شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت. انهن جو ”انالحق“ اساڻجي اهم برهم اسمي (I am God) وانگر معنيٰ رکي ٿو. صوفي طريقو تياڳ جي نموني ۽ مخالف نموني سان سروآتم سمرپڻ جي مقصد سان ٿي هلندو آيو آهي.

ساڌڪ کي زندگيءَ جي واهپي هلڻ لاءِ چئن ڳالهين جي ضرورت آهي:- سچ ٻولڻ، چڱا ڪم ڪرڻ، سداچار يعني اخلاق، ست وويڪ يعني سچ ۽ ڪوڙ جي پرکڻ ۽ ڪوڙ کي تياڳي سچ گرهڻ ڪرڻ. ساڌڪ کي هڪ ڪن به اها ڳالهه وسارڻ نه کهي ته سڀ ڪجهه لٽ ٿي وڃڻ بعد باقي هڪ پرماتما وڃي رهندو. شروعات ۾ به پرماتما هو ۽ جڏهن ڪجهه ڪين هوندو تڏهن به پرماتما رهندو. سڀڪجهه انهيءَ هڪڙي

مان نڪتو آهي ۽ منجهس لڳ ٿي ويندو. سنسار ۾ اسانجو رهڻ فقط وچين وقت جو رهڻ آهي. تنهنڪري انهيءَ جيوت کي ايشور روپ بڻائي رکڻ جي ضرورت آهي. پرماتما ته اسانکي هميشه پاڻ ڏي ڇڪي رهيو آهي پر اسين انهيءَ ڪشش کان هٽي ڌن ۽ مان جي گولا ۾ لڳا رهون ٿا ۽ مگر پرماتما اسانکي پاڻ ڇڪڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي. هو اسانکي جڳت جي پرپنچ کان هٽائي پاڻ ڏانهن ڪينچي ٿو. پريو جي طرف کان جا اسان کي ڇڪڻ جي ڪريا آهي انهيءَ کي صوفي آڪرشڻ (انجزاب) چوندا آهن - ۽ منش جي پريو ڏانهن وڃڻ کي آڪانڪشا اٿوا پريم چوندا آهن. جيتري اسانجي آڪانڪشا يعني چاهنا وڌي ٿي اوترو ئي سنسار اسانکان پري هٽي ٿو. ساڌڪ انهيءَ اوستا ۾ پريو جو پيارو. "قبله" بڻجي پوي ٿو.

ايشور کي سڀ ڪجهه سمرپڻ ڪري (Dedicating all to Lord) پرماتما ۾ لين ٿي وڃڻ ٿي (To be one with God) صوفين جو انتهائي مقصد آهي. انهيءَ حالت جو بيان جلال الدين رومي پنهنجي پستڪ "مثنوي" (صفحه ٧٨) ۾ هن ريت ڪيو آهي.

پريتم جي دروازي کي ٻاهران ڪنهن کڙڪايو؟

اندران آواز اچيتو:- "ڪير آهي".

"مان آهيان" جواب هو.

اندران جواب آيو:- "انهيءَ گهر ۾ مان ۽ تون ٻئي ڪڏهن به رهي نٿا سگهون - عاشق نراس ٿي موٽي ويو. سال پرائين جهنگ ۾ تپ (Austerities) ڪيائين، ورت (Fasts) رکيائين، پرارٿنائون (Prayers) ڪيائين. سال جي پوري ٿيڻ بعد عاشق موٽي وري معشوق جو دروازو کڙڪايو.

"ڪير آهي." اندران آواز آيو

"تون آهين." عاشق جو جواب هو.

دروازو کليو - پريمي (Lover) ۽ پريتم (Beloved) ملي هڪ (One) ٿي ويا.

سڀ کان پهريائين صوفي مت جو آرنڀ ٨٠٠ عيسوي سن کان اڳ پئلسٽائين ۾ ابو هاشم جي دوارا ٿيو. پر انهيءَ کان اڳ ۾ ربيا يعني رابه ٿي گذري هئي ۽ انهيءَ وقت کان وٺي صوفي مت جي ڌارا اکنڊ روپ سان (Unceasingly) وهندي آئي آهي. قران جا اهڙا مثال جن ۾ ويا پڪ پريم سوروپ ۽ سڀني جو خير خواهه پرماتما جي سچائي ۽ خوبصورتي جو بيان آهي سي صوفي مت جو آڌار ٿيا ۽ اڳتي هلي سندس آزاد بنياد به پيو. پهريائين پهريائين ابو هاشم فلسطين ۾ رملي ۾ "صوفي ساڌنا مندر" جو بنياد وڌو. اتان ئي صوفي طريقي جي آڌار آزادانه طور هلڻ لڳي جا اڄ تائين هلندي آئي آهي. پريتم جي ذريعي پريم جي مستي ۾ سڀڪجهه سمرپڻ ڪرڻ جي ريت انسان جي دل کي انادي ڪال (ازل) کان پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آئي آهي ۽ جيستائين منش ۾ هردو (Heart) آهي تيستائين اوڏانهن ڇڪبو ضروري.

صوفي مت ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ سنت ۽ مهاتما ٿيا آهن جي آهن انداز ۾ اڳڻت (Countless). ٿيا گڻ ۽ گرهڻ ڪرڻ ٻئي طريقا

صوفين جي اپديشن جو سار آهي تياڳ واري طريقي ۾ جنهن جهان جي هر هڪ وستو ۽ هر هڪ عزيز چيز جو تياڳ اچي وڃي ٿو ۽ گرهڻ ڪرڻ واري طريقي ۾ پرماتما جي حاصلات لاءِ سڀني چڱين خصلتن جو ڌارڻ ڪرڻ ضروري آهي. ڪٺور تپ (Tedious Austerity)، دکھ ورت ۽ پرارٿنا اهيئي سندس مکيه ساڌن آهن. جڳهه جي تنگي سببان ٿورڙي ۾ ٿي رابعه، حلاج منصور، بايزيد بسطامي، جلال الدين رومي ۽ حافظ جي باري ۾ ڪجهه احوال پيش ڪنداسين

رابعه

رابعه جو جنم بصري جي هڪ غريب ڪٽنب ۾ ٿيو. کيس ٽي وڏيون ڀينر هيون. سندس ماتا پتا جو بي وقتو موت ٿيو. ڪنهن آدمي کين هڪ شاهوڪار وٽ وڪيو. اهو شاهوڪار آدمي اهڙو سنگدل ۽ بي رحم هو جو ڪماري رابعه کان زبردستي ڪم وٺندو هو ۽ هميشه کيس ماريندو ۽ ڪٽيندو هو. هڪڙي اونداهي رات جو رابعه اتان ڀڄي نڪتي. رات اونداهي، رستو اڻانگو، ٿاٻو کائي وڃاري ڪري پيئي ۽ ڪپو هٿ ڀڄي پيس. انهيءَ دکي حالت ۾ سائين ۽ دردلي سان متو ٽيڪي پرارٿنا ڪيائين! "اي پرماتما! مونکي پنهنجي انهيءَ خراب حالت تي دک نه آهي. مان شل توکي ڪڏهن کين وساريان ۽ تون هميشه مون تي راضي رهه. اها ئي منهنجي وينتي آهي."

قرآن پڙهڻ ۽ ايڪانت ۾ پرارٿنا ڪرڻ رابعه جو مول ڪرم هو. آڌي رات جڏهن سڀئي سمهي پوندا هئا تڏهن رابعه پرماتما کي پرارٿنا ڪندي هئي. هڪڙي رات ڄڻ پرارٿنا ڪري رهي هئي "هي پريو! تنهنجي ئي شيوا ۾ منهنجو رات ڏينهن گذري، منهنجي اها تمنا آهي پر مان ڇا ڪريان. تو مونکي بي وس نوڪرياڻي بڻايو آهي انهيءَ ڪري مان سارو وقت تنهنجي اُپاسنا ۾ گذاري نٿي سگهان. انهيءَ لاءِ مونکي معاف ڪر."

سيٺ جنهن وٽ هوءَ نوڪرياڻي هئي سو سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هو. کيس پنهنجي ڪٺورتا (بي رحمي) تي سخت پڇان آئي. ربيا (رابعه) جي پيرن تي ڪري پيو. ڪانئس معافي گهريائين ۽ شرڌا ۽ ڀڪتي سان چيائين: "اي ديوي! جي تون منهنجي گهر رهندينءَ ته مان تنهنجي خدمت ڪندس. جيڪڏهن ٻي هنڌ وڃڻ چاهين ته تنهنجي مرضي." مالڪ جي من ۾ پرماتما جي پريرنا سمجهي رابعه سيٺ کي نمشڪار ڪري موڪلائي ڪئي. اتان وڃي رابعه ڪٺور تپسيا ۾ حياتي گذاري.

مهاتما حسين انهن ڏينهن ۾ رهندو هو بصري ۾. رابعه سندس ست سنگ ۾ ويندي هئي ۽ ڌرم چرچا (گيان گوشٽ يا مذهبي بحث مباحثه) ۾ حصو وٺندي هئي. هڪڙي دفعي ورت رکي بن ۾ يوگ ابياس ڪيائين ۽ عمر جو وڏو حصو مکي ۾ گذاريائين جتي ابراهيم آدم کان ئي ست سنگ ٿيندو ٿي آيو. زندگي ڀر برهمچريه پالي ايشور جو ڀڄن ڪندڙ ديويون دنيا ۾ گهٽ ماڻس مس ٿيون آهن.

هڪ ڏينهن حسين رابعه کان پڇيو! "ديوي! تنهنجو من شادي ڪرڻ چاهي ٿو؟" رابعه وراڻيو: "شادي ته ٿئي ٿي بدن جي. پر مون وٽ بدن آهي ڪٿي؟ هي بدن مان ايشور کي ڏيئي چڪي آهيان. ٻڌايو ته ڪهڙي بدن جي شادي ڪريان؟" هڪڙي ڏينهن هڪڙي شاهوڪار کيس ڦاٽل ڪپڙن ۾ ڏسي چيو: "جيڪڏهن تون خيرات وٺين ته تنهنجو ڪنگالپڻو دور ٿي وڃي." رابعه ورندي ڏنيس، "تون پلجين ٿو. سنسار جي ڪنگالپڻي هٽائڻ لاءِ ٻين کان ڀيک مڱان ڇو؟ هن سنسار ۾ پرماتما جو راڄ ڦهليل آهي تنهن کي ڇڏي ٻئي کان ڇو پنان؟ جيڪي ڪجهه وٺڻو هوندو، سنڌس ئي هٿان وٺنديس."

هڪڙي ڏينهن رابعه اچي بيمار ٿي. حال پڇڻ لاءِ عبدالعمر ۽ صفيان (Abdul Umar and Sufian) وٽس آيا ۽ چيائونس، "تندرستي لاءِ پرارٿنا ڇو نه ٿي ڪرين؟" رابعه چيو: "هي ڇا چئي رهيا آهيو. منهنجي هن روڳ ۾ ڇا پرماتما جو هٿ نه آهي؟ مان ته انهيءَ جي ٻانهيءَ آهيان. ٻانهيءَ جي وري خواهش ڪهڙي ڪم جي؟ جيڪڏهن منهنجي مرضي پرماتما جي مرضي جي برخلاف هجي ته اها ٺيا ڳڻ جوڳي آهي."

رابعه جي پرارٿنا هئي: "اي پرماتما! جيڪڏهن مان دوزخ جي خوف کان تنهنجي پوڄا ڪريان ٿي ته مونکي انهيءَ دوزخ جي باهه ۾ وجهه، جيڪڏهن مان بهشت جي لالچ سببان تنهنجي شيوا ڪريان ٿي ته مونکي بهشت حرام آهي. جيڪڏهن مان تنهنجي پراپتيءَ لاءِ تنهنجو پوڄن ڪريان ٿي ته مونکي پنهنجي لامحدود خوبصورت روپ کان محروم نه رکج."

رابعه جا ڪي اپديش

(١) ايشور کي سرو شڪتي مان (Almighty) سمجهڻ ئي ايشوريه گيان (Devine knowledge) جو ڦل آهي (٢) جو ايشور جي پرارٿنا سان پورو ٿيل هردي کي ايشور جي چرڻن ۾ سمرپڻ ڪري ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي ساري سنڀال پرڀو تي ڇڏي ٿو ۽ سنڌس ڌيان پڇن ۾ رتو رهي ٿو، سوئي سچو مهاتما آهي. (٣) پوري ريت سڄاڳ ٿيل من جو اهو ئي ارٿ آهي ته ايشور کان سواءِ ٻئي ڪنهن به چيز جي سهاري نه هلي. جڏهن من انهي پروردگار جي خدمت ۾ ليَن ٿي وڃي ٿو پوءِ کيس ٻي ڪنهن چيز جي ڪهڙي ضرورت.

منصور

ايشور جي مارگ تي هلڻ ڪري منصور کي ڪيتريون تڪليفون سهڻيون پيون ۽ ڦاڙي ۾ سوري تي چڙهڻو پيس. مڪي، بصري وغيره جو سير ڪري هڪ هو دفعو ڀارت ۾ به آيو. منصور "انالحق" (I am God) جو جاپ ڪندو هو جنهن جو ارٿ آهي مان "ايشور آهيان" آدمي کيس "هوالحق" "He is God" هو پرميشور آهي" اهو جاپ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. منصور ورندي ڏيندو هو: "ها اهو ئي دوست آهي. انهيءَ جو مها ساگر (Ocean) چئني طرفين اڇلون ڏيئي رهيو آهي. انهيءَ ۾ منهنجو مان پڻو (First person or Individuality) ملي هڪ روپ ٿي ويو آهي. مان ڪهڙي طرح ڪانئس الڳ رهي سگهان ٿو. مان پنهنجو

منصور پڻو پنهنجي ايشور پڻو (Divinity) حاصل ڪيو آهي. هاڻي اوچي درجي کي ڇڏي نيون درجو ڇو وٺان؟"

خليفي جي حڪم موجب منصور کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. سندس محڪم ارادو ڏسي خليفي حڪم ڏنو، "جيستائين هو انا الحق (مان ئي ايشور آهيان) چوندو رهي تيستائين کيس مار ڪٽيو وڃي ۽ پڇاڙيءَ ۾ کيس قتل ڪيو وڃي. لڪڻ جي هر هڪ ڌڪ پنيان منصور کان نڪرندو رهيو "انا الحق انا الحق." آخر جلاد کيس سوري تي چاڙهڻ لاءِ وٺي ويو. موت کي ويجهو ڏسي منصور وري به زور سان "حق حق انا الحق" چوندو رهيو. هڪڙي فقير وٽس اچي چيو: "پريم ڪهڙو ٿيندو آهي؟"

منصور جواب ڏنو: "انهيءَ جو مثال هاڻي ڏسندين، سڀاڻي ڏسندين، پرسون ڏسندين." انهي چوڻ جو مطلب هي هو:- "هاڻي مان قتل ٿيندس، سڀاڻي ڊنا يو ويندس، پرسون منهنجو ڪو به نشان نه رهندو." سوري کي وڃي منصور پريم مان ڀاڪر پاتو. پوءِ پاڻ سندس هٿ وڍيا ويا ۽ پوءِ پير. پنهنجي خون سان پنهنجي هٿن کي رڱي چيائين: "اهو هڪ پرماتما جي پريم جو وضو آهي." جلاد جڏهن سندس زبان ڪاٽڻ لڳو تڏهن منصور چيو: "ترسو ترس. مان هڪ ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو. اها هيءَ آهي:- اي منهنجا پرميشور! جن مونکي تڪليف ڏني آهي تن کي سچي سک کان محروم نه رک. انهن تي ناراض نه ٿيءُ. انهن منهنجي منزل کي گهٽ ڪري سمجهيو آهي، هاڻي هو منهنجو سر لاهي ڇڏيندا. مان تنهنجي ديدار ڪرڻ ۾ سمرٿ (Able) ٿي سگهندس." دم ڏيڻ کان اڳ به آيتون چيون هئائين. زمين تي سندس هي آخرين آواز هو:-

اپديش

(١) جنهنجي سدائين ايشور طرف نظر آهي ۽ جو سنسار کان ورڪت آهي سوئي رشي آهي.

(٢) جي لوڪن جي اتيا چارن (ظلمن) کان ڪڪ نٿا ٿين سي ئي سچا پرش آهي.

بايزيد بسطامي

پريم ۽ تياڳ جي مورتي بايزيد بسطامي سدائين ايشور چنتن ۾ مست رهندو هو. سندس ساري حياتي مالڪ جي بندگيءَ ۾ گذري. سندس موت به ايشور جي جاپ جپيندي ٿيو. سندس جنم ايشيا کنڊ جي بسطام ملڪ ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو مورتي پوڄڪ هو ۽ سندس پتا هڪو مسلمان. ماتا جي چرڻن ۾ ئي کيس ڀڳوت ڀڪتي پراپت ٿي. بايزيد ڪڏهن به پنهنجي روزگار جي چنتا ڪين ڪندو هو. هڪ وشواس هوس ته پرماتما ضرور روٽي ڏيندو. جڏهن ڪوئي پرماتما جا گڻ ڳائيندو هو تڏهن سندس ڇهري ۾ آنند جي جهلڪ اچي ويندي هئي. جڏهن ڪوئي سندس تعريف ڪندو هو تڏهن هو اتان ناراض ٿي هليو ويندو هو. پاڻ پنهنجي ساڌنا بابت چيو اٿس: "سورهن ورهيه تائين جهان ۾ نڪمڙو رهندي معلوم ٿيم ته مان ڪهڙو نه بد چلن ۽ ناپاڪ آهيان. منهنجي من ۾ پرماتما جي ڀڪتي پيدا ٿي جاڳي تڏهن مون چيو:

اي پرماتما! اوهان کانسواءِ منهنجو ڪو به نه آهي. مان اوهان کي چاهيان ٿو ۽ ٻيو ڪجهه به نه. اوهين وڏي کان وڏا ۽ پرم ڪرپالو (Merciful) آهيو. مونکي اوهان کان ٿي شانتي ملندي. مونکي پاڻ کان ذرو به الڳ نه ڪريو. منهنجي اکيان پاڻ کانسواءِ ٻي ڪنهن کي اچڻ ڪين ڏيو."

پرماتما آشيرواد ڏنس: "جا تنهنجي مرضي"

"اهڙي ريت انهيءَ مونکي پنهنجو بڻائي ڇڏيو.

مون وٽ اهڙي زبان هئي جا ٻيڊ پرماتما جي ذڪر کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ٻوليندي نه هئي. منهنجي زبان سندس ساراهه ۾ ۽ منهنجي دل ۾ اکيون سندس بي بيان حسن ڏسڻ لاءِ مشغول رهنديون هيون. مان سندس سهاري جيئرو رهندو هوس. منهن جي زبان انهيءَ ٻيڊ جي زبان بڻجي ويئي."

"اي پرماتما! مان اوهان سان پريم ڪريان ٿو جنهن ۾ اچرج جي ڪا به ڳالهه ڪانهي ڇاڪاڻ ته مان اوهانجو غلام، نماڻو ۽ بيوس بکاري آهيان. اچرج ته اهو آهي جو ايشور سرو شڪتيمان سرو ڪلا پرپور ۽ اپار ۽ وڏي طاقت وارو هوندي به مونکي پيار ڪري رهيو آهي." بايزيد جي ساري زندگي تپسيا ۽ ايشور ڀڪتي ۾ گذري هئي. سندس اپديش به تمام املهه آهن. ماڻهو جو سچو فرض ڪهڙو آهي؟ ايشور کانسواءِ ٻي چيز ۾ محبت نه رکڻ. ايشور جي ڪرپا کانسواءِ منش جي ڪوشش سان ڪجهه به ملي نٿو سگهي. جيڪو ايشور جي ڳڻن سان پاڻ کي ڀيٽي ٿو سو نيچ آهي جو ايشور جي نزديڪ آهي تنهنکي ڪهڙي ڳالهه جي ڪمي آهي؟ سڀ شيون ۽ ساري دولت سندس آهي. ڇاڪاڻ ته سندس عزيز دوست هر جڳهه موجود آهي ۽ ساري دولت جو مالڪ آهي. جيڪو آدمي بندگي ۾ اهو "اهم پڻو" دل ۾ سانڍي ٿو ته مان ڪريان ٿو "سو سچي بندگي نٿو ڪري."

جلال الدين رومي

ٻي انت پريمي ۽ ٻي انت حسن جي پوڄاري جلال الدين رومي جو درجو صوفي فقيرن ۾ عاليٰ آهي. پنهنجي تصنيف "مثنوي" ۾ صوفي طريقي جو چڱي طرح وستار سان بيان ڪيو اٿس. صوفي ڌرم جي ٻڌائڻ وارو ٻيو ڪو به هن جهڙو ڪارگر پستڪ نه آهي. صوفين ۾ جو ٻن قسمن جا مارڳ آهن: هڪڙو ويدانت مارڳ ٻيو ڀڪتي مارڳ. تن مان رومي ڀڪتي مارڳي آهي. ڪل ستا (ڪل طاقت)! جي مرڪز ۾ ايشور اتي سوکيم (تمام لطيف) روپ ۾ موجود آهي. هو ڪل پريم ۽ ڪل حسن جو سمنڊ آهي. سرشٽيءَ جي ذري ذري ۾ سندس حسن جهلڪي رهيو آهي. دوئي جي پردي سبب منش جي الاهي صورت لڪل آهي. الاهي صورت جي چمڪار ساري مخلوقات ۾ ظاهر ظهور آهي. پرم آنند (عاليٰ راحت All-Bliss) جي حالت ۾ اندڪار جو پردو هٽي وڃي ٿو. اندر نرمل ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ پرماتما جو ساکيات ڪار (مشاهدو) ٿئي ٿو. دوزخ

خواه اگيان جي ڪاب ستا نٿي رهي، ڇو
ته اها سچ جي سورج اڳيان پنهنجو
پاڻ ناس ٿي وڃي ٿي. سڀ ڪجهه فنا ٿي
وڃڻ بعد هڪ پرماتما وڃي رهي ٿو جو
اسان جو سڀ ڪجهه آهي.

ڇو نته رومي جنهن وقت پنهنجا جذبن
سان ڀريل مصرع لکندو هو تنهن وقت سندس
نزديڪ جي آدمي وينا هوندا هئا سي بي
سرت ٿي ويندا هئا. رومي صوفي طريقي
۾ سنگيت ۽ نرتيہ (Music & Dance) پنهجي
ڪلائن کي تحرڪ ۾ وڌو.

حافظ

پرمارگي صوفين ۾ حافظ جو نالو ڏاڍو
عزت سان ورتو ويندو آهي. سندس اپديش
جو خلق تي ڏاڍو اثر پيو. هو دلي جذبات
وارو سنت هو ۽ انهيءَ سببان هنجي دل
مان نڪتل واڻي سڀني جي هردن تي پرڀاو
وڌو. حافظ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته
ڪرم ڪانڊ (شريعت) جي چار ڪي
دور ڪجي. من، بدي، چت ۽ پراڻن کي
پرماتما اڳيان پيش رکڻ گهرجي. سيکهه
ارپڻ ڪرڻ واري ريت لاءِ پنهنجي آتمڪ
گرو (روحاني رهبر) کان رستو پڇي سندس
آگيا موجب هلڻ گهرجي. حافظ جي اپديش
جو تات پرج آهي ته سنسار جي راڳ دويش
(پريتي ۽ اپريتي) کي متاني منش کي
گهرجي ته پرماتما جي پريم ۽ سچي هاردڪ
پرارٿنا (True Heartful prayer) جو ساڌن
ڪري. ايران جي گهر گهر ۾ حافظ جي
اپديش جو ڏاڍو قدر ٿيو.

"سعدي"

سعدي کي "ايران ملڪ جي بلبل" ڪري
سڏيو وڃي ٿو. هن ٻهرياٽين ٽيهه ورهيه
پنهنجي ڌرمي پستڪن جي ابياس ۾ گذاريا
۽ باقي چاليهه ورهيه ليوت يا تراوا ۽ ڌرم
اپديش ۾ گهاريا. ڀارت ورش ۽ مصر وغيره
ديسن ۾ سير ڪري هن خوب ست سنگ
ڪيو ۽ گيان پراپت ڪيو. سندس اپديش
۾ سدا چار يعني اخلاق تي سخت زور
ڏنو ويو آهي. ڪٿي هن به سنساري پدارٿن
واسطي پرماتما کان گهر نه ڪيائين. ڀڪتي،
گيان ۽ سدا چار سان ڀرپور سعدي جو جيون
هڪ آدرشي سنت جيون آهي.

نوٽ:- مٿين ليک ۾ ليکڪ فقط ايران جي
صوفين ۽ ڪي قدر عربستان جي صوفين
جو ذڪر ڪيو آهي باقي سنڌ ۽ هند جي
صوفين بابت شايد ڪيس ڪو احوال ڪونه ملي
سگهيو آهي. سنڌ ۾ ته شاه عبداللطيف
شاه عبدالڪريم، روحل، دلپت ۽ سچل،
بيڪس ۽ بيدل صوفي ٿي گذريا آهن پر شايد
سندن واڻي "سنڌي" ۾ هجڻ سبب ليکڪ
جي هٿن سندن ڪوبه احوال ملي نه سگهيو آهي.

چٽا وڌيون

ليکڪ:- سوڀراج نرملداس [فاني]

(۱)

دنيا جو سفر

دنيا ۾ ائين گذار جيئن ڪنول جو گل پاڻيءَ ۾؛ جنهن تي پاڻي ۾ هوندي به پاڻيءَ جو ڪو اثر ڪونه ٿو ٿئي. دنيا جي ڏکن کان ڇٽڻ چاهين ته دنيا جي پدارٿن سان دل ڪري ڪو ناتو ڪونه رک، ۽ پاڻ کي هن جهان ۾ مسافر وانگي ڄاڻ. هي لوڪ آهي پرلوڪ جي پل. ان مان اٽڪل سان پنهنجو وهنوار پورو ڪري اڪري پار پئو. جو هتي اٽڪي سو پنهنجا پٽي جهان ٻوڙي. ٻيڙي پاڻي تي هلي ٿي پر ساڳيو پاڻي جي ٻيڙيءَ ۾ اندر اچي ته ٻوڙي ڇڏيس. تون انهيءَ مان مت وٺ. سنسار جي لاڳاپن واري پاڻيءَ کان تون پلوءَ پالهو رک جي نه ته اهي لاڳاپا سگهوئي تهوڙي ناس ڪندءِ. هي من تون نام سان رچي رک ته هي دنيا جو سانگ توتي ڪو اثر نه ڪري.

(۲)

ماڻهن جي ٻيڏي چال

جنهن ڪم ۾ لڄ ٿيڻ جو ڪارڻ ئي ڪونهي تنهن ڪم ڪرڻ ۾ جنهنکي لڄ ٿي اچي ۽ جنهن ڪم ۾ لڄ اچڻ کپيس تنهن ۾ لڄ جو ڪو ويچار ئي ڪونه ٿو ٿئيس؛ جنهن ڪم ڪرڻ ۾ ڀئتا جو ڪو سبب ڪونه آهي تنهن ڪم ڪرڻ ۾ جنهنکي ڀؤ ٿو ٿئي، ۽ جنهن ڪم ڪرڻ ۾ ڀؤ ٿيڻ کپيس سو ڪم جيڪو بي ڀئو ٿي ڪري ٿو؛ جتي وڪار جو ڪو وهم ٿي ٿيڻ نه کپي اتي جيڪو وڪار ٿو ڏسي ۽ جا ڳالهه وڪار ڪري ڌڪار لائق آهي تنهن ۾ ڪو دوش ڪونه ٿو ڏسي؛ اهڙو ماڻهو اوندي منورتي ڌارڻ سبب جتي ڪٿي ضرور ڏک ۽ ڪليش ٿي ڀوڳيندو رهندو.

(۳)

دنيا جا ڪم

دنيا جا ڪم پورا ٿيڻ جا نه آهن، ۽ جيڪو گهڻو گهڻي ان تي ٿي گهڻو بوجهه پوي. اهو دنيا جو دستور العمل (وهنوار) آهي. سياڻو سو جو قناعت ۽ تجويز سان پگهه جو پيچ پورو ڪري هٿان لڏي؛ اياڻو اهو جو رات ڏينهن پنهنجو مغز ڪاڙهي لوڀ جي لاڳ تي ڪنهن نه ڪنهن بهاني بيهودا ٻوٽا پيو اڏي، ۽ نهن چوٽي الٽو اهو جو انهن بولن تي وري ڪڏي ۽ پڏي. سائينءَ جي پياري حافظ شيرازيءَ جو وچن آهي:-

”گفت آسان گير بر خود ڪارها ڪز روي طبع
سخت ميگيرد جهان بر مردمان سخت ڪوش ها“
ٻي هڪ سياڻي چيو آهي :-
”ڪار دنيا ڪي تمام نڪرد
هر چه گيريد مختصر گيريد.“

(۴)

دک ۽ سک

دک ۾ سک مانڻ ڪنهن سچي سورهيه جو ڪم آهي. انهيءَ اوچ اوستا وارو ڪو ورلو. پورن سنت سري گرو ارجن ديو جو هي وچن ”تيرا ڀاڻا مينا لاگي“ انهيءَ اوستا ڏي اشارو ڪندڙ آهي. حضرت حافظ ٿو فرمائي ته دل هميشه رت ۾ ٻڏل ته به مک پيالي وانگر سرهو ڌار ۽ نه بنسريءَ وانگر ٿيءُ جو جي ڪو گهاءُ ٽيئي ته ڪوڪون ڪرين. سائين لوڪ حافظ جو ڪلام جنهن جي طراوت ني پنهنجي ليکي سوهي آهي :-
”با دل خونين لب خندان بيا ور همچو جام
ني گرت زخمي رسد آئي چو ني اندر خروش“.

حضرت عيسيٰ ۽ دنيا

١- چون ٿا ته عيسيٰ عليه السلام
ڪيو عرض ”منهنجا اي پروردگار
٢- دنيا جو حسن جو تون پيدا ڪيو
تون مولي اکين سان مونکي ڏيکار“
٣- چون هڪ ڏهاڙي ڏٺائين ٻڍي
سا ويندڙ جهنگل مان بنان يار گهار
٤- ٻڍيءَ کان پڇائين ته ”تون ڪير آن
نه توسان ڪو آهي خويش و تبار“
٥- وراڻيو ٻڍي ”مان اها ڏار آن
هو جنهن جي ڏسڻ لاءِ توکي انتظار“
٦- ٻڌڻ سان هي عيسيٰ عجب ۾ پيو
”نه ڪنهن زال ۾ منهنجو آڪارو بار“
٧- چيائين ”ڪيو معاف منهنجي خطا
منهنجو نانءُ دنيا چون ٿا مدار“
٨- مسيحا چيو ”منهن تون پنهنجو پساءِ
ڏسان ڪهڙيون قلبون ڪيون تو شڪار“

٩- ڪيا نين پري برقعو منهن کان کڻي
چڏيا ٿين ڪري راز کي آشڪار

١٠- ڪارو ڳنڊو منهن تي عيسيٰ ڏٺو
سوين ها ڇنيل جنهن مٿان عيب و عار

١١- ڏنا ٿين سنڌس دست هڪ خون ۾
۽ ميندي هئي ٻي دست تي بيشمار

١٢- مسيحا پڇيو "هي ڪهڙو ڍنگ آ
ٻڌا مونکي معنيٰ انهيءَ جي مڪار"

١٣- ڇيا ٿين اشارو ڪري خون ڏانهن
"ڪئم تازو عاشق وڃي اڄ بزار

١٤- لڳائي مان ميندي آ ٻي دست کي
جو ٿي ڪوري پيو منهنجو خواستار

١٥- اگر مرد هڪ تي قهر ٿي ڪيا ن
ته ٻي سان ڪيا ن دوستي آشڪار

١٦- ڪيا ن ٿي هزارين مان شوهر نوا ن
رهي پاڪدامن بدن برقرار"

١٧- تعجب مان تنهن کي مسيحا چيو
"اي ڏائڻ ڏنگي زشت رُو نابڪار

١٨- بدن تنهنجو رهندو ڪٿين پاڪ پوءِ
ڪرين ٿي جڏهن مڙس تون بيشمار"

١٩- وراڻيو بڍي زال دنيا تڏهن
"منهنجا مڙس نا مرد ڪيا روزگار

٢٠- جي رغبت رکن ٿا مونسان آدمي
انهن ۾ نه مردانگي جا آثار

٢١- مگر جي ڏسان مرد: ميدان جا
سي ڪن ٿا هميشه پڍيءَ کان ڪنار

٢٢- اگر حال ههڙو آ مڙسن سندو
ته لاشڪ ٿي رهنديس مان ڪنواري ڪنوار"

٢٣- چوي ابن يمين برادر ٻڌو
ڪيو قصه هي دل مٿان يادگار

٢٤- اگر مرد آهيو جي ميدان جا
ڪجو ڪين ڏائڻ جي هرگز پچار.

(پارسي جو ترجمو) مونٽداس ليجومل

مان ولايت ۾ ڇا ڏٺو

ليکڪ:- شيام لال ايم-اي، ٽي-ڊي (لنڊن)

جڏهن ڪو به هندستاني ريل مان لهي لنڊن ۾ قدم رکندو آهي تڏهن ڪيس اهو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ته مان ڪنهن نئين دنيا ۾ پهچي ويو آهيان. انگلنڊ ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد اهو خيال جان تان مضبوط ٿيندو آهي.

سڀ کان پهرين ڳالهه، جنهن جو دل تي ڪافي اثر ٿئي ٿو، سا آهي ان ملڪ جو انتظام (Discipline). نه فقط اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙ شاگرد، نه فقط فوج جا سپاهي ۽ سرڪاري نوڪر، بلڪ سارو ملڪ انتظام جي شڪنجي ۾ جڪڙيل آهي. قدم قدم تي انهي جا نمونا ڏسڻ ۾ ايندا. ڀيڙ جي وقت ريلوي شٽيشن تي وڃون، سوين آدمي ٽڪيٽ خريد ڪرڻ جي انتظار ۾ آهن، ليڪن شور، غل ۽ هلڙ بازي جو نالو نشان به ڪونه آهي. سڀ ماڻهو پنهن جي قطار ۾ بيٺا آهن ۽ واري سان ٽڪيٽ وٺي رهيا آهن. اهڙي طرح هوٽلن جي دروازن تي، نماون ۾، سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ جتي به ڏهن ويهن يا زياده ماڻهن کي هڪ دروازي کان لنگهڻو پوندو آهي، ايهوئي طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. پن پن جي قطارن ۾ اهڙي طرح بيهڻ کي انگريز "ڪيو" جي نالي سان سڏيندا آهن.

هڪ ڏينهن لنڊن جي هڪ مشهور سئنيما گهر ۾ ويم. تماشي شروع ٿيڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ پهچي ڏٺم ته سئنيما جي ٽن طرفن کان هڪ وڏو "ڪيو" ڪڙو ٿيو بيٺو آهي. تعجب جي ڳالهه اها هئي جو ماڻهن کي اهڙي طرح ڪڙي رکڻ لاءِ ڪو به پوليس جو سپاهي اتي موجود نه هو. اهو ڏسي مونکي بمبئي جي هڪ وڏي سئنيما گهر جو ويچار آيو، جتي چئين آنه واري ٽڪيٽ گهر تي هڪ لٺ بند سپاهي الهي ڪري بيهاريو ويو هو ته جيڪڏهن ٽڪيٽ خريد ڪندڙن ۾ جهڳڙو وڌي وڃي ته هو لٺ کي هلائي لڙائي بند ڪري. منهنجي ڏسندي ڏسندي ان سپاهي کي ٻه ٽي دفعا لٺ استعمال ڪرڻي پيئي هئي.

اهڙي انتظام هئڻ سبب اتي عام آدمي قانون ٽوڙڻ کان ڏايو ڊڄندا آهن. جن خسيس ڳالهين ڪري هندستان ۾ وڏا

مان ولايت ۾ ڇا ڏٺو

ليکڪ:- شيام لال ايم-اي، ٽي-ڊي (لنڊن)

جڏهن ڪو به هندستاني ريل مان لهي لنڊن ۾ قدم رکندو آهي تڏهن کيس اهو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ته مان ڪنهن نئين دنيا ۾ پهتو ويو آهيان. انگلنڊ ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد اهو خيال جان تان مضبوط ٿيندو آهي.

سڀ کان پهرين ڳالهه، جنهن جو دل تي ڪافي اثر ٿئي ٿو، سا آهي ان ملڪ جو انتظام (Discipline). نه فقط اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙ شاگرد، نه فقط فوج جا سپاهي ۽ سرڪاري نوڪر، بلڪ سارو ملڪ انتظام جي شڪنجي ۾ جڪڙيل آهي. قدم قدم تي انهي جا نمونا ڏسڻ ۾ ايندا. ڀيڙ جي وقت ريلوي اسٽيشن تي وڃو، سوين آدمي ٽڪيٽ خريد ڪرڻ جي انتظار ۾ آهن، ليڪن شور، غل ۽ هڙ بازي جو نالو نشان به ڪونه آهي. سڀ ماڻهو ٻن ٻن جي قطار ۾ بيٺا آهن ۽ واري سان ٽڪيٽ وٺي رهيا آهن. اهڙي طرح هوٽلن جي دروازن تي، تماشن ۾، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ جتي به ڏهن ويهن يا زياده ماڻهن کي هڪ دروازي کان لنگهڻو پوندو آهي، ايهوئي طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻن ٻن جي قطارن ۾ اهڙي طرح بيهڻ کي انگريز "ڪيو" جي نالي سان سڏيندا آهن.

هڪ ڏينهن لنڊن جي هڪ مشهور سئنيما گهر ۾ ويم. تماشي شروع ٿيڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ پهتس ته ڏٺم ته سئنيما جي ٽن طرفن کان هڪ وڏو "ڪيو" ڪڙو ٿيو بيٺو آهي. تعجب جي ڳالهه اها هئي جو ماڻهن کي اهڙي طرح ڪڙي رکڻ لاءِ ڪو به پوليس جو سپاهي اتي موجود نه هو. اهو ڏسي مونکي بمبئي جي هڪ وڏي سئنيما گهر جو ويچار آيو، جتي ڇئين آنا واري ٽڪيٽ گهر تي هڪ لٺ بند سپاهي انهي ڪري بيهاريو ويو هو ته جيڪڏهن ٽڪيٽ خريد ڪندڙن ۾ جهڳڙو وڌي وڃي ته هو لٺ کي هلائي لڙائي بند ڪري. منهنجي ڏسندي ڏسندي ان سپاهي کي ٻه ٽي دفعا لٺ استعمال ڪرڻي پيئي هئي.

اهڙي انتظام هئڻ سبب اتي عام آدمي قانون ٽوڙڻ کان ڏايو ڊڄندا آهن. جن خسيس ڳالهين ڪري هندستان ۾ وڏا

جهيڙا ٿين ٿا، اهي ڳالهيون اُتي اُتي ٿي پيون ٿين. لنڊن جي هائيڊ پارڪ ۾ يهودي، رومن ڪئٿالڪ ۽ پراٽيسٽنٽ ڌرم تي ليڪچر ڏيندڙ ڪڏهن ڪڏهن سخت ڪلامي ڪندا آهن، مگر ڪڏهن به لڙائي يا جهيڙي جي نوبت ڪا نه آئي آهي. هڪ دفعي مان گهٽي وٽان لنگهي رهيو هوس. انوقت هڪ مرد ۽ هڪ عورت شراب پيتل اُن مان لڪتا ۽ ڪنهن ڳالهه تي سندن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. هزارين آدمي اُن رستي تان پئي آيا ويا، مگر ڪنهن به اُن جهيڙي ۾ دخل نه ڏنو. هڪ هندستاني لاءِ اها تعجب جي ڳالهه هئي جو اُن جڳهه تي ڪا به پيڙ نه ٿي، اٽڪل ٻن ٽن منٽن لاءِ مان سڙڪ جي پرين پر بيهي اهو تماشو ڏسندو رهيس. ايتري ۾ اتي هڪ سپاهي آيو ۽ اچي بلڪل بيپرواهي سان عورت کي هڪ طرف ۽ مرد کي ٻي طرف روانو ڪري ڇڏيائين. ڏک جي ڳالهه آهي جو اسانجي ملڪ ۾ اهڙين ننڍين ڳالهين تي پيڙ اچي جمع ٿئي ٿي ۽ ڪئين خوفناڪ واقعا ٿين ٿا.

انگلنڊ ۽ خاص ڪري لنڊن جي پوليس بلڪل تعريف جي لائق آهي. هو مصيبت زده آدمين جا سچا مددگار آهن. هڪ دفعي آءٌ بازار مان لنگهي رهيو هوس ۽ مونکي سڙڪ ٽپي پرين پر وڃڻو هو. منهن جي پرسان هڪ لنگڙو حبشي بيٺو هو. اچانڪ چونڪ تي بيٺل سپاهي جي مٿس نظر پيئي. سپاهي پنهنجي هٿ جو اشارو بدلي ڇڏيو. سو ٻن موٽرون هڪدم روڪجي ويون ۽ پيڙ ٻئي طرف چالو ٿي ويئي. سپاهي لنگڙي سان سڙڪ تي آيو ۽ وڏي پريم سان اُن حبشي جو هٿ پنهنجي ڪلهي تي رکائي اُنکي سڙڪ جي ٻي طرف پهچائي وري اچي هڪدم پنهنجي ڪم کي لڳو.

هڪ دفعي منهنجو هڪ دوست هڪ ناچ گهر ۾ ويو. ناچ ختم ٿيڻ تي پنهنجن دوستن کان موڪلائي جڏهن هو اسٽيشن تي پهتو تڏهن ڏٺائين ته سندس پئون بلڪل خالي هو. هن جو گهر اٽڪل پنجن ميلن جي مفاصلي تي هو ۽ اُن وقت رات جو هڪ وڳو هو. گهڻي غور ۽ خوض کانپوءِ هن پوليس جي سپاهي کي ڪهاڻي ٻڌائي. سپاهي بنا پڇ ڳاڇ جي کيس ڀاڙي جا پئسا ڪڍي ڏنا.

هڪ ٻي ڳالهه جا انگلنڊ ۾ ڏسڻ ۾ اچيتي سا آهي اتون جي ماڻهن ۾ وقت جي پابندي. اتي ۲۴ ڪلاڪن ۾ هڪ هڪ منٽ لاءِ ڪم مقرر آهي. انگلنڊ ۾ ڪهڙن وقتن تي ڇا ڇا ٿئي ٿو سو ڪو به آدمي ٻڌائي سگهي ٿو. وقت جي پابندي جي عادت سبب ماڻهو اجايو وقت ضايع نٿا ڪن. ريلوي ڪمپنين کي ڄاڻ آهي ته ڪهڙي ڏينهن ۽ ڪهڙي وقت ڪين زياده سواري جو بندوبست رکڻو آهي ۽ هوٽل وارا سمجهن ٿا ته گراهڪن جي اچڻ جو ڪهڙو وقت آهي ۽ پوليس کي خبر آهي ته بازارين ۽ سڙڪن ۾ ڪهڙي وقت زياده پيڙ ٿيندي آهي. هڪ هڪ سال وارن ٻارن جي کاڌي، سمهڻ ۽ راند ڪرڻ جو وقت پڻ مقرر ٿيل آهي. اسانجي ملڪ ۾ ته بزرگ لوڪ به وقت جي پابندي جو ضرور نٿا سمجهن ۽ رات جو ۱۲ بجي ريل گاڏي ڪنهن وڏي

سٽيشن تي پهچي ٿي ته ”تازا پڪوڙا“ ۽ ”گرم پورين“ جا آواز ڪن تي پوندا.

انگلنڊ جي آب هوا عمدي ڪانهي. سال ۾ هڪ اڌ مهنو مس اهڙو ٿئي ٿو جنهن ۾ برسات نه پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏهن ڏينهن تائين سورج جو درشن نه ٿيندو آهي. ڪوهيڙي سبب حالت اڃا به وڌيڪ خراب ٿي ويندي آهي. اهڙي آب هوا ۾ گهرن جي، ڪپڙن جي، بدن جي ۽ ٻين چيزن جي صفائي رکڻ ۾ ڏاڍي دقت پيش ايندي آهي. انگريز ۽ خاص ڪري سندن عورتون ڏاڍي بهادري سان انهي خراب موسم جو مقابلو ڪنديون آهن. آسمان ۾ سورج درشن ڏئي ته هڪدم عورتون ٻارن جا ڪپڙا ڌوئي سڪائڻ شروع ڪن. جنوري ۽ فيبروري جي مهينن ۾ ته، جڏهن اتي سخت سردي پوندي آهي، عام عورتون صابڻ جو پاڻي ۽ برش کڻي گهر کان ٻاهر نڪري پونديون آهن ۽ رڳڙي رڳڙي گهر جون مهاڙيون ۽ ايوان صفا ڪنديون آهن. گهر ۾ لڳل کڙڪين جي شيشن کي هڪ هڪ ڪري پوري طرح صفا ڪري چمڪايو ويندو آهي ۽ نه فقط ايترو پر سڙڪن، بازارين ۽ پبلڪ پارڪن ۾ ڪٿي به ڪن ڪچرو نظر نه ايندو. ٿوري ٿوري مفاصلي تي گند ڦٽي ڪرڻ جون جايون ٺهيل آهن. ماڻهو انهن هنڌن تي گند ڦٽو ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو اسانجي ملڪ جيان اتي جي بازارين ۾ ڪيلي وغيره جي کلن مٿان ترڪي ماڻهو پنهنجا هٿ ڄنگ نٿا ڀڃائن.

هندستان ۾ رهندي اسان کي ڪڏهن به ان ڳالهه جو ڌيان ڪونه ايندو آهي ته مناسب ۽ نيڪ ورتاءَ جي باري ۾ به اسان يورپ وارن کان پوئتي پيل آهيون. انگلنڊ ۾ ڪافي ڄاڻ سڃاڻ کان پوءِ ڪير به اوهانکان عمر، آمدني، شادي ۽ ڪٽنب وغيره جي باري ۾ ڪو به سوال ڪونه پڇندو. اهي ذاتي ڳالهيون آهن ۽ انهن جي باري ۾ پڇا ڪرڻ ڪسي هو بري ڳالهه سمجهندا آهن. هندستان ۾ به ڌاريا ڳڏبا ته به پهريائين مٿيان سوال پڇندا.

جيڪڏهن ڪنهن کي ڏهن ويهن ماڻهن جي وچ مان نڪرڻو هوي ته ڪيترا دفعا ”معاف ڪر“ (Excuse me) چوڻو پئڻو پوندو.

انگلنڊ ۾ ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن کي سيکاريندا آهن ته ٻين سان ڪهڙي ريت ورتاءُ ڪرڻ کپي. ڪيترن ڏينهن جي تربيت بعد اتان جي ماڻهن سکي ڇڏيو آهي ته سڀني جي بهتري لاءِ اهو ضروري آهي ته پنهنجي آرام جو نه بلڪ ٻين جي آرام جو به خيال رکڻ کپي. اتي رات جو ۱۱ بجي کانپوءِ ڪو به گراموفون يا پيانو ڪونه وڄائيندو آهي. جيڪڏهن ڪوئي رات جو گهر دير سان ايندو آهي ته چپ چاپ دٻيل پيرن سان هلندو آهي ته جيئن ٻئي جي آرام ۾ خلل نه پوي. اسانجي ملڪ ۾ انهن ڳالهين جو گهٽ خيال رکيو ويندو آهي.

جيڪڏهن صبح جو ڇهين يا ستين بجي گهر کان ٻاهر نڪرندا ته هر گهر جي دروازي تي کير جون بوتلون رکيل ڏسڻ ۾ اينديون.

ڏيڍري جون موٽرون صبح ٿيڻ سان انهن بوتلن کي مقرر گهرن ۾ پهچائي ايندڙيون آهن. نيون تيار ڪرڻ وقت اهي بوتلون اندر کنيون ويندڙيون آهن. هڪ ٻن هفتن تي مان ڏٺو ته رات جي وقت خالي بوتلن سان گڏ هڪ هفتي جي کير جي قيمت به دروازن تي رکي ويندي هئي جا نيڪ نيڪ ڏيڍري تائين پهچي ويندي هئي. اسانکي شرم سان گڏ اها ڳالهه قبول ڪرڻي پوندي ته اسانجي ملڪ جي وڏن وڏن شهرن ۾ به اها ڳالهه ممڪن نه آهي.

مونکي انگلنڊ جي پنجن ڇهن خاندانن ۾ مهينن جا مهينا رهڻو پيو پر ڪڏهن به ڪمري، پيٽي يا الماڙي کي تالي لڳائڻ جي ضرورت نه پئي، ان هوندي به هڪ پيسي جي چيز گم نه ٿي. مونسان گڏ رهندڙ هندستاني شاگردن به ڪڏهن اهڙي شڪايت نه ڪئي. فقط هڪ دفعي لنڊن جي هڪ هندستاني هوٽل جي سپا ليندڙ مونکي چيو هو: ”مونکي اهو ٻڌائيندي ڏک ٿو ٿئي ته منهنجي هاسٽل ۾ ڪڏهن ڪڏهن چوري به ٿيندي آهي. پنهنجي ملڪ جي عزت بچائڻ جي خيال سان مان انهيءَ ڳالهه کي لڪل رکندو آهيان ۽ لڪي پنهنجن ٻارن جي چال چلگت تان انهي داغ مٽائڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪندو آهيان.“

انگلنڊ جي هاڻوڪي ترقي جو گهڻو مدار اتان جي ٻارن جي تعليم تي آهي. پنجن سالن کان وٺي ۱۴ سالن جي عمر تائين ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم مفت ۽ لازمي آهي. ٻن سالن کان پنجن سالن جي ٻارن لاءِ به سڪول آهن جنکي ”نرسري“ سڏيو ويندو آهي. انهن سڪولن ۾ ٻارن کي نيڪ طرح اٿڻ، وهڻ، هلڻ، بدن صفا رکڻ، ڪپڙا پهرڻ، کائڻ، ڳائڻ ۽ نچڻ وغيره سيکاريو ويندو آهي. پنجن سالن کان ستن سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ (Infants Schools) آهن جنهن اندر سان گڏ ڪجهه پڙهڻ، لکڻ ۽ ٿوري ڊرائنگ به سيکاري ويندي آهي. وري ستن سالن کان يارهن ورهين جي عمر وارن ٻارن لاءِ ”جونيئر سڪول“ آهن ۽ يارهن سالن کان ۱۴ سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ ”سينيئر سڪول“ آهن. انهن کان سواءِ ڪيترائي سيڪنڊري سڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون آهن. قوم جي ليڊرن پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جا سڪول آهن، جنکي ”پبلڪ سڪول“ سڏيو ويندو آهي. هندستان خواهه برٽش سلطنت جي ٻين حصن ۾ جيڪي وڏا وڏا آفيسر رهن ٿا سي انهن سڪولن مان پڙهي نڪتل آهن. دراصل گذريل پنجاهه سالن اندر تعليم ساري ملڪ جي ڪاياپلٽي ڇڏي آهي.

دنيا جي ڪا به قوم اِن ڳالهه جو فخر ڪري نٿي سگهي ته انهيءَ سڀئي ڳالهيون چڱيون آهن. انگلنڊ جي رهواسين ۾ به ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن جنجي تعريف ڪري نٿي سگهجي، مگر ڪنهنجي برائين تي نظر وجهڻ سان اسانکي ڪوئي به فائدو پهچي نٿو سگهي. اسانجو ڌرم ٿيڻ کپي ته ٻين ملڪن جي چڱين ڳالهين جي کوجنا ڪريون ۽ انهنجي پيروي ڪري پنهنجي ملڪ جي ڏينهنجي ٻيٺي ۽ راحت جي چٽوٽي ترقي ڪريون.

رشيا ۾ مذهب خلاف جهاد

ليک:- ماڌوداس شوالومل

روس ۾ بولشيوڪي حڪومت کي برپا ٿئي اٽڪل ويهه ورهيه اچي گذريا آهن. انهيءَ عرصي اندر انهيءَ ملڪ ۾ جي حيرت انگيز ملڪي خواه ٻنگتي ڦيرگهير اچي چڪيون آهن، تن تي مان هن ليک ۾ بحث ڇيڙڻ واجب نٿو سمجهان.

اها اسان جي ڪم نصيبي آهي جو اسين ٻاهرين دنيا جي ملڪن جي پورين ۽ سچين خبرن کان محروم آهيون. جيڪڏهن اسان جو ديس جاپان يا آمريڪا يا اٽلي جيان سوتنتر هجي ته اڄ روسي سوشلسٽ حڪومت جي آزمايل، ڪامياب خواه ناڪامياب پورهيتن، مزورن، ڪمين ۽ ڪاسبين جي بهتري ۽ بهبودي لاءِ ورتل اپائن کان پوري طرح واقف هجي.

خبرن پهچائڻ جون ايجنسيون، جن تي سرمايدارن جي ڇانو آهي، پيسون جي شاهوڪار شاهي جي آگرين جي اشارن تي پيئون نچن ۽ اخبارون جي پئسي وارن ڊائريڪٽرن جي هٿن ۾ آهن سي سڀ ڪن به سچين حقيقتن کي يارت جي بندر تائين پهچائڻ تي نٿيون ڏين ۽ جي ڪا سڌ اتفاقاً سندن اکين کان بچي نڪري ٿي ته اها به ڪنهن ڇڇريل صورت ۾ ڪن جزوي ماڻهن جي هٿ لڳي ٿي ۽ عام جنتا اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻندي رهي ٿي. اڃان تائين اسان جي اخبارن ۾ اهڙيون خبرون شايع ٿي رهيون آهن جهڙيون روسي انقلاب جي ابتدائي واري زماني ۾ ڇپبيون هيون جن کي ڪو به بنياد ڪونه هو. ڪجهه وقت ٿيو ته هندوستان جي گهڻين انگريزي خواه ورنيڪيولر اخبارن ۾ هيٺين خبر وڏي شد مد سان ڇپجي ظاهر ٿي:—

”سوونيٽ روس ۾ گذريل سال ۾ لکه ڏرمي سنستائون يا ته آگ جي اڳيان نذرانو رکيون ويئون يا ڍهرائي سندن وجود هن صفح هستي تان مٽايو ويو يا انهن کي ڦيرائي ڪلبن ۽ سئنيما جي ٿيئٽرن جي صورت ونائي ويئي. روس جي پريزيڊنٽ جوزف سٽئلن هڪ اٺاه ميڙ اڳيان تقرير ڪندي فرمايو ته سچي ڪميونسٽ يا بولشيوڪ لاءِ خدا جي هستي کان منڪر ٿيڻ لازمي

آهي ۽ هاڻ ڪين ڳڻ جي اهڙي ڪوشش
ڪرڻ کپي جنهن ٻئي سال گهٽ ۾ گهٽ
ٽيهه لک پڪا پختا ناستڪ تيار ٿي وڃن.“

غضب جو خاوند ڄاڻي ته اهڙيون
خبرون ڪيتري قدر وزندار، صحي
۽ قابل اعتبار آهن پر انهيءَ ۾ ڳالهه
کان ته ڪو به انڪاري نه ٿيندو ته
مذهب خلاف اهڙيون خبرون، هندوستان
جهڙي مذهبي ملڪ ۾ روس جي
حڪومت جي نظام ۽ سامواد خلاف
ڪيترو نه برو اثر پيدا ڪنديون.
سوشلسٽ انقلاب جي تواريخ جي
ڄاڻن کي معلوم آهي ته انهيءَ ٻڍونگي
مذهب ۽ ڌرم جي اوٽ ۾ سامواد
حڪومت کي برپا ٿيڻ ۾ اينتريون ته
رنڊڪون ۽ اٽڪون وڌيون ويئون
هيون، جو روسي حڪومت جي
ڪارپردازن جي دلين ۾ انهيءَ قوم
گهاتڪ ڌرم يعني مذهب لاءِ اينتري
ته حقارت ڦهليل آهي جو جيڪڏهن
سندن وس پڄي ته جيڪر هميشه لاءِ
اهڙي مذهب کي قبرستان روانو ڪن
۽ اهڙي ٻڍونگي ڌرم جي پرچارڪن
کي پاڻي ڍڪ لاءِ پريشان ۽ وياڪل
بڻائي سندن مڙهه مساڻن ڏانهن
روانا ڪن.

سوويت روس ۾ مذهب لاءِ اينتري
قدر بر خلافي ڪهڙي ڪارڻ آهي ۽ هو
هر ممڪن رستي انهيءَ شاهوڪارن جي
رکيا ڪندڙ مذهب جي پاڙن پٽڻ لاءِ
ڇو تيار آهن؟ ڌڻي ۽ ڌرم بر خلاف
جدا جدا قسمن جون سوسائٽيون
(Godless Leagues) وجود ۾ ڇو اچي
رهيون آهن؟ انهن سڀني سوالن جي
تسلي بخش جواب معلوم ڪرڻ لاءِ
ضروري آهي ته اسين ابتدا کان وٺي
انتها تائين روسي انقلاب جي تواريخ
جو اڀياس ڪريون، جيئن اسين سمجهي
سگهون ته هن وقت روس ۾ عيسائي
چرچ جي ڪهڙي حالت آهي ۽ چرچ
هلائيندڙ عيسائي پادرين، روسي رعيت
۽ روسي حڪمرانن جا هڪ ٻئي سان
ڪهڙا تعلقات آهن.

انقلاب روس کان اڳ زار شاهي
جي زماني ۾ اها عيسائي ديول زار
کي ’ايشور جو نائب‘ (Little God) جي
لقب سان سڏيندي هئي ۽ جاهل
روسين کي ظالم زار شاهي ۽ ڪٽر
پادري شاهي ذهن نشين ڪرائيندي
هئي ته بادشاهه خلاف بغاوت ڪرڻ
ڌڻي سان غداري ۽ پرماتما سان
نافرماني ڪرڻي آهي. زار جي هرقسم
جي زوري مڙهيل ظلمي قانونن ۽
آرڊيننس کي خاموشي سان بجاوري
ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويندي هئي
۽ سندس ايجنٽن جي طرفان وقت
بوقت مڙهيل ٽئڪسن ۽ ڏنڊن کي
ايشور جو امر سمجهي سندس فيض ۽
فضل شڪر ڪري پورڻ روسي رعايا
جا مکيه فرض هئا. جيڪڏهن ڪنهن
غلطي وچان ڪنهن ماڻهو جي واتان
حڪومت جي انتظام بابت ڪنهن

قسم جي شڪايت نڪتي تي ته اهڙي انسان کي ڪافر سمجهيو ويندو هو. اهڙي ڳري گناه لاءِ ڪهڙي به ڳري سزا هلڪي سمجهي ويندي هئي.

هندوستان وانگر اُن جي ڪم نصيب ديش جا عام ماڻهو بک ۾ پاهه پيا ٿيندا هئا، فڪر ۽ فاقي جي زندگي بسر ڪندا هئا ۽ بيماري جي ولهه ۾ ڪرڙي وانگر ڪنبندا هئا ۽ ايشور جا عيوضي - بادشاهه، شهزادا، شهزاديون، مٽ پير امير، واپاري، درباري ۽ وزير، جاگيردار ۽ زميندار انسان جي غلام ديس جي سردارن، سيٺين، وزيرن، اميرن ۽ سيٺين پگهارن وارن يا سٽي تي پليل ڪامورن وانگر عيش آرام جي زندگي، عاليشان عمارتن ۾ ورتيت ڪندا هئا. اهي خدا ۽ مذهب جا ڊونگي پوڄاري غريبن جي واهر ڪرڻ بدران انهن سرمايدارن جي هٿن جو هٿيا لو بڻجي ڪين وڏيڪ ويا ڪل ڪندا هئا ۽ سندن بي علمي ۽ ابو جهالي جو فائدو وٺي ڪين ذهن نشين ڪرائيندا هئا ته اهي خدا ۽ قسمت جون مهربانيون سمجهڻ گهرجن ۽ سڀ تڪليفون پنهنجي ڪيل اڳين ڪرتوتن جو ڦل: سمجهي سهن شيلتا جو سبق سکڻ گهرجي. نتيجو اهو نڪتو جو اهي خدا جا پوڄاري به خود وڏا جاگيردار ٿي پيا. روسي زمين جو گهڻو حصو پارٽ جي پورمي وانگر پادرين ۽ سرمايدارن جي زير بار هيٺ هو. جڏهن بادشاهه ڪنهن باغيءَ کي ڦاسي يا جنم ٽيپ جي سزا ڏيندو هو ته پادري بادشاهه کي دعا ۽ آسيس ڪندا هئا ۽ انهيءَ موقعي جي خوشيءَ ۾ وڏا نماءِ ۽ جلسا رٿيا ويندا هئا ۽ گهر گهر ڏياري ملهائي ويندي هئي.

سامي واد جي جنم داتا **ڪارل مارڪس** اهڙي مذهب کي ’لوڪشاهيءَ جو جاني دشمن‘ ڪوٺيو آهي. زار جي مخالفت ڪرڻ واري پارٽي جڏهن ڏٺو ته فوج ۽ پوليس جيان عيسائي ديول به عام مظلومن کي دبائڻ ۽ زوري غلام ڪرڻ جو هڪ زبردست هٿيار ثابت ٿي آهي تڏهن انهن به ديول جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي.

سڀڪنهن ملڪ ۾ سڀڪنهن قوم جو تعليم يافته طبقو هميشه پنهنجي مذهبي رهنمائن، پادرين ۽ پيشوائن جي چال چلگت ۽ هلت چلت تي تکي نظر رکندو آهي ۽ پنهنجي ساده دل ۽ اکه بوٽي اعتبار ڪندڙ همروطنين کي سندن ڪڪرمي ڪارنامن ۽ وحشاني ڪارروائين کان آگاهه ڪندو رهندو آهي. ساڳيءَ طرح روس ۾ دماغ ۽ قلم جا مالڪ ۽ انقلاب پسند فصاحت جا صاحب پنهنجي تصنيفات ۽ گوهر فشاني سان پادرين برخلاف زهر ڦهلائيندا رهيا. هڪڙي روس جي مشهور ليکڪ انهن خود غرض پادرين بابت لکيو آهي، ”هنن خدا جي خدائي کي نيلام ڪندڙن جي ڪرتوتن کي ته ڏسو ته بهشت جي دروازي جي ڪنجي

پنهنجي هٿن ۾ رکندي ٻه، نه هو پاڻ اندر گهڙن ٿا ۽ نه ٻين کي اندر وڃڻ ڇڏين ٿا."

روس جي مشهور انقلابي ذهنيت جي نيتا **هرزن** نه پاڻ اهڙا سخت لفظن ۾ پادرين جي ملامت ڪئي آهي. سندس انهيءَ وشيه تي ليک مطالع ڪرڻ ۽ غور ڪرڻ جي قابل آهن. ودوان هرزن چوي ٿو، "توهين مون کان هميشه وينا ساڳيا سوال ڪريو ته مان چرچ ۽ مذهب جي مخالفت ڇو ٿو ڪريان ۽ پنهنجو قلم ۽ پنهنجو پنو انهن ڌرم جي گلا ڪندڙ فرقي جي لاڪ لاهڻ لاءِ هڪيو ٿڪيو ڇو ٿو رکان؟ مهرباني ڪري ٻڌو، ڪن سرلا ڪري ۽ اکيون تيز ڪري ٻڌو ۽ پڙهو. جڏهن اسان ملڪ ۾ زار جي ظلمن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ آزادگي جو تحرڪ شروع ڪيو، تڏهن هي ديش گهاتڪ فرقو ڪڏهن پيرن مرشدن جي پناه هيٺ، ڪڏهن مذهبي ڪتابن جي اوٽ منجهه يا وري ڪنهن وقت ڪنهن جي سالگره يا ورسي ملهائڻ جي بهاني اسان جي اعلى ۽ اوچ ڪاريه ۾ رنڊڪون ۽ اٽڪون وجهندو رهندو هو ۽ ساده ۽ جاهل عام ماڻهن جو توجهه ڦيري ۽ ويساهه جي وسيلي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو. انهن پيرن جي پٽن جي مقبرن يا عيسائي ديولين جي زيارتن ۾ لڪي پادرين جو وشواس هوندو هو ۽ نه وري سندن "اڌايشور"

زار ۽ سندس چاڙتن جو انهيءَ پٽو جي پوڄا ۾ اعتبار هوندو هو. پر اهو هڪ سولو ۽ وڏيڪ ڪارگر رستو هو جنهن ذريعي ويچارن ڪنگال ڪسانن، پيڙيل پورهيتن کي صدين لاڪر پنيلايو ويندو هو. انهيءَ بي نصيب ڏڪائيل ڪلاس کي پنهنجي دکي جيوت تي جيڪڏهن ٻه چار آنسون وهائي پنهنجو بار هلڪو ڪرڻو پوندو هو ته اهو ٻه هنن سنگ دل خدا جي خريدارن جي ديولين ۾. انهيءَ هوندي ٻه انهن خود غرض ۽ پئسي جي پوڄاري پادرين جي ڪنورتا قائم رهندي آئي. عجب آهي ته سندن دماغ جو چراغ ٻجهي ني ڪونه ٿو. اي پادريو! خود اوهين ٻه انهيءَ شڪتي جو ڀيڙ ته ڪريو جنهن جا ڀيڙ اوهين ابو جهن کي پيا ڏيو، چاڪاڻ جو اوهين بي زبانن، بي اجهن ۽ بکين جي واهر ڪرڻ بدران ملڪيت جي موهه ۾ ڦاسي انهن کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ذليل ۽ دکي جيوت بسر ڪرڻ لاءِ جوابدار آهيو. اي خدا جي خدائي جا ٺيڪيدارو! ملڪ جي بهبودي ۽ بهتري جي صدقي، صدقي پنهنجي آقا زار جي مڪتي جي انهن ويچارن مجهولن جي اکين تي جهالت جي پٽي نه ٻڌو نه ته اوهان جو ٻه اهڙو حشر ٿيندو جهڙوڪ انڌي گهوڙي تي چڙهيل سوار. جو ٿيو هو جو پاڻ ته کڏ ۾ ڪريو پر پٺي ٻڌندڙ سوار کي ٻه پاڻ سان گڏ ٻوڙيائين."

نومبر ١٩١٧ع ۾ جڏهن بولشيوڪ پارٽي رشيا ۾ ممتاز هستي جي مالڪ ٿي، تڏهن به ان جي سڀ کان آخرين لحظي تائين زبردست مخالفت ۽ مقابلو ڪرڻ وارا اهيئي منحوس پادري هئا. سوشلزم جي برخلاف جيڪي فتوائون انهن خدا جي نيڪدارن ڏنيون، اهي پڙهڻ جي لائق آهن. آخر جڏهن هي ڪنهن به طريقي سان باز نه آيا تڏهن مجبوراً حڪومت کي سندن جائدادون، ملڪيتون، گهر ۽ جاگيرون ضبط ڪرڻيون پيئون. نه فقط کين ملڪيت کان بي دخل ڪيو ويو پر ٻارن جي تعليم به سندن هٿن مان زوري کسي ويئي. سياست کي مذهب کان صفا الڳ ڪيو ويو. **هارسيس هنڊسن** سچ چيو آهي، ”مذهب کي جنهن قسم جي مخالفت ۽ تباهي آڻيندڙ مقابلو سوويئيت روس ۾ ڪرڻو پيو آهي، اهڙي زبردست، خوفناڪ، معظم ۽ مهاڀاري جنگ اڄ تائين ڪنهن مذهب کي ڪانه ڪرڻي پيئي آهي.“ پڙهندڙن کي پوري تحقيقات کان واقف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مذهب خلاف جد وجهد هلائڻ جون سڀ تجويزون ڄاڻايون.

پهرين ڳالهه جا لينن جي پوئلڳن ڪئي سا اها هئي ته هنن پادرين کي ٻچن کي تعليم ڏيڻ کان ۽ بالغن ۾ پرچار ڪرڻ کان روڪيو ۽ انهيءَ حڪم جي عدولي کي سرڪاري ڏوهه ٺهرايو.

بولشيوڪ سرڪار نئون قاعدو عمل ۾ آندو ته ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جيستائين بالغ نه ٿين، ليستائين سندن ذيان تي غئبي ڳالهيون جهڙوڪ خدا ۽ روح، سزا ۽ جزا، بهشت ۽ دوزخ، فرشتو ۽ مڪتي وغيره خوفناڪ ۽ بحث طلب لفظ آڻڻ ڏوهه آهي. خدا ۽ سندس هستي به هڪ قسم جي سائنس سمجهي ويندي آهي جنهن تي بحث ڪرڻ جي موڪل پڪي عمر وارن ماڻهن کي ملندي آهي. تمام روسي ٻار اڄ ڪالهه وديالن ۽ سڪولن ۾ جدا جدا قسمن جي سائنس ۽ تعليم ۾ ماهر ٿي رهيا آهن، تنهن ڪري انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٻالپڻ کان وٺي ٻين ڳالهين ڏانهن لاڙو هٽڻ ڪري رشيا وارين جي دلين ۾ مذهبي جهيڙن جهڳڙن لاءِ جاءِ ڪانه بچي آهي.

ٻي تجويز هي ڪئي اٿن ته رشيا ۾ هفتي ۾ ڪم جا ڏينهن ڇهن بدران پنج ڪيا ويا آهن جيئن پورهيتن کي اڳي کان وڌيڪ فرصت، آرام ۽ وسرام ملي. ائي آرتوار جو ڏينهن موڪل ڪانه ڪئي ويئي آهي، تنهن ڪري پورهيت ماڻهو پادرين جي ڦندي ۾ ڦاسن ٿي ڪين.

ٽين ڳالهه جا هنن ڪئي آهي سا هيءَ ته هنن ديولين ۾ اچرج جهڙو ڦيرو آندو آهي. پراچين سمي کان وٺي عبادت گاهن ۾ تمام دنيا جي عيش آرام جو ذخيرو موجود هوندو هو. هي بندگي

ڪرڻ جا گهر عام کي ڦاسائڻ جا اڏا هوندا هئا جت سٽيون جا ست ٽوڙيا ويندا هئا، شاهوڪارن کي وڌيڪ مالا مال ڪيو ويندو هو ۽ غريبن کي پيرن ۽ دلبن ني پيلائي ڦريو ويندو هو. انساني ڪاريگري جا تمام بهترين طريقا جي ڪٿي موجود هيا ته اهي عبادت گاهن ۾ ئي هئا. جڏهن ساميوادين ڏٺو ته انهن وسيلن سان عام ماڻهن کي اسان کان پري رکيو ويو، تڏهن انهن ديولين کي ڍاهڻ بدران سير گاهن، ڪاليجن، سرڪاري آفيسن، سڪولن، يونيورسٽين، پريسن، اسپتالن، لئبررين سئنيمائن ۽ عجائب گهرن جي صورت ونرائي آهي. عام خلق جي دماغي واڌاري جو سڀ سامان ميسر ڪيو ويو آهي.

ڇوته روسين کي ڄمڻ واري پلڪ کان وٺي سڪرات واري سمي تائين ڄمڻ، شادي، طلاق ويندي موت جهڙن ڌرمي ڪريا ڪرمن تي پادرين جي آسري تي رهڻو ڪونه ٿو پوي ۽ اهو سڀ ڪم سرڪاري طرح رجسٽريشن وغيره طريقن سان ڪيو ويندو آهي.

پادرين، يعني مذهبي گرن جي پاڙ پنهنجي مريدن جي زالن جي دلين ۾ ڪتل ٿي ٿئي. سڄي دنيا ۾ عورتن جي زندگي لڳاتار محنت، ٻچن جي پرورش، گهرو ڪم ڪرڻ ڪري هميشه نماڻي، نرم ۽ صدق سان پيل ٿي ٿئي سو پنهنجي اداسائي ۽ غمگينين گهٽائڻ لاءِ هو مندرن ۽ پيرن ۽ فقيرن جي آستانن ڏانهن ڊوڙنديون آهن. انهيءَ لاءِ پنجون قدم جو ساميواد سرڪار کنيو، سو اهو جو زالن ۾ زبردست پرچار ڪيو ويو ۽ تعليم ڦهلائي وئي ۽ کين مردن جهڙا شهري حقوق ڏنا ويا چوديواري مان آزاد ڪري آزادگي، تعليم، سوشل زندگي ۽ ڪلب جيوت جو مزو چکايو. هاڻ هو اڳيون ٻڪريون رڍون نه آهن پر ٻي ڊپيون ۽ بهادر آهن. آزاد حياتي گذارڻ ڪري سندن دلين ۾ مردن کان وڌيڪ پادرين ۽ سندن ڍونگي مذهب لاءِ ڪراهت موجود آهي ۽ هو اهڙن ڌرمي جامي ۾ ڍڪيل شيطانن اڳيان سجدو ڪرڻ جي ضرورت محسوس نٿيون ڪن.

پويون قدم جو جوزف سٽالن کنيو آهي سو هي ته ماسڪو جي شهر ۾ مذهب جي نالي ۾ ڪيل ڪارنامن ۽ رانگن ۽ پادرين جي اعمالن ڏيکارڻ ۽ سندن لاءِ حقارت پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ اعليٰ پيماني تي عجائب گهر کڙو ڪيو ويو آهي جتي ڪروڙين روسي ۽ مسافر هر سال اچي وڃي وڏي ڪراهت سان لعنت ۽ ٿڪڪار جا گل ڦٽا ڪندا آهن.

هندوستان ۾ به پڪ ڪانگريس جي آزادگي لاءِ هلايل يڌ ۾ انهيءَ ڌرمي فرقي ڪافي رنڊڪ وڌي آهي. شل

ايشور کري هندوستان ۾ بہ اهي ڏينهن جلد اچن جڏهن ڪروڙين ماڻهو، مفت خور سادن، فقيرن، ڀيک پنندڙن، ننڍي عمر جي شاديءَ کي همٿائيندڙن، وڏوائن کي گهرن اندر بند رکندڙن، سادو آرتي جي سکيا ڏيندڙن ۽ تيرٿ ياترا جو پورت ٻڌائيندڙن، کان نجات حاصل ڪن. مذهب جو مطلب لوڪن دوکا نداري ۽ سوداگري سمجهيو آهي. ڪل ماڻهو اهڙي انساني تمدن ۽ تهذيب تباه ڪندڙ ڪرت کان ڪنارو ڪن. ڪل ڀارت جي سنياسين، باون، ٺڪاڻيدارن ۽ ملن ۾ سائين اهڙي ساڃهہ پيدا ڪري جئين هو ڪچ ڪمائڻ کان توبهہ تائب ٿين ۽ صداقت جي پيچري جا پانڌيڙا ٿي ڀارت جو اُڌار ڪن.

(اڙدو ۽ انگريزي ڪتابن تان ورتل)

ڪافي

عشق جي مڪتب ويهي ڪر درد جو دل ۾ دوڪ
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهين هن هن وڏو آهي فرق

(١) اکرن ۾ جيڪي اڙيا سي عشق چاڙهي نان چڙهيا
ڪنهن جي مڃن تا ڪينڪي آهن وڏا ساڙي سڙيا
هاديءَ ڏنو جنکي حرف - ويڙهي ڇڏيا تن سڀ ورق

(٢) جيڪي خداء فرمائيو - روڳي ٿنهن لي نارهن
رشوا وٺي رواز جي - ڪوڙا مسلا تا ڪهن
ٿيا طمع جا طالبو - اُهي غرض پنهنجي منجهہ غرق

(٣) عشق ڪان آزاد ٿيا - وردو وظائف تا پڙهن
منهن ڍڪي ماڻهن اڳيان - دعوتن تي تا دڙن
نقطو پڙهن جي نينهن جو - ڪن تال تسبين جا ترڪ

(٤) دريا خان دفتر درد جا - جن ٿي پڙهيا سي مست ٿيا
پاڙيا نون سخن پنهنجا سڄا - جيڪي هئون الست جا
فاني ٿيا في الله ۾ - سرڏيون پڙهن ايهو سبق

(دريا خان)

اتحاد تورانيت

ليک :- مولائي شيدائي

هوندءَ ته جاپان ۽ ترڪي اهي ايشيائي طاقتون آهن جن پنهنجن ٻانهن جي زور سان يورپ کي جهڪائي ايشيا جي عزت ۽ ناموري کي دنيا ۾ بلند ڪري ڏيکاريو آهي. پر ٻنهين قومن ۾ گهڻو فرق آهي. جاپان جيڪي به پنهنجي آزاديءَ لاءِ جنگيون جوٽيون يا هن وقت تائين جيڪي جنگيون ڪري رهيو آهي سي محض پنهنجي قوم جي فائده ۽ ملڪگيري لاءِ. سندس شاطرانه چالبازيون يورپ کان گهٽ ڪين آهن. ١٩٠٤ع ۾ روس ۽ جاپان جي جنگ The Russo-Japanese War وقت جڏهن جاپاني فوجن خشڪي رستي مڪدن Mukden جي معرڪي ۾ ۽ بحري رستي جاپاني اميرالبحر ٽوگو Togo روسي ٻيڙي کي ناس ڪيو تڏهن ايشيائي قومن اُميد ڄاتو ته جاپان سندن ڇوٽڪاري لاءِ ضرور سندن رهنمائي ڪندو.

ان باري ۾ ڊاڪٽر اَني بيسنٽ پنهنجي ڪتاب ”انڊيا فري آر باؤنڊ“ ۾ ڏيکاريو آهي ته ”موجوده هندوستان جي آزادي جي هلچل کي روس ۽ جاپان جي جنگ مان گهڻي تقويت پهتي آهي.“ ڊاڪٽر اَني بيسنٽ جو مٿيون خيال ٺيڪ آهي. جاپان ثابت ڪري ڏنو آهي، ته مشرقي قومون هر حال ۾ مغربين جو مقابلو ڪري سگهن ٿيون. پر هن وقت جاپان جي ڪارروائين ثابت ڪيو آهي ته جاپان مشرقي قومن سان همدردي رکڻ بدران دشمني رکي ٿي. برخلاف اُن جي ترڪ اُها ايشيائي قوم آهي جنهن پنهنجي آزادي جي جد و جهد سان گڏ مشرق جي ٻين قومن کي آزاد ۽ سجاڳ ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين رستا اختيار ڪيا آهن. سندن مٿين قسم جو پروگرام اڄ تائين هلندو ٿو اچي. اسان اڳي ڏيکاري چڪا آهيون ته جڏهن ”پان اسلامزم“ جي ذريعي ترڪ اسلامي دنيا جي رهندڙن مسلمان قومن کي، هڪڙي مرڪز تي آڻي ٻيهارڻ ۾ ناڪامياب ٿيا تڏهن ”انجمن اتحاد ۽ ترقي“ The Committee of Union and Progress جي بيدار مغز ميمبرن وقت جي ضرورت آهر هڪ نئي تحريڪ ”پان تورانيت“ يا

"يني توران" Yeni Turan نالي شروع ڪئي. ترڪي انجمن اتحاد ۽ ترقي ۾ هونءَ ته گهڻائي ميمبر هوا پر انهن مان ٦ ڄڻا ان ته قابل تعريف ٿي گذريا آهن. اُهي نه فقط سياستدان ۽ مالي ڄاڻو هوا پر ايشيا جي بيداريءَ جا حامي به هوا. يورپ جي جگر ۽ قلب ۾ سندن ڪماليت جو سڪو ڄميل هو. سندن تعريف ڪندي مسٽر زينب چارلٽن Zeeneb Charlton لنڊن جي مشهور رسالي "دي نائنٽينٿ سينچري" The Nineteenth Century (ڊسمبر ۱۹۱۳ع) ۾ Six Osmanli Patriots هڪڙو زبردست ليک جي عنوان سان شايع ڪيو هو. اُنهن ڇهن مشهور معروف ميمبرن جا نالا هيٺ آهن (۱) مارشل محمود شوڪت پاشا (۲) اُنور پاشا (۳) طلعت پاشا (۴) جمال پاشا (۵) نيازي بڪ (٦) جاويد بڪ. محمود شوڪت پاشا ۽ نيازي بڪ وفات ڪري چڪا هوا باقي پيا زندهه هوا. پان تورانيت يا "اتحاد توران" ترقي انقلاب جو هڪ نئون پهلو هو. مثين تحرڪ جو بنياد به سلطان عبدالحميد جي زماني ۾ پيو پر ۱۹۱٦ ۾ عمل ۾ آيو ۽ ۱۹۲۲ ۾ سندس خاتمو ٿيو. ترڪ فرانس جي انقلاب پرور سرزمين ۽ فرينچ تعليم کان بيداري جو سبق پرائي چڪا هوا. اڳ ڏيکاري آيا آهيون ته لئان ڪاهون Leon Cahun جي وچ ايشيا جي تاريخ جي مهاڳ An Introduction to the History of Central Asia جنهن ۾ تاتاري ۽ منگول قومن جي فتح ڪندڙ چنگيز خان ۽ امير تيمور گورگان جي عظيم الشان ڪاميابين جو ناول جي پيرائي ۾ ذڪر ڏنل هو تنهن ڪتاب جا جلدهه ترڪي زبان ۾ ترجما ٿيا تڏهه ترڪن ۾ پنهنجي قديم تاريخ، قوم ۽ نسل تي فخر ڪرڻ جو شوق جاڳيو. عالمگير جنگ وقت جڏهن يورپ جي ٻين قومن ۾ مثلاً سلاف، پولس، لٽش ۽ ٽيوٽان ۾ قوميت جو ٻج پيدا ٿيو ۽ اُهي زبردست طاقتن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ قوميت جي لشي ۾ هٿ پير هڻڻ لڳيون تڏهن ترڪي قوم جنهنکي يورپ جون عيسائي قومون صدين کان حقارت جي نظر سان ڏسنديون هيون اُهي ترڪ هيٺئر پنهنجن ابن ڏاڏن جي گذريل ڪارنامن کي ياد ڪري قوم کي سجاڳ ڪرڻ لڳا،

عرب جي صدين لاڪر سندن ماتحت هوا تن انگريزن ۽ فرينچن جي دم دلاسن ۽ ناڻي جي لالچ تي ساڻن حجاز، عراق ۽ شام ۾ غداري ڪئي. اهڙي تلخ تجربي حاصل ڪرڻ بعد ترڪن وچ ايشيا (پنهنجي قديم اباڻي وطن) ڏانهن رخ رکيو. ترڪ انقلاب جي هڪڙي پيا نڪ ساگر مان لنگهي رهيا هوا. پر آشوب زماني ۾ انقلاب جي واقعاتن کي منهن ڏيڻ سان گڏ ترڪي اديبن، شاعرن ۽ ايڊيٽرن "ترڪ" Turk لفظ جي تعريف ۾ وڏا ليک لکيا ۽ شعر جوڙيا. روس ۾ رهندڙ تاتاري جوان، عبدالحميد خان جي زماني ۾

روشيا مان لڏي اچي ترڪيءَ ۾ گهر ڪري ويٺا هوا ۽ جي صدين کان توراني قومن کي گڏائڻ جي خواب ۾ هوا، تن مٿين تحرڪ کي زور وٺرايو. انهن ۾ اوغلي يوسف ۽ احمد آغا ييف جا نالا قابل يادگار آهن. اتحاد توراني جي دعوت اُن زماني جي قوم پرست ذهنيت جي بلڪل موافق هئي، ويتر اديبن ۽ شاعرن مٿس قلم کنيا ته تن ۾ هڪڙي قسم جي ٻجلي پيدا ڪري ڇڏي. ڇٽني ڪنڊن کان ترڪ اُنهي جهنڊي هيٺان اچي گڏ ٿيڻ لڳا. ترڪي مورخن مان نجيب عاصم جهڙن عالمن، جنکي يورپ جي زبانن تي ڪافي عبور حاصل هو، تن ترڪي جي قديم تاريخ کي اونداهي مان ڪڍي روشني جي سطح تي آڻي بيهاريو. مورخ احمد رفيق تاريخ جي خاص دورن کي قديم ثابتين سان رونق وٺرائي ۽ ترڪي تمدن جي تاريخ کي علمي اصولن ۾ پيش ڪري هڪ نئين فضا پيدا ڪئي. ترڪي زبان جا اڳ عربي ۽ فارسي رنگ ۾ رڱيل هئي تنهنکي اديبن، شاعرن ۽ مورخن کي چنبي ڇاڻي خالص ترڪي لباس ۾ آڻي بيهاريو. خوش قسمتي سان ترڪي شاگرد، جي فرانس جي مڪتبن ۾ تعليم وٺي ويا هوا، اُهي فارغ ٿي موٽيا. هنن اچڻ شرط ترڪي ڪتابن تي تنقيدن لکڻ کانسواءِ ادبي بحث ۽ مباحثي جي بازار کي اهڙو گرم ڪري ڇڏيو جو ترڪي ادبيات

جمهور جي زندگي جي هر هڪ پهلو لاءِ آئينو بڻجي ويو. حڪومت ترڪي جنهنجون واڳون انور پاشا ۽ طلعت پاشا جي هٿن ۾ هيون تن هن تحرڪ کي سياسي جامون پهرايو. وزارت داخله ۽ وزارت اوقاف تقويت ۽ تبليغ لاءِ خزانن جا در پٽي ڇڏيا. ترڪي جي مشهور اخبارن "اقدام"، "ترجمان حقيقت" ۽ "جون ترڪ" پنهنجا ڪالم ان لاءِ وقف ڪري ڇڏيا. انکانسواءِ وڏيون وڏيون انجمنون مثلاً "ترڪ يوروڊ"، "ترڪ اُجاغي" "يعني توران" وغيره مٿين ڪم لاءِ برپا ٿيون. انور پاشا وزير جنگ پوئين انجمن جو صدر مقرر ٿيو. هن انجمن جي ميمبرن جي ٻلن تي يوري بگهڙ Grey Wolf جي تصوير نڪتل هئي. مٿين انجمن توراني قومن جي جاڳرتا لاءِ پنهنجا ايجنٽ روانا ڪيا. جرمني جا جنگ ۾ ترڪيءَ جو طرفدار هئي تنهن هن تحرڪ کي زور وٺرائڻ ۾ ترڪن جي اخلاقي مدد ڪئي. نتيجو هي نڪتو جو استنبول کان وٺي منگوليا تائين رهندڙ وچ ايشيا جون قومون جنهن ۾ تاتاري، ترڪمان، اُزبڪ، تاجڪ ۽ ايراني اچي وڃن ٿا ۽ جي صدين کان غلامي جي بستري تي غفلت جي ننڊ ۾ ستل هئا، سي آزاديءَ جي ميدان ۾ ٽپي پيا. سر هئري ليوڪ Sir Harry Luke پنهنجي ڪتاب "دي ميڪنگ آف ماڊرن ترڪي" The Making of Modern Turkey ۾ ان بنسبت هڪڙو

خلاصو باب ڏنو آهي. مٿين تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ آنور پاشا فوجي قدم به کنيو. نومبر ١٩١٤ ۾ ١،٥٠،٠٠٠ فوجن سان هن قفقاز تي ڪاهه ڪئي. ١٩١٦ تائين ترڪي فوجون گرانڊ ڊيوڪ نڪولس جي فوجن سان آرمينيا جي برفاني جبلن ۾ مقابلو ڪنديون رهيون. مٿيون بيان مسٽر آرمينيوس Arminius پنهنجي ڪتاب From Serajevo to the Rhine ۾ ڏنو آهي. سندس باب جو عنوان آهي "آنور پاشا جو خواب" گرانڊ ڊيوڪ نڪولس جي فوجن کي آنور پاشا جيتڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪين سگهيو، پر سندس خواب البت سچو نڪتو. پهريون قفقاز جي رهندڙ قومن آذربئجان ۽ جارجيا وارن ۾ بيداري پيدا ٿي، تنهن ڪانپوءِ مٿين حرڪت ايران، بخارا ۽ سمرقند تائين پهچي وئي. اِلي جي قومن رشيا جي خلاف هٿيارن کڻڻ جو پڪو انجام ڏنو. ١٩١٧ ۾ پان تورانيت جو نئون دؤر شروع ٿيو. هڪڙي پاسي ترڪن عربن جي غداري ڪري بغداد هارايو، جنهن ڪري جرمني ۽ انور پاشا، برلن- بغداد ريلوي واري اسڪيم ۾ ناڪامياب رهجي ويا. ايراني نار جو رستو انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويو. ٻئي طرف کان رشيا ۾ انقلاب پوڻ ڪري، اِلي بولشيوڪ حڪومت قائم ٿي ۽ اٽڪل ٨٠٠ توراني، ترڪي ۽ منگولي قومن جا نمائنده اچي ترڪيءَ ۾ گڏ ٿيا. ترڪي فوجون جي هندوقت باطوم ۽ تبريز تائين پهتيون هيون تن جرمنيءَ سان گڏجي مشرق ڏي وڃڻ لاءِ هڪڙو نئون رستو "هئمبرگ-هرات" Hamberg Herat وارو اختيار ڪيو. مٿين اسڪيم به ڪامياب ٿي ڪين سگهي. باڪو ۽ باطوم جي قيمتي تيل جي کاڻين لاءِ انور پاشا ۽ جرمن فوجي وزارت جو پاڻ ۾ تڪرار جاڳيو، پيو ته جنگ ۾ ترڪي جي شڪست ڪاڻ ڪري قريب هو ته ترڪن جي ڇهن سون سالن جي عظمت ۽ جلال جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي وڃي پر ڪا عجيب ۽ غيرمعمولي قوت پيدا ٿي ترڪن لاءِ زندگيءَ جو نئون سامان پيدا ڪري! اهڙي نا اُميدي جي غبار ۾ اُميدي جي جهلڪ نظر اچڻ لڳي. انجمن اتحاد ۽ ترقي جا ميمبر، جنهجي مٿي تي ترڪي جو بوجهو هو، سي ترڪيءَ کي دشمنن جي حوالي ڪري ڀڄي ويا. آنور پاشا بخارا ڏانهن ڀڄي ويو، جمال پاشا افغانستان ۾ پناه ورتي ۽ طلعت پاشا برلن ڏانهن نڪري ويو. هو جلاوطني جي حالت ۾ بي ماني ڪري ڪين وينا. انگوره جي نئي ڪمالي حڪومت مشرق کي بيدار ڪرڻ لاءِ، بولشيوڪن سان گڏجي، ١٩٢٠ ۾ قفقاز جي شهر باڪو Baku ۾ اورينٽل ڪانگريس Oriental Congress برپا ڪئي، جنهن ۾ ترڪي ڊيليگيٽن ڪانسواءِ مشرق جي سڀني ملڪن نمائندن حصو ورتو. مٿين

ڪانگريس ڪانپور صدين جي روس ۽ ترڪي جي دشمني مٽجي ويئي ۽ نئين مضبوط دوستي جو آغاز شروع ٿيو. جارجيا، آذربيجان ۽ داغستان قفقاز جي رهندڙ قومن جون رياستون بولشيوڪن جي سائي هيٺ قائم ٿيون. قارص Kars جو علائقو موٽي ترڪن کي مليو. انور پاشا بخارا ۽ فرغانه جي ترڪن کي فوجي تعليم ڏيئي، هڪڙي فوج "بسما جلار" Basma jilar نالي سان تيار ڪري بولشيوڪن سان جنگ جوٽي ۽ جنگ ۾ مارجي ويو. اڄ وچ ايشيا ۾ تاجڪستان، اُذبڪستان، خيوا ۽ بخارا جون رياستون قائم آهن. اهي سوويٽ سوشلسٽ يونائيٽيڊ رشيا جي ملڪيت آهن، پر سندن مستقبل شاندار نظر اچي ٿو. جمال پاشا جو افغانستان ۾ هوسو اُتي جو جوان نجيب امير صابق امان الله خان جي رهنمائي ڪرڻ لڳو. سندس ڪوشش سان افغانستان ۾ اصلاح جو دور شروع ٿيو. اڄ به ترڪ غافل ڪين آهن. ڪمال اتاترڪ جي سرپرستي هيٺ عراق عرب، ايران، افغانستان ۽ ترڪيءَ جا دوستانه تعلقات قائم ٿي چڪا آهن. مٿين دوستي جون حدون يورپ ۾ ٿريس کان شروع ٿي هندوستان جي سرحد سان لڳن ٿيون، جنهن ۾ چار ڪروڙ رهاڪو اچي وڃن ٿا. يورپ وارا مٿين اتحاد کي "فور سائيڊيڊ پئڪٽ" Four-Sided Pact ڪوٺين ٿا. جي ايها روبڪار جاري رهي ته ڪو وقت ايندو جڏهن نوجوان ترڪ مشرق کي بيدار ۽ آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. هن بيان مان پڙهندڙ ايشيا جي ٻين آزاد حڪومتن - جاپان ۽ ترڪي جي مقصد جي آسانيءَ سان پيٽا ڪري سگهندا.



سکھ ۽ شانتي

ليکڪ:- ارجنداس - بي - ٽارواڻي (فنا).

ڪٿي آهي اُهو حقيقي سک، جنهن جي پائڻ لاءِ دل ۾ زبردست خواهش رهيئي، ۽ جنهن لاءِ ساري دنيا ڀٽڪي پئي! ڪٿي آهي اُهو شانتي جو مندر؟ جنهن لاءِ مها پرش ۽ ٻين ڪيڏي نه ڪوشش ڪئي آهي ته به اُهو حاصل ٿي نه سگهيو آهي !!!

اُهو سک ۽ شانتي، جنهن جي پائڻ لاءِ هر شخص خواهشمند آهي، تنهن جي حاصلات لاءِ پاڻ پاڻ کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي. انهيءَ سک ۽ شانتي جي تلاش لاءِ امير لوڪ غريبن جا گلا ڪپين ٿا. ڪي ته جد وجهد ڪري، ٻنديون، ٻيٽ ۽ جبل ٻيو اڳين ٿا؛ ته من انهيءَ ڪوشش مان اميد سڦل ٿئي. ڪوئي ناچ تماشن ۽ راڳ رنگن مان سک جي طلب ڪري رهيو آهي، ته ڪوئي دنيا کان بي مک... ويراڳي... ٻڌجي، ڌيان ۽ سماڌي ۾ اُن جي پوڄا ڪري پراپڪار ۽ سنتوش جي مارڳ سان انکي پائڻ جي خواهش رکيئو. ڪي پوانتي شڪل اختيار ڪري ڪمزورن کي قابو ڪري اُنهن جو سک پنهنجي قبضي ۾ لائڻ چاهين ٿا، ته ڪي ٻني نوع انسان ٻين تي ديا ڪري پريم مارڳ ۾ اُنجي کوجنا ڪن ٿا. ليڪن چئي نٿو سگهجي ته اُنهن مان ڪير نيڪ رستي هلي رهيو آهي ۽ ڪير غلط رستي تي هلي پنهنجو وقت ۽ عمر برباد ڪري رهيو آهي. وقت وتيمت ڪرڻ لاءِ هتن کي کهڙو لائق رستو ڪڍڻ گهرجي ۽ کهڙو ڇڏڻ گهرجي. پهريائين کهڙي رستي جي اُنهن کي پرتال ڪرڻ گهرجي؟ اڄ ڪلهه اڪثر انسان دولت جي غلامي ڏيکارين ٿا ۽ چوندا ته "جهڙي طرح ست يڳيه ۽ ترينا يڳيه ۾ ڌرم ۽ ستيه جي مهما هئي، اهڙيءَ طرح اڄ ڪلهه جي لاءِ ڌن ۽ دولت جي مهما آهي."

ليڪن اٿين پڻ ڏٺو ويو آهي ته جي شخص اُن ۾ سک سمجهن ٿا ۽ انهيءَ کوجنا ۾ زندگي گذارين ٿا، انهن کي حقيقي سک نٿو ملي. جيتوڻيڪ اُن ۾ سک نه آهي؛ پر ساري دنيا اُن جي طرف تيزي سان ڇو ڊوڙي رهي آهي؟ شايد ماڻهن کي کوڄ ۾ ڪائي ڪمي پيشي ٿئي ٿي، مگر جن کي ايشور دولتمند بڻايو آهي ۽ عزت ڏني آهي؛ گهر، بار ۽ زال ڏني آهي، اُنهن کي به شانتي نٿي

رهي. اُهي رضا تي راضي رهڻ کان پيا ڪيٻائين. هميشه لالچ ۾ وڌيڪ ڦاسندا رهن ٿا. ڪين سنتوش نه آهي، هميشه حرص وڌندو رهندو... جو ڪڏهن به پورو ٿي نٿو سگهي. ڪي ڪي ته اُن گهمنڊ ۾ ايترو چور ٿي ٿا وڃن جو پنهنجا فرض به ڀلجيو وڃن ٿا. ڪي اُن ڪي نسورو خواهشن جي پورت جو وسيلو سمجهن ٿا ۽ چون ٿا ته کائو...... پيئو ۽ مؤج ڪريو......
"Eat, drink and be merry for tomorrow thou shalt die." پوء شانتي ۽ سک ڪٿي نصيب ٿيندو؟

ڌن دولت ۾ سک آهي، جيڪڏهن اُن کي مناسب رستي صرف ڪيو وڃي. ايشور جي ڏنل دولت تي سنتوش ڪرڻ گهرجي ۽ اُن دولت مان توفيق انوسار غريبن دکين ۽ يتيمن جي ڀلائي ڪرڻ گهرجي. اهڙيطرح آتما کي سچو سک پهچي سگهيٿو.

ليڪن سک حاصل ڪرڻ جو هي رستو ڪٺي ناقابل نہ هجي تڏهن به ڪٺن اوس آهي. ماڻهو اڪثر ان ريت هلندي به پنهنجي ڀرم ۾ رهن ٿا. ڏٺو ويو آهي ته اُن رستي تي هلندڙ مسافرن مان ١٠٠ تي صرف ١٠ منزل مقصد تي پهتا آهن، باقي ٩٠ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي تباه ٿي وڃن ٿا، انڪري اهو رستو نيڪ نه آهي. مان تہ اُن رستي جي تلاش ۾ آهيان جنهن تي هلڻ وارا ضرور ئي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميا ب ٿي سگهندا. اُهو رستو ڪهڙو آهي؟ ڇا اهو رستو غريبن جي جهوپڙين وٽان لنگهي ٿو؟ ليڪن اهو به ته تڪليفن ۽ مصيبتن کان خالي نه ٿو معلوم ٿئي. غريبن کي اميرن کان خوف، پوڄن جي دقت، ڪپڙن جي کوٽا هي ۽ رهڻ جي واسطي پڳل پونگي. غريبن ۽ ڪنگالن جا ٻچا مائي گيپي لاء پيا ڳيا ٿين، سردين ۾ اُگهاڙا بدن ٿرٿر ڏڪن ۽ ڦٿڪن ٿا، غريب ٻچڙوال اُن حالت تي روز آنسون وهائن ٿا. پر، ڀلا اُهو سک ۽ شانتي ڪٿي؟ تڏهن ڀلا ڇا ۽ ڪهڙو رستو پڪڙڻ گهرجي؟

دولتمند کي اهنڪار آهي، لالچ آهي، خود غرضي آهي ۽ چورن بدمعاشن جو ڊپ اٿس. غريبي ۾ دک آهي کائڻ پيئڻ جو، ۽ گهٽتائي آهي مان مرجات جي، تڏهن ڀلا ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ نيڪ آهي؟

هڪ نوجوان چنتا ساگر ۾ ٻڏندو ترندو درياه جي ڪناري تي ڪلاڪ کن ويٺو هو. اچانڪ ويجهڙائي وارن گهاٽن وڻن مان هڪ جٽادار ي ڪيس ايندو نظر آيو. اُن مهاتما جو چهرو سورج جيان روشن ۽ منور هو. نوجوان اُٿي ڪري ڪيس پرڻام ڪيو.

مهاتما نوجوان جي ڀاسي ۾ اچي ويٺو. آگيا وٺي نوجوان به هڪ طرف ويهي رهيو. مهاتما چوڻ لڳو، "ٻچا! توکي هتي هرروز ويهندي ڪيترا

ڪلاڪ ٿيا آهن؟ تون ڪهڙي ڳالهه جو ويچار ڪري رهيو آهين، سو مان ڄاڻان ٿو. تون سنسار ۾ جو دک سمجهين ٿو سو اصل دک نہ آهي، ۽ جنهن کي تون سک سڏين ٿو سو حقيقت ۾ سک نہ آهي. جنم ۽ مرڻ، سڀ کان ڀاري دک آهي، جو انسان کي سهڻو پوي ٿو. ان جي تدارڪ جو، ان جي دور ڪرڻ جو نالو سک آهي. اُن کي "موکش" چئجي ٿو. موکش پائڻ لاءِ تون سڀ کان پهرياثين پنهنجو پاڻ کي وس ۾ ڪر ۽ ايشور سان پريم ڪرڻ سک. جڏهن تون خود ان جو (پرميشور)، ۽ هو تنهنجو ٿيندو تڏهن ئي توکي سچو سک ۽ شانتي حاصل ٿيندي."

نوجوان- "ڇا دنيا کان ڪنارو ڪرڻ، جهنگل جي رهائش اختيار ڪرڻ ۾ سک حاصل ٿي سگهيتو؟"

مهاتما- "منهنجو مطلب سنسار ڇڏي، جهنگل ۾ رهائش اختيار ڪرڻ سان هرگز نہ آهي. جيستائين تون پنهنجي اندرين تي پورو قبضو حاصل نہ ڪندين تيستاءِ تنهنجو جهنگل ۾ پڻڪڻ بيسود آهي. پريوءِ سان سچو پريم تڏهن ٿيندو، جڏهن تون اُنجي هرهڪ چيز سان سچو پريم ڪرڻ سکندين. پراڻي مائر سان پريم، قوت انوسار همدردي ۽ ايشور جي پيدا ٿيل هرهڪ چيز سان جائز ۽ صحيح استعمال، اهوئي ايشور پراپتيءَ جو رستو طيءِ ڪرڻ آهي. جڏهن هيءَ نيڪ خيال تنهنجي دل ۾ داخل ٿيندا تڏهن تون هنجو پيارو ٿي سگهندين. سنسار کي ڀلي پيار ڪر، پر اُن ۾ غرق نہ ٿيءُ. هيءَ سنسار اُن گهڙي (دلي) جيان آهي جنهن ۾ ڪنن تائين مصري جي چاشني ڀري رهي ٿي. اُن ۾ رهندي بہ، تنهنجي حالت اُن مک وانگر نہ هئڻ گهرجي جا آتم ترپتي جي واسطي بي صبر ٿي گهڙي جي اندر ٻڏي وڃي ٿي، ۽ جان ڏي ٿي. پر تون اُن ماکي جي مک جيان ٿيءُ جا گهڙي جي ڪني تي چست ٻڌجي ويهي رهي ٿي ۽ وشين جو سواد وٺندي بہ موقعي اچڻ تي پريو جا گن ڳائيندي اُڏامي وڃي ٿي. اڄ فقط ايترو ئي ڪافي آهي. ٻيهر ڪنهن موقعي ملڻ سان اڳتي ٻڌائيندس. حال متين ٻڌايل ڳالهين جو ابياس ڪر."

ايترو چئي مهاتما هڪ طرف وڃي ويندو رهيو. نوجوان جي دل ڪجهہ هلڪي ٿي ۽ هو خوش ٿيندو گهر موٽي آيو.

وڏي دل

وزن:- فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر:- رمل مثمن محذوف

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري - تون به رهه، مان پڻ رهان؛
آڻ من ورليءَ ۾ ڦيري - تون به رهه، مان پڻ رهان.

١- آڻ عزت ڪا نه آهي شخصيت ۾ جاءِ جي،
دل جي ڪنهن همدرد ڀاڳي ۾ ڀلا ٿوري نه ڏي؛
تنهنجي منهنجي ڪر جهڪيري - تون به رهه، مان پڻ رهان.
٢- گرچ هموطني نه آهين، ديس واسي تي گذار،
ديس واسيءَ ڪان وڏو دنيا نواسي تي نهار؛
ڏر نظر پختي پڪيري - تون به رهه، مان پڻ رهان.
٣- تنگ مذهب ۾ نه ماپون، قوميت ۾ جاءِ ڏي؛
پاڻپيءَ، انسانيت، روحانيت ۾ جاءِ ڏي؛
ڇڏ دئيءَ جي ديد ميري - تون به رهه، مان پڻ رهان.
٤- پنهنجي شاهي محل مان جي گهٽ ڪندين ڪا ڪوٺڙي،
بي اَجهي مون جهڙي لاءِ پوندي تهي سؤ جهوپڙي؛
ڪر تمنا گهٽ تڪيري - تون به رهه، مان پڻ رهان.
٥- تنهنجي دسترخوان تان جيڪي وڃي افراد تو،
بالفضوليءَ جي هٿان جيڪي ٿئي برباد تو؛
تنهن تي ڪر چوڪس چنگيري - تون به رهه، مان پڻ رهان.
٦- عشرتي پيالي مان تنهنجي بوند جي هڪڙي بچي،
هوند داٺا اُن جا تي قوُت غربا ۾ اچي؛
ايءَ بچت برڪت ڀليري تون به رهه، مان پڻ رهان.
٧- باغ عشرت تنهنجي مان جي ٻوَر ڪندن جا بچن،
بي يتيمن ٻوُنگن يتن جا هوند تي لوڙها پون؛
سمجهه رک سالم سچيري - تون به رهه، مان به رهان.
٨- ملڪ گيريءَ جي هوس؟ هن پيٽ چنتا جي سمي!
خوُن هارڻ جي ڇا؟ **بيوس** سيپتا جي سمي!!
روز روشن ۾ انڌيري!!! تون به رهه، مان پڻ رهان.

ڪشنداس تيرٿداس ڪتري (بيوس)

News, Notes and Comments

معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ سرڪار ويچار ڪري رهي آهي. تہ ڪي اهڙا اپاءُ وٺجن جنهن ڊاڪٽر وڃي ڳوٺن ۾ اسپتالون کولي ويهن. سرڪار هن سال جي بجيٽ ۾ ويهہ هزار روپيہ رکيا هئا تہ جيڪي ڊاڪٽر ڳوٺن ۾ وڃي ويهن تن کي سرڪار پاران ڪجهہ لوازمو ڏجي؛ پر ڏسجي ٿو تہ فقط سکر ضلع ۾ هڪ ڊاڪٽر سرڪار جا شرط قبوليا آهن. چوڻ ۾ ٿو اچي تہ ان ڪري گهڻا ڊاڪٽر ڪو نہ آيا، ڇاڪاڻ تہ سرڪار جو شرط هو تہ جن ڊاڪٽرن کي سرڪار جو لوازمو ملندو سي ٽيهن روپين کان گهٽ ڪمائيءَ وارن کان في نہ وٺندا. سرڪار ان ڪري ويچار ڪري رهي آهي تہ شرطن ۾ ڪجهہ ڦيرقار ڪجي.

معلوم ٿو ٿئي تہ ڳڏيل علائقن جي ڪانگريس وزارت پرڳڻي جي ٧٨٨ ڳوٺن جي سڌاري لاءِ ٥ لک روپيہ منظور ڪيا آهن.

ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي سنڌ اسيمبلي جي ڪانگريس ميمبر سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ بل پيش ڪيو آهي تہ هندو زالن کي ملڪيت ۾ ورثي جو حق ملي.

سر تيج بهادر ساپرو ۽ سر اڪبر حيدري تازو وائسراءِ سان ملاقات ڪئي. راڄنيتي مرڪزن ۾ هن ملاقات کي وڏي اهميت ڏني ٿي وڃي.

لارڊ لوٿين هندوستان جي اڳوانن کي ملاقات ۾ چيو تہ فيڊريشن هندوستان ۾ هڪ سال اندر برپا ٿي ويندي.

لنڊن ۾ هڪ هتراڊو ماڻهو ناهيو ويو آهي جنهن سڀني ڊاڪٽرن ۽ سائنسدانن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اهو هتراڊو ماڻهو سگريٽ ڇڪي ٿو، موٽر هلائي ٿو، شراب پئي ٿو، ٽوپلو ڪڍي ٿو ماڻهن سان سلام ٿو ڪري ٿو ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪري سگهي ٿو. اهو ماڻهو لنڊن جي سيواءِ هوٽل ۾ رکيل آهي ۽ سنڌس نالو ريوپرٽ آهي.

ريوپرٽ کي لنڊن ۾ هڪ انگريز مسٽر ڪروزيگر آندو آهي جنهن کي منع ٿيل آهي تہ انجي ناهيندڙ جو نالو ظاهر نہ ڪري.

بينگال جي پرانتڪ راڄنيتي ڪانفرنس

جنيندڙ موهن راءِ جي پڙدا اپٽي هيٺ گڏ ٿي جتي ٥٠٠ کن عيوضي حاضر هوا. سباش بوس، ايم. اين. راءِ ۽ اسيمبليءَ ميمبر حاضر هئا. پريزيڊنٽ پنهنجي تقرير ڏيندي چيو ته افسوس آهي جو بينگال ۾ ڪانگريس ڳوٺن ۾ ايترو ڪم نه ڪري سگهي آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو بينگال ۾ غير ڪانگريس وزارت استاپن ٿي ويئي آهي. انهيءَ ڪري چيائين ته ديش بندوداس ڳوٺن جي اڌار سڀا جي متي پٽاندر اسان کي پگهاردار ڪم ڪندڙ ڪي ڳوٺن ۾ انقلاب ڪڙو ڪرڻ گهرجي. هندن ۽ مسلمانن ۾ چياءِ ته ڪهڙا تفاوت موڙها آهن جو اسين پاڻ ٺڪري رهيا آهيون.
مسٽر ايم. اين. راءِ اپيل ڪئي ته بينگال ۾ سڀ ڌريون اچي گڏجي يڪمشت ٿي بيهو.

لارڊ لوٿين ولائت اسهڻ وقت هيٺيون سنيهو ڏيئي ويو. هن چيو ته هندوستان ۾ ٨ هفتا مون بلڪل مزي جا گذاريا جنهن لاءِ انهن سڀني جو شڪر گذار آهيان جن مونکي هر طرح جون سهوليتون ڏنيون. هن خاص طرح جيڪي ڏينهن مهاتما گانڌي سان گڏجي گذاريا سي چيائين ته بلڪل مزي جا گذاريم. ڪڇي جهوپڙي جو آزمودو ٻڌائيندي چيائين ته ان کان وڌيڪ ٻي سنهنجي جڳهه ڪانه آهي. ان جهوپڙي کي هميشه ياد ڪندس. چيائين ته مون کي هندوستان جي تجربي بابت ڪو به ڪتاب لکڻو ڪونه آهي ۽ نه ڪو چوڏس ڦهلاو رستي ان بابت تقرير ڪندس ڇاڪاڻ ته مان ايترو وقت ملڪ اندر نه رهيو آهيان جو پوري طرح ڪجهه به ڇئي! سگهان.

ڪنڊڪوٽ مان هڪ اسيمبلي ميمبر مسٽر زين الدين جو موت ٿيو. ان جڳهه لاءِ جا چونڊ ٿيندي تنهن لاءِ سر غلام حسين جي پارٽي هڪ طرف پنهنجو ماڻهو بيهارڻ واري آهي ته خان بهادر الله بخش جي ڌر پنهنجو ماڻهو ٿي بيهاري.

هڪ مولچند نالي سنڌي جادوگر جو ڪوڪا، شيشا ۽ بليڊس وغيره کائي ويندو هو ۽ ايسڊ پي ويندو هو تنهن جو جادو ڪندي موت ٿيو آهي. چيو وڃي ٿو ته هو کيل ڏيکاريندي نٽرڪ ايسڊ پي ويو ۽ هو يڪدم ڪري پيو ۽ کيس اسپتال ۾ نيو ويو جتي هو مري ويو.

پروفيسر گهنشيام اسيمبلي ۾ هڪ بل موڪليو آهي ته سنڌ اندر اڻ پورين شادين تي روڪ پوي. بل جي فقرن موجب ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي عمر جو تفاوت ٢٠ ورهين کان وڌيڪ نه هئڻ کپي يعني ڪا به ڇوڪري ان مڙد سان شادي نٿي ڪري سگهي

جنھن جي عمر ڪانئس ٢٠ ورھين ڪان مٿي آھي. اھو بندن صرف ٢٠ ورھين ڪان ننڍي عمر وارين ڇوڪرين سان لاڳو ٿيندو.

جيڪو ان نموني ڀڃڪڙي ڪندو تنھن کي بل جي فقرن موجب ٦ مھنن تائين جيل ۽ ڏنڊ جي سزا ملي سگھندي. جيڪي ان شادي ۾ واھر ڪندا تن کي ٽن مھنن تائين جيل جي سزا ملندي. واھر ڪندڙ زال کي رڳو ڏنڊ جي سزا ملندي.

سنڌ جو گورنر چـــڻ ۾ اچي ٿو ته اپريل ۾ موڪل تي وڃڻ وارو آھي. سندس جاءِ تي ائڪٽنگ گورنر ڪير ٿيندو؟ تنھن بنسبت راجنيتي مرڪزن ۾ چوبچو ھلي رھي آھي.

ٻڌجي پيو ته مسٽر ڊيوس جڊيشل ڪمشنر ۽ مسٽر ڪالنس روينيو ڪمشنر انھي عھدي لاءِ اميدوار آھن.

مدراس ڪائونسل وڏي گھڻائي سان فيڊريشن کي ننديڻ جو ٺھراءُ پاس ڪيو. اھو ٺھراءُ ڊاڪٽر راجن ڪانگريس اڳوان اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ھو. سر ڪي وي ريڊي ۽ سر محمد عثمان ٺھراءُ جي مخالفت ڪئي. ڊاڪٽر راجن تقرير ڪندي چيو ته اھو اسان جو اعتقاد آھي ته فيڊريشن جو سرشتو ناممڪن ۽ عمل ۾ نہ اچڻ جھڙو ۽ اڻ پورو آھي.

ساڳئي قسم جو ٺھراءُ ١٩ جنوري تي مدراس جي اسيمبلي اجلاس ۾ پڻ پاس ٿيو ھو.

جپان سرڪار ڏيڍ ڪروڙ ييَن جي ڊيل وڌائڻ جي رٿ رٿي آھي. سئنيمائن، ناٽڪن، ھنرن ۽ واپار جي فائدي لي ٤٨ سيڪڙو ڊيلون وڌايون ويون آھن.

بينگال پرانتڪ ڪانفرنس سباش بابو کي اختياري ڏني آھي ته اوھين بلاشڪ ڪانگريس ۾ ٺاھ آڻڻ لاءِ نئين پرانتڪ ڪاروباري ڪاميٽي ٺاھيو ۽ ڪلڪتہ ڪانگريس ميونسپل ائسوسئيشن نسبت ۾ جيڪا واجبي ڦيرڦار ھجي سا ڦيرڦار ڪريو ۽ جي ضرورت ڏسڻ ۾ اچي ته ڀلي ائسوسئيشن ڊاھي وڃي.

بھار جي ڪانگريس وزير اعظم مسٽر سري ڪرشن سنھا مظفرپور ۾ تقرير ڪندي چيو ته راڄنيتي قيدين جون حياتيون ڪانگريس وزيرن وٽ ھڪ پوتر امانت آھن ۽ کين آزاد ڪرائڻ لاءِ ھر ڪا ممڪن ڪوشش ڪئي پيئي وڃي. ڪانگريس وزيرن کي ماڻھن وٽان ان باري ۾ يادگيري ملڻ جي ضرورت نہ آھي، ڇاڪاڻ ته اسانکي ھميشہ پاڻکي ماڻھن جو عيوضي سمجھڻ گھرجي.

معلوم ٿو ٿئي ته اختياريءَ وارن فيصلو

ڪيو آهي ته ٢٠ هزار هارين کي هر پيور ڪانگريس ۾ ڇڙن آئن جي معمولي في ڏيڻ تي رهايو ويندو. اهو به بندوبست ڪيو پيو وڃي ته هارين کي ڇهه پيسا روز ڏيڻ تي ڪاڏو ڪارايو وڃي. نماوجي داخلا في ٢ آنا آهي ۽ ڪليل اجلاس ۾ گهٽ ٽڪيٽ هڪ روپيه آهي.

——

مدراس اسيمبلي ۾ ”وندي ماترم“ جي معاملي خراب روپ اختيار ڪيو آهي. ٨ مسلمان ميمبر مسٽر عبدل حميد خان مسلم ليگ پارٽي جي اڳوان پنيان ”وندي ماترم“ ڳائڻ جي سوال تي اعتراض طور اٿي ويا.

جڏهن اسپيڪر مسٽر سميا مورتي ڪرسي تي وينو ۽ پرارٿنا ڪرڻ لاءِ سيني کي چيائين ته مسٽر حميد خان اعتراض ورتو ته ”وندي ماترم“ راڳ نه ڳايو وڃي. پر اسپيڪر سندس ڳالهه نه ٻڌي. تڏهن هو پنهنجن ميمبرن سان گڏ نڪري ويو.

ان بعد ”وندي ماترم“ جو گيت ڳايو ويو. ان بعد پرڏان پهريون دفعو انگريزي ۾ پريو جي پرارٿنا ڪئي. مسلم ميمبر ان انگريزي پرارٿنا وقت به نه آيا.

هو پوءِ ڪم شروع ٿيڻ وقت آيا.

——

سنڌ ڪانگريس پرگڻن وانگر، سنڌ سرڪار به فيصلو ڪيو آهي ته هندا سيمبليءَ تي ڪو به سرڪاري عيوضي نه ڇاڇي.

پنڊت جواهر لعل نهرو ڪانگريس پريزيڊنٽ جي آزاد علائقي ۾ پير پائڻ جي خوشيءَ جي يادگار ۾ آزاد علائقي جي آفريدين پهاڙن تي ساري رات باهيون ٻاريون. ١٥ جدا جدا جڳهن تي باهيون ٻاريائون. ڪوتال جي اوچي پهاڙ تي به باهه ٻاري هئائون. اهي باهيون اڌ رات تائين پئي ٻريون. باهه جي روشنائي ڏهن ميلن ۾ ڏسڻ ۾ پئي آئي.

——

سيٺ گووندداس هندا سيمبليءَ جو ميمبر جو تازو ڏکڻ آفريڪا مان ٿي آيو آهي، تنهن پڌرائيءَ ۾ چيو آهي ته ڏکڻ آفريڪا ۾ هندوستانين سان انسانن جهڙي هلت نه ٿي ڪئي وڃي. هرهڪ قدم تي ڪين بي عزتي ٿيڻ جو خطرو ٿو رهي. پورچوگيز آفريڪا ۾ هندوستانين سان سٺي هلت ڪئي ٿي وڃي، پر ڏکڻ آفريڪا جتي هندوستاني برطانيه سرڪار جي رعيت آهن، اتي ڪين ستايو ٿو وڃي. هاڻوڪي سيپتا جي زماني ۾ اهڙي خراب هلت ڪئي به ڪانه ٿيندي هوندي.

——

آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي کي خبر آئي آهي ته زنزيبار مان هڪ سفارت نڪتي آهي جا هندوستان ۾ گشت ڪندي ۽ لونگن جي پورن بهشڪار لاءِ پرچار ڪندي. اها سفارت ڪانگريس جي موقعي تي پڻ حاضر هوندي.

سنڌيءَ جو بخت بالا!

ڇنبو جو سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائي ۾

سرڪاري طرح جاءِ ملي اٿس!!

پوءِ ڇو نہ حب وطن ڌاريو، سنڌي ۾ ڪم، ونوءَ سنڌي ساهتيہ کي همٿايو؟

خريد ڪريو:- مسٽر منوهرداس ڪوڙيمل جا لکيل تازا ڪتاب.

(١) **اخلاقي آواز** تازي عمدو ڪتاب سنڌيءَ جو سينگار جو تازو شايع ٿيو آهي. صفحا ڏيڍ سؤ- ڇهن تصويرن ساڻ، پنو ڇاپو بيحد عجائب اٿس. مغرب ۾ ڇپيل ڪتابن جي سڌ پيو لاهي. ننڍين خواه وڏن لاءِ مفيد. قيمت فقط اٺ آنا.

(٢) **اخلاقي آکاڻيون** ڇپايل ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل جو.

(٣) **هند جو سڳر** (ست تصويرن ساڻ) (پريس ۾)

(٤) **پڇمي نارين جا چرتر** (٩ تصويرن ساڻ) قيمت چار آنا

(٥) **ٽالسٽاءِ جا اوائلي آزمودا ۽ خيال**

قيمت:- لسو پنو پنج آنا — بنا لسي پني ٽي آنا.

ڇپايل سنڌو ساهتيہ منڊل جا

(٦) **"سنڌ ۾ ڪيٽي"** قيمت ٽڪو

(٧) **وات جي صحت** قيمت ٻہ آنا (تصويري)

ملڻ جو هنڌ:- 28/6 ڪاسماپاليٽين ڪالوني ڪراچي سنڌ.

ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل حيدرآباد سنڌ

"سنڌو" آفيس ميان جو ڳوٺ شڪارپور سنڌ

ٻونگريءَ جو بال امرت

ڇا آهي؟

(١) هيءَ هڪ تمام سٺي ۽ مقوي خوراڪ آهي.

(٢) اها خوراڪ ڪمزور ۽ ضعيف ٻارن کي تندرست ٿي رکي.

(٣) هن دوا ۾ هر ڪنهن قسم جي، هڏن جوڙڻ جو معدو آهي.

(٤) هيءَ دوا ٻارن کي کنگهہ وغيره مرضن کان پري ڪري ڏندن نڪرڻ ۾ سهوليت ٿي پيدا ڪري.

ملي سگهندي:-

هر ڪنهن شهر ۾ هر ڪنهن دوا فروش وٽان.

Reg. No S, 437. FEBRUARY 1938.

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهه ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڌَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهه ٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۾ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهه ڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)